

سنڌ ۾ مارڪسزم-ليننزم جو پرچارڪ
ٻه ماهي
سماجواد
13
ڪامريڊ شهيد حسن ناصر
1928-1960

سنڌ ۾ مارڪسزم – ليننزم جو پرچارڪ

ٽه ماهي

سماجواد

حيدرآباد

(تيرهين ڪڙي) ڊسمبر 2013 / جنوري 2014ع

ايڊيٽر

شاهه عنايت

ايڊيٽوريل بورڊ

بادل سنڌي، شفقت قادري، لطيف لغاري
سڏارت ڪولهي، بخشل ٿلهو، ڪامريڊ آزادي ماڇي، فيض ڪيريو

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

انور حسين سومرو

قيمت: =/50

لکپڙهه لاءِ ايڊريس
فليٽ نمبر 310- 311 V.I.P اپارٽمينٽ
مين قاسم آباد، حيدرآباد
Cell # 03443333888

فهرست

ايڊيٽوريل

ڪنپي گم ڪيل سياسي ڪارڪنن جي گمشدگيءَ واري سوال جو جواب

ڪنپي گم ڪيل بلوچ سياسي ڪارڪُنن جي آزاديءَ لاءِ 27 آڪٽوبر 2013ع تي ڪوئٽا منجهان نڪتل پيرين پنڌ قافلو ماما قدير بلوچ جي اڳواڻيءَ ۾ 22 نومبر 2013ع تي، 26 ڏينهن ۾ ساڍا ست سو ڪلوميٽرن جو سفر طئي ڪري ڪراچي پهچي ويو. قافلي ۾ شريڪ ماڻهن جي اڪثريت اهڙن خاندانن جي هئي جن منجهان ڪنهنجو ڪو پُٽ ته ڪنهنجو پيءُ، ڪنهنجو مُڙس ته ڪنهنجو ڀاءُ ورهين کان رياستي ڳجهن ادارن وٽ "گُم" ٿيل هئا.

گم ٿيل بلوچ سياسي ڪارڪنن کي ظاهر ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪندي ڪندي پاڻ "گُم" ٿي ويل ۽ ٿي سالن جي طويل عرصي تائين ڳجهن ادارن جي عتاب هيٺ رهڻ ڪانپوءِ زخمن ۽ گولين سان پرُڻ ٿيل هڪ لاش جي صورت ۾ ملندڙ "جميل ريڪيءَ" جو پوڙهو جُهور پيءُ ماما قدير پنين ٽي چار سالن کان بلوچستان منجهان ڪنپي گُم ڪيل ماڻهن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. ان مقصد لاءِ جوڙيل سندس سماجي تنظيم "وائيس فار بلوچ مِسنگ پرسنز" مطابق سال 2013 جي پهرين نون مهينن ۾ بلوچستان ۾ اهڙا 405 نوان ڪيس ظاهر ٿيا آهن. بلوچستان جي گهرو توڻي قبيلائي مامرن واري کاتي طرفان جاري ڪيل هڪ رپورٽ مطابق پنين ٽن سالن ۾ (جنوري 2010 کان سيپٽمبر 2013 تائين) بلوچستان منجهان ڪُل 592 چچريل لاش مليا آهن. ستر جي ڏهاڪي ۾ نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) جي هڪ سرگرم ڪارڪُن رهندڙ ماما قدير بلوچ انساني حقن وررِي عالمي تنظيم (HRCP) کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ان تازي صورتحال تي تمام گهڻي ڏُک ۽ پريشاني جو اظهار ڪندي ٻڌايو ٿي ته "ستر جي ڏهاڪي ۾ سياسي ڪارڪُن گرفتار ٿيندا هئا، مٿن ڪورٽن ۾ ڪيس هلندا هئا ۽ پوءِ ڪجهه عرصي ۾ سندن ضمانت ٿي ويندي هئي. ايئن ته ڪڏهن به نه هو ته اچانڪ سان ڪو سياسي ڪارڪُن گم ٿئي ۽ سندس نالو نشان ئي ظاهر نه ٿئي!"

جيتوڻيڪ بلوچستان ۾ هڪ عمومي راءِ مطابق ۽ خود ماما قدير بلوچ وٽ بلوچستان منجهان ڪنپي گم ڪيل ماڻهن جو تعداد 18 هزار کان مٿي آهي. تنهن هوندي به ڪوڙ سارن غير جانبدار ادارن جي ڪيل ڇنڊڇاڻ مطابق 2005 ڪانپوءِ ماڻهن جي ائين ڪنپجڻ ۽ گم ٿي وڃڻ ۾ آيل تيزيءَ بعد هينئر تائين ملڪ ۾ لڳ ڀڳ ڇهه هزار ماڻهو گم آهن جن منجهان ساڍا چار کان پنج هزار ماڻهو بلوچ آهن. جن ۾ پڻ اڪثريت نوجوان سياسي ڪارڪنن جي آهي.

ڪنپي گم ڪيل ماڻهن جي تعداد توڻي مڪمل سڃاڻپ بابت گهربل

چاڻ جي شديد ڪوٺ جو احساس هوندي به اهو اندازو لڳائڻ ڪو گهڻو مشڪل نه آهي ته انهن ”جبري گمشدگين“ جا پيرا ڪيڏانهن وڃن ٿا؟ انساني حقن جي عالمي تنظيم سان لاڳاپيل هڪ سينيئر ترقي پسند ليکڪ ۽ صحافي حنيف محمد چواڻي اهي ”غير لاپته“ ماڻهو بي لغام رياستي ڳجهن ادارن جي چنبي کان ٻاهر نه آهن. تازو ئي گم ٿيل ماڻهن بابت سپريم ڪورٽ ۾ هلندڙ ڪيس جي ٻڌڻيءَ دوران سُپريم ڪورٽ جي جسٽس، جسٽس انور ظهير جماليءَ چيو ته ”انهن سمورين گم شدگين جا پيرا رياستي ڳجهن ادارن ڏانهن ئي وڃن ٿا.“ پر تڪليف ڏيندڙ ڳالهه هيءَ آهي ته ڪراچيءَ کان ڪشمير تائين هر قسم جي سياسي مخالفت تي لامارا هڻندڙ قانون نافذ ڪندڙ اهي ادارا پاڻ سمورين قانوني حد بندين کان آجا ٿا محسوس ٿين. چاڪاڻ ته حڪومتون ڊهن يا نهن، ڪورٽن ۾ ڪيس هجن يا اخبارن ۾ بيان، اسيمبلين آڏو احتجاج هجن توڻي لانگ مارچ، اهي ادارا انهن سمورين ”موسمي تبديلين) کان بي نياز ”پنهنجو ڪم“ ڪندي نظر اچن ٿا. پنهنجي پُٽ جي جبري گُمشدگي ۽ قتل جو ڪيس آئي ايس آءِ جي اڳوڻي سربراهه جنرل پاشا تي داخل ڪرائيندڙ ماما قدير بلوچ ڪراچي پريس ڪلب آڏو صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هينئر تائين گم ٿيل ماڻهن جي ڪيس جون 91 ٻڌڻيون گذري چُڪيون آهن پر ڪا خاص اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي.

حيراني جي ڳالهه اِها آهي ته پيپلز پارٽي جي حڪومتي دؤر ۾ گم ٿيل ماڻهن جي مامري تي سياست ڪندڙ نواز ليگ جي هاڻوڪي حڪومتي دؤر ۾ نه صرف اهڙين جبري گمشدگين جي واقعن ۾ تيزي آئي آهي، پر ويتر مرڪزي حڪومت به صدارتي آرڊيننس ذريعي ڳجهن ادارن جي اهڙين اُرهه زوراين کي قانوني تحفظ پڻ فراهم ڪيو آهي. گم ٿيل ماڻهن جي مامري تي اٿيل تازي شور ۽ سپريم ڪورٽ جي ڪنهن اٿوڻندڙ امڪاني فيصلي جي خوف سبب 20 آڪٽوبر 2013 تي صدر پاران پاس ڪيل ”تحفظ پاڪستان آرڊيننس“ موجب ”رياست جي رِٽ (Writ) کي پوري طاقت سان بحال ڪيو ويندو. خوف ۽ دهشت جي سياست ڪندڙ ڌرين کي قوم، رنگ، نسل توڻي مذهب جي تعريف ڪانسواءِ ”ڌاريا دُشمن“ تصور ڪيو ويندو ۽ هڪ ذريءَ جي رعايت ڪانسواءِ ساڻن پوري طاقت ۽ سختي سان مُنهن ڏبو“ نه صرف ايترو پر ان آرڊيننس کان صرف 10 ڏينهن اڳ (10 آڪٽوبر 2013 تي) پاس ڪيل هڪ ٻئي صدارتي آرڊيننس ذريعي 1997 واري ”پاڪستان دهشتگردي ايڪٽ“ ۾ آندل ترميمن بعد هاڻي اهي ادارا صرف شڪ جي بنياد تي مشڪوڪ ماڻهن کي ڪنهن به قانوني چاراجوئي ڪانسواءِ اڻ ڄاتل مُدي تائين پنهنجي حراست ۾ رکي سگهندا ۽ اهڙن ڪيسن ۾ فون ڪال کان ويندي ايس ايم ايس تائين ”شاهديءَ“ طور استعمال ڪري سگهندا، جيڪي عام ڪيسن ۾ پروسي لائق شاهديون ناهن سمجهيون وينديون، گم ٿيل ماڻهن جي معاملي تي سپريم ڪورٽ طرفان جوڙيل ٽي رُڪني ڪميشن جي هڪ رپورٽ مطابق صرف ٽن مهينن اندر (جولاءِ 2013 کان سيپٽمبر 2013

تائين) اهڙا 80 نوان ڪيس ظاهر ٿيا آهن. ٻئي پاسي خود بلوچستان ۾ پراڻي بلوچ قومپرست اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالمالڪ بلوچ جي (آڪٽوبر 2013 تائين) پنجن مهينن جي حڪومتي دؤر ۾ 64 ماڻهو ڪنهن گم ٿي ويا آهن ۽ 56 ماڻهن جو قانون کان ماورا قتل ٿي چُڪو آهي.

حقيقت اها آهي ته مرڪز ۾ پي پي جي حڪومت هجي يا ن ليگ جي ۽ بلوچستان ۾ اهو رعيساڻي هجي يا مالڪ بلوچ، گم ٿيل سياسي ڪارڪنن جو مامرو، انهن مٿاڇرين تبديلين کان گهڻو هيٺ هن نظام ۽ هن رياست جي بيهڪ سان وڏيڪ سلهاڙيل آهي. عالمي طور تي سرمائيداراڻو نظام ۽ پاڪستاني رياست، جنهن قسم جي داخلي بحران ۽ تضاد منجهه ڦاٿل آهن انهن منجهان جمهوري طور تي نڪرڻ جوواحد دڳ هن نظام ۽ هن رياست جي نفي آهي، تنهنڪري "دهشتگردي مخالف جنگ" جي طبل تي پوري دنيا جون بورجوا رياستون ڪڏڻ شروع ڪن ٿيون چاڪاڻ ته انهيءَ مد ۾ نون قانونن جي آڙ ۾ ڪين پاڻ مخالف قوتن ڪي چٽڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ۽ سياسي ڪارڪنن کي ڪنهن ڪين قانون کان ماورا قتل ڪرڻ جهڙيون ڪاروايون پوءِ قانون جي دائري ۾ اچي وڃن ٿيون. اهڙي ريت انارڪي تي آڌاريل هي نظام ۽ هي رياست سماج اندر انتها پسند رجحانن کي همٿائي پنهنجي هئڻ جو جواز پيدا ڪري ٿي. اهڙي صورتحال ۾ عوامي قوتن کي سمجهڻ گهرجي ته رياست تي سوال رکڻ بغير هن نظام سان ويڙهه يا نظام تي سوال رکڻ بغير صرف رياست سان ويڙهه هڪ بي معني شئي ٿي پوي ٿي ۽ ٻيو اهو ته ڪنهن گم ڪيل سياسي ڪارڪنن جو اشو هڪ اهڙو مامرو آهي، جنهن خلاف ترقي پسند ۽ آزادي پسند قوتن کي عوام کي منظم ڪرڻ ۾ جيتري دير لڳندي، نظام ۽ رياست جي تبديليءَ جو سوال به اوترو ڏور ٿي ويندو.

ڏيهي سياسي صورتحال

مذهبي بنياد پرستي: سبب، نتيجا ۽ حل

شاهه عنايت


8 آڪٽوبر 2013 تي ڏاڪٽي سنڌ جو هڪ ننڍڙو شهر ”پنگريو“ ان وقت سنڌي توڙي غير سنڌي ميڊيا جي خاص خبرن تي ڇانئجي ويو جڏهن اتي ماڻهن جي هڪ انبوهه هڪ تازي روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل پوري ڀيل جو مڙهه صرف ان بنياد تي سندس قبر مان



ڪڍي گهليندي اچي هڪ ميدان ۾ ڦٽو ڪيو ته پُورو ”هندو“ هُيو ۽ ڪيس مسلمانن جي قبرستان ۾ دفن ٿيڻ جو ڪوبه حق حاصل نه هو. ان واقعي جي رپورٽ ٿيڻ شرط ئي ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين سنڌ جا سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقا تحرُڪ ۾ اچي ويا ۽ ڌرڻن، مظاهرن توڙي ريلين سميت سمورن سياسي / غير سياسي فورمن تي ان واقعي جي ڀرپور ننڌا ڪندي ۽ ”سنڌ جي سيڪيولر رُوح“، مجروح ٿيڻ تي احتجاج ڪندي نظر آيا. سڄي سنڌ ۾ هندو برادري سان يڪجهتي جو وچن ورجائيندي ڪوڙ سارا پروگرام ترتيب ڏنا ويا ۽ ڪُجهه ئي هفتن بعد هندومت جي هڪ وڏي ڏڻ ”ڏياريءَ“ کي هندو ڀائرن سان گڏجي ملهايو ويو. سنڌ ان واقعي تي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي هڪ ڀيرو ٻيهر خاموش

ٿي وئي.

ڏٺو وڃي ته پوري پيل جو واقعو نه ته سنڌ ۾ وڌندڙ مذهبي عدم رواداريءَ جو ڪو پهريون مثال آهي ۽ نه ئي اُن خلاف سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن طرفان ٿيندڙ اهو احتجاج ڪا نئين حقيقت آهي. سنڌ جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ سياسي ۽ معاشي طور ڪمزور اقليتن سان اهڙيون ڄُڻون ته هڪ ڇڳي عرصي کان جاري آهن، پر ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مذهبي شدت پسنديءَ جي ڪجهه ڇرڪائيندڙ واقعن جهڙوڪ ڪجهه سال پهرين خيرپور شهر ۾ ٿيندڙ فرقيوارانا فساد، سيتا ۾ هڪ ذهني معذور شخص کي مقدس ڪتاب جي بي حُرمتي جي الزام هيٺ پٿرن ۽ سروٽن سان ڇٽي مارڻ ۽ سندس لاش کي ساڙي رک بڻائڻ سميت وڏي تعداد ۾ هِندو نياڻين کي اغوا ڪري زبردستي سندن مذهب مٽرائي ساڻن شاديون ڪرڻ جهڙن واقعن گهٽ ۾ گهٽ ”ازل کان ابد تائين سيڪيولر سنڌ“ جهڙي ”ڏند ڪٿا“ جي پت وائکي ڪري ڇڏي آهي.



ان معاملي ۾ ڪا ٻه رايا ناهي ته مذهبي شدت پسنديءَ کي هڪ هٿيار طور استعمال ڪندڙ هن رياست ۾ جيڪڏهن ان مرض کان ڪنهن قدر بچي ويل علائقن (سنڌ ۽ بلوچستان) ۾ پڻ بنياد پرستيءَ جي اها وبا تيزيءَ سان پکڙجي رهي آهي ته اهو رياستي سرپرستيءَ کان سواءَ ممڪن ناهي پر تنهن هوندي به اهو سمجهڻ گهڻو لازمي آهي ته ڪنهن به لقاءُ پٺيان عمل پيرا سببن منجهه بنيادي حيثيت هميشه ٻاهرين بجاءِ اندرين سببن کي حاصل هوندي آهي. اِن ڪري هن مضمون جو مقصد سنڌ ۾ تيزي سان وڌندڙ مذهبي عدم رواداريءَ کي زبردستي سنڌ خلاف ڪنهن ”عالمي سازش“ جو حصو قرار ڏيندي ”سيڪيولر سنڌ“ جو راڳ آلاپڻ بجاءِ ان سماجي تباهي پٺيان ڪي ٺوس سياسي ۽ معاشي داخلي سبب ڳولهڻ آهي ته جيئن ان صورتحال کي منهن ڏئي سگهڻ جو ڪو امڪاني گس ڳولهي سگهجي.

ان کان پهرين جو سنڌ ۾ وڌندڙ مذهبي عدم روادريءَ جي

داخلي سببن جي چنڊ ڇاڻ ڪجي. اهو لازمي آهي ته پاڻ ڪجهه بنيادي اصطلاحن جهڙوڪ مذهب ۽ مذهبي بنياد پرستي يا صوفي ازم ۽ سڪيولرزم ۾ موجود فرق کي سمجهون. ڇاڪاڻ ته اها مٿي ڏنل اصطلاحن جي سمجهه ئي آهي جيڪا اسان جي سياسي نقطئه نظر جي عڪاسي ڪري ٿي. لبرل نقطي نظر مطابق مذهب ۽ مذهبي بنياد پرستي هڪ ئي شيءِ جا به مختلف نالا آهن ۽ وٽس انهن ٻنهي اصطلاحن ۾ ڪو خاص فرق موجود نه آهي. ان ڪري ئي مذهبي بنياد پرستيءَ خلاف سندس تنقيد جو وڏو حصو مذهب خلاف بوڇاڙ تي مبني هوندو آهي جيڪو لازمي طور ان بنياد پرستيءَ جي ويتر وڌيڪ تيزيءَ سان پکيڙجڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ڏيک جي چار ۾ ڦاٿل لبرلزم جو اِهو ڪانو، تمام آساني سان تهذيبي جنگ جي ڏند ڪٿا جو شڪار بڻجي ويندو آهي ۽ وٽس انسان دوستي يا دشمني، تهذيب دوستي يا دشمني ” مذهب دوستي يا مذهب دشمني“ جي فارمولي تحت ئي طئي ٿيندي آهي. اهو نقطئه نظر سياسي طور ڪهڙي هنڌ وڃي ڇيهه ڪندو آهي يا سنڌ ۾ ان نقطي نظر جو شڪار سياسي ڌريون سنڌ ۾ وڌندڙ بنياد پرستيءَ جي سوال تي ڪهڙي راءِ يا ڪهڙيون حڪمت عمليون رکن ٿيون، انهن سوالن کي ڪن پل لاءِ پاسي تي رکندي به اِهو طئي ڪرڻ ڪو گهٽو مشڪل نه آهي ته اهڙو نقطي نظر بنهه غير سائنسي ۽ داخلي (Subjective) سوچ جو اظهار آهي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ ان معاملي جو ڪو مؤثر حل ڏيڻ جي صلاحيت نه ٿو رکي. ٻئي پاسي ظاهري طور ته گهٽي قدر اڻ نهڪندڙ/اڻ لاڳاپيل پر حقيقت ۾ سياسي طور بنيادي اهميت رکندڙ سوال صوفي ازم ۽ سيڪيولزم ۾ فرق جو آهي. توڙي جو اهي ٻئي اصطلاح هند توڙي سنڌ ۾ هڪ ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا، تنهن هوندي به انهن ٻنهي اصطلاحن ۾ هڪ بنيادي / جوهري فرق موجود آهي جيڪو انهن ٻنهي اصطلاحن جي سياسي استعمال ۾ پنهنجو پاڻ اظهاري ٿو. صوفي ازم سنڌ توڙي هند ۾ مذهبي ڪٽرپڻي خلاف صدين کان جاري مزاحمتي تحريڪ ۾ هڪ مضبوط مورچي جو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. خود سنڌ جي تاريخ جي هر دؤر ۾ ڌارين حملي آورن جي ثقافتي يلغار خلاف سنڌ جا صوفي بزرگ صوفي ازم جي علم هيٺ وڙهندا آيا آهن. پر سمجهڻ جي ڳالهه هي آهي ته

اها مزاحمت گهڻي پاڳي ذاري ۽ قابض ثقافت جي مقابلي ۾ پنهنجي ثقافتي شناخت بچائڻ جي ئي جدوجهد رهي آهي ۽ هڪ اڌ مثال ڇڏي ڪري ان ورلي ئي پنهنجو پاڻ ڪنهن منظم سياسي تحريڪ جي صورت ۾ اظهاريو آهي. اهوئي سبب آهي ته عربن جي سنڌ تي قبضي کان وٺي موجوده دؤر تائين اهڙين سياسي مزاحمتن جا ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مثال ئي سامهون ايندا (جن منجهان پڻ اڪثريت انفرادي / شخصي مزاحمتن جي ملندي) جيڪي "سياسي صوفي ازم" جي مجڻ لائق ڪا ثابتي پيش ڪندا هُجن. صوفي ازم (پنهنجين سمورين خوبين ۽ خامين سميت) ڪو همه گير سياسي فلسفو نه آهي. اهو مذهب اندر ئي مذهبي ڪٽرپڻي خلاف هڪ احتجاج آهي، جنهن توڻي جو هڪ وڏي عرصي تائين ننڍي کنڊ ۾ اهڙي شدت پسنديءَ خلاف هڪ "ثقافتي بند" جو ڪردار ادا ڪيو آهي، پر اڄ جي دور ۾ اهو ناڪافي آهي. ان سوال تي بحث ڪرڻ کان اڳ ته ائين ڇو آهي، مٿي ذڪر ڪيل ٻئي اصطلاح يعني سيڪيولرزم کي سمجهڻ پڻ ضروري آهي. سيڪيولرزم بنيادي طور هڪ سياسي فلسفو آهي. اهو يورپ ۾ مذهب کي سياسي ۽ سماجي ڪارونهوار کان الڳ ڪرڻ لاءِ ٽيندڙ صدين تي مُحيط سياسي جدوجهد جو حاصل آهي. سائنس ۽ فلسفي ۾ آيل انقلابن جڏهن يورپ ۾ رائج مذهبي نظرين جا بکيا ٽي اُڌيڙيا تڏهن پُراڻين نظرياتي بيساکين تي هلندڙ رياستون پوري زور سان مٿن حملي آور ٿيون، ڇاڪاڻ ته ڪليسا ان وقت تائين سمورين يورپي رياستن جي هڪ اهم ٿنڀ طور تمام گهڻي طاقتور حيثيت ۾ موجود هو. پر ٻي دؤر جي سياست، سائنس ۽ فلسفي هزار سالن کان سياسي، معاشي ۽ نظرياتي جمود جي شڪار يورپي معاشري ۾ جيڪو طوفان برپا ڪري ڇڏيو هيو، ان کي دٻائي سگهڻ هاٿي سندن وس جي ڳالهه نه هُئي. ان ڳالهه جي نسبت ته سائنس کهڙا کهڙا ۽ ڪيترا نظرياتي بُت ٽوڙيا ٽي، ماڻهو ان ڳالهه مان وڌيڪ متاثر ٿي ٿيا ته سائنس ڪم ڪري رهي هُئي ۽ نهايت ئي تُز ۽ بَرجُستا نتيجا ڏئي رهي هُئي. ماڻهو داخلي (Subjective) ۽ تصوراتي (Idealistic) وضاحتن تي خارجي (Objective) ۽ مادي (Material) حاصلاتن کي وڌيڪ اوليت ڏيندو آهي ۽ سائنس تمام تيزيءَ سان اهڙيون "حاصلاتون" جنمي رهي هُئي. نتيجي طور ايندڙ دؤر ۾ پوري يورپ اندر سيڪيولرزم

جي تحريڪ اُڀري آئي جنهن جو مقصد رياست کي مذهب کان ڌار ڪري مذهبي معاملن کي هر ماڻهو جو ذاتي مسئلو قرار ڏيارڻ هو. ڇاڪاڻ ته ان وقت سماجن جي ترقيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ ئي رياست جو مذهبي ڪردار هُيو. ياد رهي ته سيڪيولرازم مذهب جي آزادي آهي نه ڪي مذهب کان آزادي.




مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي اصطلاحن جي گُهربل وضاحت کان پوءِ اها ڳالهه طئي ڪرڻ گهڻي مشڪل نه آهي ته صوفي ازم ۽ سيڪيولرزم هڪ شي جا ٻه مختلف نالا نه پر مزاحمت جون ٻه مختلف شڪليون آهن. سيڪيولرزم سرمائيداراڻي دؤر جي هڪ سياسي جدوجهد جو نالو آهي جيڪا رياستي ڪاروبهوار ۾ مذهب جي مداخلت کي ننڌي ٿي جڏهن ته صوفي ازم وچين دؤر جو هڪ اهڙو فلسفو آهي جنهن جو دائرو سياسي ۽ معاشي بجاءِ صرف سماجي ۽ ثقافتي اصلاح تائين محدود آهي. ان معنيٰ ۾ صوفي ازم ڪنهن قوم يا سماج جو ثقافتي ورثو ته ٿي سگهي ٿو پر ڪين درپيش سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن جي حل لاءِ ڪو سياسي رستو نه!.

ٿوري گهڻي فرق سان سنڌ جون اڪثر سياسي ۽ سماجي ڌريون سنڌ ۾ مذهبي بنياد پرستيءَ جي تازي لهر خلاف جدوجهد جي نالي ۾ يا ته صوفي ازم جي ورد جو سهارو وٺنديون آهن يا پي صورت ۾ ٽين دنيا جي معيشتن کي ڪنهن وڻ ويڙهي جيان وڪوڙي ويل سامراجي ڌرين طرفان سندن ڦُرلٽ لاءِ گهڙيل نظرياتي جواز "بنياد پرستيءَ خلاف جنگ" جو شڪار بڻجي، ان مسئلي کي جنم ڏيندڙ سياسي، سماجي ۽ معاشي سببن کي جانچڻ ۽ انهن خلاف جدوجهد ڪرڻ بجاءِ "شيطان کي پٿريون هڻي پنهنجو ايمان بچائڻ" جي ڪوشش ڪنديون آهن. نتيجي طور ايتري گهڻي واويلا بعد به هينئر تائين ڪا اهڙي ڌُر سامهون اچي نه سگهي آهي جيڪا ان صورتحال جو ڪو ڀوڳهو تجزيو ڪندي ان جي حل لاءِ ڪي سگهاريون حڪمت عمليون جوڙي سگهي.

هتي اها ڳالهه سمجهڻ انتهائي ضروري آهي ته مذهبي ڪٽرپڻو يا مذهبي رواداري ماڻهن جي چونڊ جو معاملو نه آهي. ٻين لفظن ۾ ماڻهو اختياري طور تي، پاڻ مُرادو نه ته بنياد پرست بڻبا آهن ۽ نه ئي سيڪيولر. اهي ڪنهن علائقي جون سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتون ئي هونديون آهن جيڪي سندن ورتاءُ کي گهٽي ياگي طئي ڪندڙ هونديون آهن. سنڌ ۾ صدين تائين موجود مذهبي رواداريءَ جو سبب ڪنهن وٽ هن خِطي جي خود ڪفالت آهي ته ڪنهن وٽ سنڌ جو نسبتاً سگهارو گهڻ ثقافتي يا گهٽي مذهبي سماج، پر موضوع جي حد بندين کي نظر ۾ رکندي اسان سنڌ ۾ ماضي ۾ موجود مذهبي رواداريءَ جي سببن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بجاءِ پنهنجي سهولت خاطِر اِن کي طئي سمجهندي، ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ جي ان رواداراڻي ثقافت جي سلسليوار تباهيءَ جا پيرا کڻڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا ته جيئن موجود صورتحال کي بهتر انداز ۾ سمجهي سگهجي.

سنڌ جا ڪوڙ سارا گهڻ گُهريا قوم دوست تجزئي نگار ان تباهي جي شروعات هندستان جي ٻه قومي نظريي جي بنياد تي ورهاست کي قرار ڏيندي اِهو فيصلو ٻُڌائيندا آهن ته مذهب جي بنياد تي هندستان جو ورهاڱو اڳي پوءِ ان ئي نتيجي تي پُهچڻو هو. سندن خيال مطابق اهڙي ورهاڱي ٻنهي رياستن اندر مذهب کي رياست جو نظرياتي اساس بڻائيندي مذهبي شدت پسنديءَ جي اُها پوک پوکي جيڪا اسين اڄ لُڻي رهيا آهيون، جيتوڻيڪ سندن تجزيو مڪمل طور تي غلط ڪونهي، تنهن هوندي به اها ان مسئلي جي مڪمل وضاحت نه آهي. ان سموري تشدد کي صرف مذهب جي هڪ نقطي تائين محدود ڪندڙ تجزئي نگار ان سڄي تباهيءَ کي ”هندستان جي فريقواراڻن بنيادن تي ورهاڱي“ واري ساهميءَ ۾ توريندي اهو سوال ڪرڻ وساري ويهندا آهن (يا شايد ڄاڻي



واٽي سمجهڻ ناهن چاهيندا) ته خود هندستان ۾ ”هندو“ ۽ ”مسلم“ مذهبي شناختن جي جڙڻ ۽ ان نهج (ورهاڱي) تائين پڇڻ پٺيان ڪهڙيون ڏُريون يا ڪهڙا سبب ڪارفرما هُئا.؟ سولي ٻوليءَ ۾ هاٺوڪي مذهبي ڪٽرپڻي جو سبب ته رياست جو ”مذهبي“ يا ”اسلامي“ هجڻ آهي، پر خود رياست جي ائين ”مذهبي“ يا ”اسلامي“ هجڻ پُٺيان ڪهڙا سبب ڪارفرما آهن؟ ٻئي پاسي جيڪڏهن گهڙي ڪن لاءِ اهو مڃي به وٺجي ته ننڍي کنڊ ۾ انهن فرقيواراڻن فسادن پُٺيان محرڪ قوت صرف ۽ صرف ”مذهبي بنيادن تي ننڍي کنڊ جو ورهاڱو“ ئي آهي، تنهن هوندي به اهو سوال جنم وٺي ٿو ته ايشيا، آفريڪا يا لاطيني آمريڪا (مجموعي طور سڄي ٽين دنيا) جي ٻين ڪوڙ سارن ملڪن جو جيتوڻيڪ ”مذهبي بنيادن“ تي ڪوبه ورهاڱو نه ٿيو. تنهن هوندي به برما، انڊونيشيا، ڪينيا، ساؤٿ آفريڪا، رُوانڊا يا سُوڊان وغيره ۾ ننڍي کنڊ ۾ ٿيندڙ فرقيواراڻن فسادن سان حيران ڪُن حد تائين هڪجهڙائي رکندڙ فرقيواراڻا فساد هڪڙي ئي مخصوص دؤر ۾ ڪٿان ڦُٽي نڪتا، جن ۾ هينئر تائين لکين ماڻهو اجل جو شڪار بڻجي چُڪا آهن؟ ايستائين جو آفريڪا جي هڪ پڇتي پيل مُلڪ سوڊان ۾ ته معاملو مٿي ذڪر ڪيل فارمولي جي بالڪُل ابتڙ آهي جتي ”مذهبي بنيادن تي ورهاڱي“ جي نتيجي ۾ ”مذهبي تشدد“ پيدا ٿيڻ بجاءِ ”مذهبي تشدد“ جي نتيجي ۾ ”مذهبي بنيادن تي ورهاڱو“ واقع ٿيو آهي. (هڪ اندازي مطابق سوڊان ۾ مسلمانن ۽ عيسائين وچ ۾ لڳ ڀڳ 18 سالن تائين جاري رهندڙ ان ويڙهه ۾ سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت 10 لک کان مٿي ماڻهو مارجي ويا.) ظاهر آهي ته انهن سوالن جا تسلي بخش جواب مٿي ذڪر ڪيل ”معاملن جي ڪُتل ۽ هڪ پاسائين سمجهه“ منجهان ملڻ ممڪن ناهن، تنهن ڪري اچو ته پاڻ پنهنجي سِران سڄي مُعما جي ڪا مناسب وضاحت ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريون.



مشهور فرانسيسي لکيڪ سارتر الجزائر جي وطن دوست ۽ استعمار مخالف جدوجهد جي نظرياتي روح

روان ”فرانزفينن“ جي ڪتاب ”The wretched of the earth“ لاءِ لکيل مهاڳ ۾ لڳ ڀڳ اهڙي ئي صورتحال تي ڳالهائي ٿو جيڪا اسان جي بحث جو موضوع آهي. سارتر صدين تائين بينڪيتي نظام جي چڪيءَ ۾ پسجندڙ آفريڪي ملڪن ۾ اوچتو اڀري ايندڙ استعمار مخالف تشدد تي باهوڙ جي ويل فرانسيسي دانشورن تي چوهه چنڊيندي کين آگاهه ڪري ٿو ته اهو تشدد اصل ۾ ان تشدد جو جواب آهي جيڪو خود فرانسيسين ”تهذيب ۽ ترقيءَ“ جي نالي ۾ انهن غلام قومن مٿان ڪيترين صدين تائين جاري رکيو آهي. سارتر ان تشدد جي باري ۾ لکندي وڌيڪ ٻڌائي ٿو مغلوب قومن تي ٿيندڙ اهو سياسي، معاشي، نظرياتي ۽ تهذيبي تشدد غُلام قومن جي ماڻهن کي گهلي اچي هڪ وحشي جانور جي سطح تي پهچائيندو آهي. سارتر جي لفظن ۾ استحصال جو شڪار هيٺا ۽ نٻل ماڻهو جڏهن ان ڏاڍ کي منهن ڏئي ناهن سگهندا ته ” اُهي مافوق الفطرت شين ۾ پناهه ڳولهيندا آهن. ڪڏهن اهي ماڻهو ڪئي صديون پراڻين ۽ هيبتناڪ ريتن ۽ رسمن کي هڪ پيرو پيهر جيئرو ڪندا آهن ته ڪڏهن هڪ نه سمجهه ۾ ايندڙ وهم ۽ غير يقيني جو شڪار بڻبا آهن. اهڙي ريت اهي پيڙهيل ماڻهو انهن ڏندڪٿائن جي مدد سان پنهنجي داخلي پيڙائن ۽ ضرورتن کان فرار حاصل ڪندا آهن. اهي ماڻهو اڪثر ڪري ڪنهن اهڙي تخيلاتي دنيا سان پاڻ ٻڌي ويهي رهندا آهن، جيڪا سمورو وقت کين پنهنجي سحر ۾ گرفتار رکي ٿي ۽ هو مجزوب بڻجي رقص ڪندا آهن چاڪاڻ ته اهو رقص کين مصروف ۽ مشغول رکندو آهي ۽ سندن انگ انگ ۾ ڪنهن ڪندي جيان چڀندڙ پيڙاءُ کي گهڙي کن جهڪو ڪري ڇڏيندو آهي. ٻئي پاسي اهو رقص ڏکيل چُپيل انداز ۾ اُن انڪار ۽ بغاوت جو اظهار پڻ هوندو آهي جيڪا اهي نٻل ۽ بيمار ماڻهو توهان خلاف ڪرڻ جي هڪ لاشعوري خواهش رکن ٿا..... بينڪيتي ڏاڍ ۽ جبر جو شڪار ماڻهو استعماري تشدد مان فرار حاصل ڪرڻ جو گس وڃي مذهبي تشدد ۾ ڳولهيندا آهن.“

جيتوڻيڪ سارتر اهي لفظ بينڪيتي جبر هيٺ پسجندڙ الجزائر ۾ پيدا ٿيل نسلي فسادن بابت چيا هُئا. تنهن هوندي به سندس اهو تجزيو موجوده دؤر ۾ ٽين دنيا جي سياسي ۽ معاشي تنزل جي شڪار ملڪن ۾ جاري فرقيواراڻن فسادن تي پڻ ٺهڪي اچي ٿو چاڪاڻ ته پلي اها مذهبي بنياد پرستي هجي يا رنگ ۽ نسل

جي بنياد تي ٿيندڙ نسل پرستي. فاشزم پنهنجين سمورين صورتن ۾ سرمائيداريءَ جي بُحران جو ئي نتيجو آهي. اِهو سرمائيداراڻي استحصال جي اونچي ترين شڪل ”سامراجيت“ جو ئي خاصو آهي جو سامراجي رياستون عالمي مالياتي سرمائي توڙي عسڪري طاقت جي زور تي ٽين دنيا جي ملڪن جو سياسي ۽ معاشي استحصال ڪري، ڪين معاشي ۽ ثقافتي تنزل جي ور چاڙهي، پنهنجو بُحران انهن ملڪن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون. فرقيواراڻن فسادن جي ور چڙهيل ٽين دنيا جي اڪثر مُلڪن ۾ ان شدت پسنديءَ ۾ پڇين 30 کان 40 سالن ۾ خاص تيزي آئي آهي. ڪينيا ۾ 1991ع کان 1993ع تائين ٽن سالن اندر انهن فسادن ۾ 1500 کان مٿي ماڻهو مارجي ويا، ساؤٿ آفريڪا ۾ 1990ع کان 1994 تائين ٿيندڙ نسلي فسادن ۾ گهٽ وڌ 15000 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. سوڊان ۾ 1993ع ۾ شروع ٿيندڙ فريقواراڻن فسادن ۾ 18 سالن جي عرصي ۾ 10 لک ماڻهو موت جي ور چڙهي ويا. روانڊا ۾ 1994ع ڌاري شروع ٿيندڙ نسلي فسادن ۾ مختلف وقتن تي ڪُل 50000 ماڻهو ان دهشتگرديءَ جا ڪاج بڻيا. خود هندستان ۾ 1992ع ڌاري بابري مسجد جي انهدام کان پوءِ پنهي مُلڪن ۾ ٻري اٿندڙ فسادن ۾ ٻه کان اڍائي هزار ماڻهو مارجي ويا. 9/11 واقعي کان پوءِ سامراجي تسلط ۽ قبضي کي برقرار رکڻ (۽ حقيقت ۾ ويتر وڌيڪ مضبوط ۽ جٽادار بنائڻ) لاءِ گهڙيل نئين جواز ”بنياد پرستيءَ خلاف جنگ“ جي نتيجي ۾ هِن مُلڪ ۾ وڌيڪ فرقيواريت ۽ بنياد پرستي ۾ سرڪاري انگن اکرن مطابق هينئر تائين لڳ ڀڳ 40 هزار ماڻهو مارجي چُڪا آهن.



مٿي ڏنل چند مثالن جو مقصد هرگز اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ناهي ته ڪو ان کان اڳ انهن علائقن يا دنيا جي ڪن ٻين ملڪن ۾ ڪا فرقيواريت يا ڪو مذهبي توڙي نسلي متڀيد هو ئي ڪونه. انهن انگن اکرن ڏيڻ جو مقصد صرف ۽ صرف ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪرائڻ آهي ته هڪ خاص دؤر ۾ عالمي سياسي وايو منڊل ۾ ايندڙ ڪي تبديليون ڪيئن دنيا جي مختلف علائقن ۾ پنهنجو پاڻ اظهارين ٿيون. سڀ کان وڌيڪ حيران ڪندڙ حقيقت هي آهي ته پڇين 30 کان چاليهه سالن ۾ دنيا اندر ٿيندڙ فرقيواراڻن فسادن (Communal Riots) ۾ آيل سلسليوار تيزي، ٽين دنيا جي ملڪن جي معيشتن تي سامراجي غلبي قائم ڪرڻ جي نئين طريقي "نيولبرلزم" جي واڌ ويجهه سان سڌي نسبت ۾ آهي. ٻين لفظن ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪوڙ سارن ملڪن ۾ جيئن جيئن سامراجي استحصال زور پڪڙيو آهي تيئن تيئن انهن ملڪن جي تيزيءَ سان زوال پذير سماجن ۾ فريقواريت ۽ نسل پرستي پڻ پنهنجا پڇين سمورن دؤرن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. ڊهندڙ ۽ ڀُرندڙ سماجن ۾ ان قسم جي نراجيت ڪو غير متوقع حادثو نه آهي. سرمائي جو عالمگير ارتڪاز پنهنجا تباهه ڪُن نتيجا ظاهر ڪري رهيو آهي. ٽين دنيا ۾ موجود ترقي پسند تحريڪون گهٽي پاڳي ڀڃي ڀُري ڀَست ٿي چُڪيون ۽ سندن جاءِ مذهبي، نسلي توڙي ثقافتي فاشزم اچي والاري آهي. اڄ ٽين دنيا جي سياسي ۽ معاشي تنزل جي اها حالت آهي جو هڪ پاسي ته اهي ملڪ عالمي مالياتي ادارن جي قرض جي ڄار ۾ ڦاسڻ بعد هڪ اندازي مطابق هڪ ڊالر قرض جي بدلي ۾ عالمي مالياتي ادارن کي 24-25 ڊالر واپس ڪن ٿا ته ٻئي پاسي ان دنيا ۾ هر روز بُک وگهي 25000 ماڻهو مري رهيا آهن. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ قرضن جي ان ڄار ۾ ڦاٿل ملڪن جي اڪثريت اربها ڊالرن جي قرضي آهي ۽ سندن آبادي جي وڏي اڪثريت غربت جي ليڪ کان به هيٺ انتهائي ڪسمپُرسيءَ جي حالت ۾ زندگي گُذاري رهي آهي. اهي رياستون معاشي طور عالمي

مالياتي ادارن ۽ گهڻ قومي ڪمپنين وٽ يرغمال هجڻ ڪري سياسي طور سامراج نواز ۽ عوام دشمن بڻجي چڪيون آهن، جنهن جو لازمي نتيجو ماڻهن مٿان سياسي، معاشي ٽوٽي جسماني ۽ نفسياتي تشدد جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. سوويت يونين جي ڊهي وڃڻ بعد سڄي دنيا اندر ڪاپي ڏُر گهڻي پاڳي بي حال ۽ پسپا ٿيل آهي. ان ڪري ان سامراجي ڏاڍ خلاف ڪا حقيقي ترقي پسند مزاحمت به نظر نه ٿي اچي، ويتر سوويت يونين جي دور ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪوڙ سارن ملڪن ۾ سوويت يونين جي سياسي ۽ معاشي سهڪار سان هلندڙ سامراج مخالف ۽ ترقي پسند آزاديءَ جون تحريڪون هاڻي گهڻي پاڳي سامراج نواز بڻجي چُڪيون آهن. اِهي ئي اُهي گُهربل حالتون آهن جن ۾ فاشزم جو اهو راڪاس جنم وٺندو ۽ اؤسر ڪندو آهي ۽ اڄ جيڪڏهن ٽين دنيا جون اڪثر رياستون يا انهن ۾ موجود رياست نواز يا رياست مخالف تحريڪون اهڙن بنياد پرست روين ڪي اظهارين ٿيون ته اهو ڪو اتفاق نه پر ڏهاڪن کان جاري سامراجي ڦرلٽ جو لازمي نتيجو آهي. لينن هڪ هنڌ چيو هو ته ”بک ۽ بدحالي يا ته جُرم کي جنم ڏيندي آهي، يا انقلاب کي“. ٽين دنيا جي ملڪن جي اها بدحالي ڪنهن تڪڙي انقلاب طرف ويندي ته نظر نه ٿي اچي. ها پر اها انهن ملڪن اندر فاشزم جي مختلف صورتن کي ضرور جنم ڏئي رهي آهي ۽ فاشزم (پنهنجين سمورين شڪلين ۾) اِن جُرم جي مڪروهه ترين شڪل آهي.

ان سڄي عمومي پس منظر پيش ڪرڻ جو مقصد ڪنهن به صورت ۾ اهو ناهي ته ڪو هن ملڪ جو مخصوص حالتن ۾ تيزي سان وڌندڙ بنياد پرستيءَ جا ڪي ڏيهي يا علاقائي محرڪ (Dynamics) ناهن. نه ئي ان ڳالهه ڪرڻ جو مطلب اهو آهي ته بنياد پرستي جي اهڙي ڦهلاءُ يا تشهير ۾ هن رياست جي ادا ڪيل ڪردار کي سڄي دنيا ۾ موجود عمومي صورتحال جو حوالي ڏئي (Justify) ڪجي. بلڪه ان وضاحت جو مقصد صرف اهو سمجهائڻ جي ڪوشش آهي ته آخر اهي ڏيهي محرڪ (Dynamics) ڇو ۽ ڪٿان جنم وٺن ٿا؟ ٻين لفظن ۾ بنياد پرستيءَ لاءِ اهي مؤزون حالتون ڪٿان ۽ ڪيئن پيدا ٿين ٿيون؟ ان اميد سان ته مٿي پيش ڪيل موجود دنيا جي مختصر سياسي ۽ معاشي جائزي منجهان اسان پُٺتي پيل ملڪن ۾ موجود بنياد پرستيءَ جا ڪي عمومي سبب

ڳولي سگهون ٿا. پاڻ هن ملڪ ۾ موجود مذهبي شدت پسندي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا. ته جيئن سنڌ ۾ آيل انهن تبديلين کي سمجهي سگهجي.

توڙي جو هند ۽ سنڌ ۾ مذهبي شدت پسندي جا بنياد بيٺڪيتي دور ۾ پڻ ڏسي سگهجن ٿا پر ٿورو غور ڪري ڏسبو ته انهيءَ ڪٽرپڻي ۾ تيزي ملڪي تاريخ ۾ 70 کان پوءِ واري دؤر جي پيداوار آهي. هتي اهو فرق سمجهڻ لازمي آهي ته ڪنهن به رياست جو ڪو مذهب هجڻ ۽ رياست طرفان مذهبي بنيادن تي سياست ڪرڻ به الڳ معاملا آهن. دنيا ۾ اڄ به اهڙين رياستن جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي جيڪي ڪنهن نه ڪنهن مذهب کي رياستي مذهب (State Religion) قرار ڏين ٿيون خود يورپ جي ڪجهه ملڪن جهڙوڪ اسڪاٽ لينڊ، ناروي، ڊينمارڪ، انگلينڊ، آئسلينڊ وغيره ۾ پڻ رياست جو ڪونه ڪو سرڪاري مذهب قرار ڏنل آهي پر اهي سموريون رياستون مذهبي ڪٽرپڻي يا فرقيوارانه دهشتگردي کان پاڪ آهن. مذهبي ڪٽرپڻو تڏهن اؤسر ڪندو آهي جڏهن رياست سڌي يا اڻ سڌي ريت ڪنهن مذهب يا مذهب جي ڪنهن مخصوص صورت جي بنياد تي سياست شروع ڪندي آهي.

ورهاڱي کان وٺندي 71 ۾ بنگال جي عليحدگي تائين ”سياسي اسلام“ بجاءِ اها ”پاڪستاني قومپرستي“ هُئي جيڪا هن مُلڪ ۾ رياستي سياست جو سگهارو ترين اظهار هُئي. توڙي جو هندو دشمني تي ٻڌل اها پاڪستاني قومپرستي مذهب جي نعري کي هر ممڪن جاءِ تي استعمال ڪندي هئي. تنهن هوندي به اِها ”سياسي اسلامزم“ کان گهڻو پري ۽ گهڻي مختلف هئي. ٻئي پاسي بنگال، سنڌ، بلوچستان توڙي خيبرپختونخواهه ۾ ٿيندڙ ”رياست مخالف سياست“ پڻ پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ ترقي پسند ۽ عوام دوست هُئي. ان ڪري ملڪ جي مجموعي سياسي ماحول ۾ ”خالص مذهبي سياست“ جو سوال گهڻي حد تائين (irrelevant) هو. پر بنگال آپريشن ۾ ٿيندڙ قتلام ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ ورهاڱي، ايتري وڏي پيماني تي ڪيل قتل و غارت بعد به ايتري ذلت آميز شڪست کائڻ کانپوءِ ”پاڪستاني قومپرستن“ لاءِ فخر جي علامت پاڪستاني فوج جي ڀرم ٽٽڻ ۽ بنگال واقعي کان ٿورو عرصو پوءِ افغانستان ۾ ٿيندڙ سياسي تبديلين سبب پئدا ٿيل

نئين صورتحال ۾ هن رياست جي نظرياتي هيئت ۾ تبديلين جي ضرورت به جنم ورتو ته امڪانن به. ”پاڪستاني قومپرستيءَ“ جو نظريو ٻُري طرح ناڪام ٿي چُڪو هو ۽ رياست لاءِ اهو اٽٽر بڻجي چُڪو هو ته اها پنهنجي جيئدان لاءِ ڪو نئون ۽ سگهارو ”نظرياتي جواز“ پيدا ڪري. اهي ئي اُهي حالتون ۽ سبب هُئا. جن منجهان سياسي اسلام ڦُٽي نِڪتو.

ڪري ته اهو به سگهجي ٿو ته ”سياسي اسلام“ جي نظرياتي بنيادن تي ڳالهائيندي ملڪ ۾ اُن جي ڦهلاءُ ۾ رياستي توڙي غير رياستي ادارن جي ادا ڪيل ڪردار جي چِنڊ ڇاڻ ڪندي ان جي واڌ ويجهه کي سمجهجي. پر موضوع جي نوعيت ۽ حد بندين کي نظر ۾ رکندي اهو بحث غير ضروري آهي. جيئن ته پنهنجي بحث جو موضوع سنڌ ۾ وڌندڙ مذهبي بنياد پرستي آهي. ان ڪري پاڻ پنهنجي بحث جو دائرو ان تائين ئي محدود رکون ٿا.

ضياءُ دؤر ۾ .جهاد“ جي نالي ۾ اؤسر ڪندڙ اهو ”سياسي اسلامزم“ توڙي جو خطي جي ڪوڙ سارن ملڪن تي اثر انداز ٿي رهيو هو. تنهن هوندي به مُلڪ اندر پنجاب ۽ خيبرپختونخوا کي چڙهي ڪري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ اهو پنهنجا پير نه کوڙي سگهيو. سنڌ جا گهڻ گُهريا دانشور ان کي صوفي ازم جي فتح قرار ڏيندي اهو حتمي فيصلو ٻڌائيندا آهن ته ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ صوفي ازم موجود آهي، ان ڪري هتي مذهبي بنياد پرستي ڪڏهن به وڌي نه سگهندي. سندن جذبي کي قدر جي نگاهه سان ڏسندي به هڪ عرض ته معاملو ايترو سادو نه آهي. ڇاڪاڻ ته سوال جيڪڏهن صوفي ازم جي موجودگيءَ جو آهي ته پوءِ ته پنجاب ۾ هڪ دؤر ۾ خود سنڌ کان وڌيڪ سگهارو صوفي ڪلچر رهيو آهي. پوءِ اتي مذهبي بنياد پرستي ڪيئن ايتري منظم انداز ۾ گهر ڪري وئي؟ ۽ جيڪڏهن صوفي ازم واقعي به جديد دؤر جي هن ”سياسي مذهب پرستيءَ“ کي بند ڏيڻ جي سگهه رکي ٿو ته اهو ڪم اِن پنجاب ۾ ڇو نه ڪيو؟ ان ڪري اهو سمجهڻ لازمي آهي ته صوفي ازم مذهبي بنياد پرستيءَ کي مُنهن ڏئي سگهڻ لاءِ هڪ مددگار ذريعو ته ٿي سگهي ٿو پر فيصلا ڪُن هٿيار نه! ٻئي پاسي اها ساڃاهه رکڻ پڻ ضروري آهي صوفي ازم سنڌ (يا ڪنهن ٻئي علائقي) جو ”ثقافتي ورثو“ ته ٿي سگهي ٿو پر ڪو ”جينياتي ورثو“ (Genetic Characteristic) نه (جيڪو ڪجهه به نه ڪرڻ ڪانسواءِ ئي

پنهنجو پاڻ نسل در نسل منتقل ٿيندو اچي). اهو هڪ سماجي لقاءُ آهي نه ڪه فطري ۽ هر سماجي لقاءُ تاريخ ۾ جنم وٺندو آهي ته تاريخ ۾ فنا پڻ ٿيندو آهي. ان ڪري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جي هڪ چڱي عرصي تائين نه ڦهلجي سگهڻ جا سبب (۽ خود صوفي ازم کان گهڻا سگهارا سبب) صوفي ازم کانسواءِ ٻيا پڻ موجود هُئا جن ان سڄي معاملي ۾ فيصلا ڪُن ڪردار ادا ڪيو ٿي.

هن خطي ۾ هڪ عرصي تائين ان مذهبي ڪٽرپڻي جي نه ڦهلجي سگهڻ جو هڪ وڏو سبب هنن علائقن ۾ موجود هڪ سگهارو رياست مخالف سياسي ڪلچر هو. جيڪڏهن ائين چئجي ته بنگال کان پوءِ اهي سنڌ ۽ بلوچستان ئي هُئا جن رياست جي نظرئي ۽ ثقافت کي اپنائڻ کان نابري ٿي واري ته اهو غلط نه ٿيندو. تنهن هوندي به هتي اها ڳالهه سمجهڻ تمام ضروري آهي ته انهن علائقن ۾ موجود سياسي ڪلچر رياست مخالف هجڻ جو مطلب ڪنهن به صورت ۾ اهو نه آهي ته اُهو ڪُٽل ۽ تنقيد کان مٿانهون هو. چاڪاڻ ته صحيح ۽ غلط جي اها تجريدي وصف انتهائي سادي ۽ ڇِسي آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جي اهڙي سياسي نوعيت سبب رياست طرفان انهن علائقن ۾ اهڙي ڪا نظرياتي لائين لاهڻ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ گهڻو مشڪل هو. چاڪاڻ ته هيٺ سماج ۾ ڪيس تڪڙي ۽ گهربل موٽ ملڻ جا امڪان گهٽ هُئا. ان ڳالهه جو هڪ ننڍڙو مثال سنڌ جي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جي ڦهلاءُ ۽ تيزيءَ ۾ موجود فرق منجهان حاصل ڪري سگهجي ٿو. سنڌ جي وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ آباديءَ جي هڪ وڏي حصي ۾ موجود رياست جي نظرياتي لائين سان هم آهنگي (مثال طور پاڪستانيت، هندستان دشمني، اسرائيل دشمني، فوج دوستي وغيره) سبب انهن علائقن ۾ مذهبي ڪٽرپڻو سنڌ جي ٻهراڙين جي نسبت تيزيءَ سان ڦهليو آهي. هڪ اندازي مطابق سنڌ ۾ موجود گهٽ وڌ ساڍا ٻارنهن هزار مدرسن منجهان ساڍا اٺ هزار مدرسا سنڌ جي انهن ٻن شهرن ۾ آهن جن منجهان گهڻا مدرسا پڇين 12-11 سالن ۾ قائم ڪيا ويا آهن.

ٻين صوبن جي ڀيٽ م سنڌ جي ڪٽرپڻي جي ان لهر کان ڪنهن قدر بچي وڃڻ جو ٻيو سبب اهو پڻ هو ته افغانستان ۾ نجيب جي پورهيت دوست ترقي پسند حڪومت ڪيرائڻ لاءِ

رچايل "جهاد" واري بين القوامي ڊرامي ۾ سنڌ جاگرافيائي لحاظ کان "مرڪز" کان ٻاهر هُئي. ان زماني ۾ هڪ پاسي ته افغانستان سان ملندڙ پختون علائقن ۾ جهادي ڪيمپون لڳايون ويون ته جيئن اُتان جهادي آسانيءَ سان افغانستان موڪلي سگهجن. جڏهن ته ٻئي پاسي پنجاب جي ڪجهه ضلعن ۾ پڻ بنياد پرستن لاءِ اهڙيون نرسريون جوڙيون ويون جتان اُهي تيار ٿي پهرئين ڏاڪي ۾ ڪشمير ۾ جهاد لاءِ ويندا هئا. اهي نرسريون ايندڙ ڪجهه سالن ۾ منظم انداز ۾ انهن علائقن جي سماجي تاجي پيٽي تي پڻ اثرانداز ٿيڻ لڳيون جيڪي اڳتي هلي نه صرف علاقائي پر ملڪ گير حد تائين خطرناڪ شدت پسند تنظيمن طور سڃاڻجڻ لڳيون.

مٿي ڄاڻايل ڪجهه سببن ڪري توڙي جوهي علائقا هڪ خاص عرصي تائين مرڪزي علائقن جي نسبت ان بنياد پرستي منجهان گهٽ متاثر ٿيا، پر پنئين ڪجهه عرصي ۾ (خاص ڪري 9/11 کان پوءِ جڙندڙ صورتحال ۾) ان اثر ۾ ڪافي تيزي آئي آهي. ان جو هڪ سبب ته دهشتگرديءَ خلاف ٿيندڙ جنگ سبب افغانستان ۽ خيبرپختونخواهه جي متاثر علائقن منجهان سنڌ طرف ٿيندڙ لڏپلاڻ آهي (جيڪا گهٽي ڀاڱي سنڌ جي شهرن تائين ئي محدود رهي آهي.) پر ڪي سبب سنڌ جي اندروني صورتحال سان پڻ لاڳاپيل آهن.

سنڌ جو سماجي معاشي تاجي پيٽو خطرناڪ حد تائين تباهه ٿي چُڪو آهي. اندازاً ساڍا چار ڪروڙ آباديءَ واري هن خطي ۾ ماڻهن جي هڪ وڏي اڪثريت سماجي ۽ معاشي تباهيءَ جي ور چڙهيل آهي. 2011 ڌاري آيل "قومي غذائي سروي" جي رپورٽ مطابق سنڌ ملڪ جو سڀ کان وڌيڪ غذائي کوٽ جو شڪار صوبو آهي جتي 72 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو غذائي کوٽ جو شڪار آهن ۽ 40 سيڪڙو کان وڌيڪ ٻار هر روز ڪجهه کائڻ پيئڻ کانسواءِ ئي سُمهي رهن ٿا. صوبي ۾ اندازاً پنجاهه لک ماڻهو سائي جي مرض ۾ مبتلا آهن ته ڪي 80 سيڪڙو ماڻهو صاف پاڻي جي سهولت کان ان دؤر ۾ وانجهيل آهن جنهن ۾ صرف گندي پاڻي واپرائڻ سبب هر سال ملڪ ۾ اڍائي لک ماڻهو اجل جو شڪار ٿين ٿا. سنڌ جي اسپتالن مان ملندڙ انگن اکرن مطابق 40 سيڪڙو کان مٿي مريض گندي پاڻي واپرائڻ سبب پيدا ٿيندڙ بيمارين ۾ ورتل آهن. صوبي ۾ روزگار جي صورتحال اها آهي ته

100 ايڪڙ کان مٿي زمين رکندڙ صرف هڪ فيصد زميندارن جي قبضي هيٺ آيل سنڌ ۾ پوري ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ بي زمين هاري رهن ٿا. ڳوٺن ۾ رهندڙ سنڌ جي 50 سيڪڙو آبادي گهٽي پاڳي بي زمين هارين ۽ ڪيت مزدورن تي مشتمل آهي. جنهن جي ساليانې آمدني پڇين 15 سالن کان هر سال 0.5 سيڪڙو گهٽجي رهي آهي. ٻئي پاسي پڇين 5 سالن ۾ ملڪ ۾ مهانگائي گهٽجڻ بجاءِ 13 سيڪڙي جي اوسط سان وڌي آهي. اهو سماجي ۽ معاشي تشدد ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد کي انتهائي قدم کڻڻ ڏانهن ڌڪي ٿو. اڄ کان ڏهه سال پهرين هڪ سماجي اداري (SDPI) جي سنڌ بابت آيل هڪ رپورٽ مطابق ان سال صرف چار مهينن ۾ خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ 366 ماڻهن منجهان 83 سيڪڙو ماڻهو سنڌ جي ڳوٺاڻي آباديءَ منجهان هُئا ۽ منجهن 85 سيڪڙو ماڻهن وٽ خودڪشي جو سبب سندن سماجي ۽ معاشي حالتون هيون. ان رپورٽ کان پوءِ هينئر تائين ڏهن سالن جي عرصي ۾ سنڌ ۾ 50 هزار کان مٿي ماڻهو خودڪشي جي ڪوشش ڪري چُڪا آهن يعني سنڌ ۾ هر سال اندازاً 5000 ماڻهو خودڪشي ڪن ٿا.

اها ئي اها سماجي تباهي آهي جيڪا ڪنهن سماج اندر فاشزم جي زهر ڦهلجڻ لاءِ موزون ترين حالتون پيدا ڪندي اهي ۽ اهوئي ٿين دنيا اندر "تهذيب ۽ ترقي" جي سُهڻي پوشاڪ پهريل سامراجي ڦرلٽ جو سچ آهي. پر شايد ان کان وڌيڪ ڪڙو سچ اهو آهي ته سنڌ ۾ وڌندڙ مذهبي انتهاپسنديءَ خلاف واويلا ڪندڙ سياسي توڙي سماجي تنظيمن جي اڪثريت انهن سمورن سوالن تي هڪ مجرماڻي خاموشي اختيار ڪيو ويٺي آهي. عوام جي اڪثريت جو آواز هجڻ جون دعويدار اڪثر سياسي تنظيمون شايد اهو وساري ويٺيون آهن ته "ماڻهن جو آواز" هجڻ مان مُراد سندن سمورن سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن کي اظهارڻ ۽ انهن جي حل لاءِ جدوجهد ڪرڻ آهي. وڏن نعرن ۽ تجريدن تي سياست ڪندڙ اهي ڏُريون ماڻهن جي هڪ وڏي اڪثريت کان ڪٽجي "صحرائ ۾ آذان" ڏيڻ ۾ مشغول آهن. نتيجي طور سماجي ۽ معاشي تنزل جي ور چڙهيل سنڌ جي آباديءَ جي اڪثريت جي ڪنهن صحتمند سياسي ميڊيم ۾ اظهار جي نه سگهڻ ڪري سندس مذهبي بنياد پرستيءَ جهڙي فاشي رجحان جي ور چڙهڻ

جا امڪان ڏھوڻ تي وڌي وڃن ٿا.

جتيوٽيڪ معاملي جي چنڊ ڇاڻ دؤران ان جي اهم پاسن تي پنهنجي وِت وس آهر گُهربل بحث ڪيو اٿم، تنهن هوندي به ڳالهه کي ختم ڪرڻ وقت اها ضرورت محسوس ٿئي ٿي ته مختصر ئي صحيح پر ڪن بنيادي نقطن تي هڪ ڀيرو ٻيهر ڳالهه رکجي ته جيئن ان بحث منجهان ڪومناسب نتيجو اخذ ڪري سگهجي.

فاشزم جي ٻين سمورين صورتن جيان مذهبي بنياد پرستي پڻ سامراجي ڦرلُٽ جوئي اولڙو آهي. ان ڪري ان بنياد پرستيءَ سان سامراج جي پڇ تي، سامراجي ايجنڊا تحت وڙهي نه ٿو سگهجي. ”تهذيب جي بقا خاطر بنياد پرستيءَ خلاف ويڙهه“ سامراجي ڌرين طرفان ٽين دنيا جي ملڪن جي سياسي ۽ معاشي استحصال جاري رکڻ لاءِ گهڙيل هڪ نئون نظرياتي جواز آهي. ان ڪري ان ڏند ڪٿا جو شڪار ٿيڻ بجاءِ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان سڄي تباهيءَ ۾ سندن ادا ڪيل ڪردار کي سمجهندي پنهنجي سياست ترقي پسند ۽ سامراج مخالف بنيادن تي بيهارجي.

موجوده دؤر ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جي نوعيت سياسي آهي. ان سان صرف صوفي ازم جي بنياد تي وڙهي نٿو سگهجي. جيتوٽيڪ ان ويڙهه ۾ صوفي ازم ۽ سندس روايتون ثقافتي مزاحمت ۾ ڪافي ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون، تنهن هوندي به آخري حل بهرحال نج سياسي بنيادن تي سيڪيولرزم لاءِ جدوجهد آهي. مذهبي ڪٽرپڻي خلاف جدوجهد ڪندڙ سنڌ جي سياسي فردن توڻي تنظيمن کي گهرجي ته صوفي ازم کي زبردستي سيڪيولرزم سان هڪ ڪري ڪيس هڪ سياسي فلسفو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش بجاءِ هڪ اهم سياسي ايجنڊا طور منظم انداز ۾ سيڪيولرزم لاءِ جدوجهد ڪن.

سماجي ۽ معاشي طور تباهه حال سنڌ مذهبي ڪٽرپڻي جي ڦهلاءَ لاءِ هڪ بهترين جاءِ آهي. سنڌ جي ان سماجي ۽ معاشي تباهيءَ لاءِ ذميوار جيتري هيءَ رياست آهي، اوتروئي سنڌ ۾ موجود جاگيرداري نظام. ان ڪري سنڌي ماڻهن جي نمائندگي جي دعويٰ ڪندڙ تنظيمن جي اها ذميواري آهي ته اُهي تجريدن ۽ نعرن جي سياست ڪرڻ بجاءِ نج عوامي سوالن تي سياست ڪندي سنڌ ۾ عوامي مزاحمت جي سمورن محاذن کي سياسي

طور سگھارو بڻائين ته جيئن عدم سياست جي ور چڙھيل سنڌي ماڻھن جي ھڪ وڏي اڪثريت کي سنڌن سوالن تي منظم ڪندي ھڪ حقيقي عوام دوست ترقي پسند سياسي تحريڪ جا بنياد وجھي سگھن، جيڪا ٻين سمورن مسئلن سميت مذھبي ڪٽرپڻي جو ٽوڙ پڻ ڳڻجي سگھي.

سنڌ جي تعليم سان ڪيل شعوري دشمني

بابر ٻلھڙو



ٻي مهاڀاري ويڙهه ۾ برطانيه ۽ جرمني ۾ اهو معاهدو ٿيل هو ته يونيورسٽين ۽ تعليمي ادارن تي بمباري نه ڪئي ويندي. اهي هڪ ٻئي جا ڪٽر دشمن هوندي به تعليم جي معاملي تي گڏ هئا. اهوئي سبب هو ته لکن جي تعداد ۾ ماڻهن آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ پناهه ورتي هئي. پاڪستان جي 1973ع واري آئين جي آرٽيڪل 37 (بي) مطابق "پاڪستاني رياست پابند آهي ته ملڪ ۾ هر ٻار کي مفت، غير طبقاتي ۽ معياري تعليم جا وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪندي، پٺتي پيل علائقن ۾ تعليمي ۽ معاشي مفادن طرف وڌيڪ ڌيان ڏيندي، گهٽ ۾ گهٽ عرصي ۾ تعليم عام ڪندي ۽ مڊل تائين تعليم مفت ڏني ويندي. (هن وقت مئٽرڪ تائين مفت تعليم آهي). فني ۽ پيشيوراڻي تعليم عام ڪري اعليٰ ميرٽ جي بنياد تي عوام کي هڪ جيترا موقعا فراهم ڪيا ويندا ته جيئن هر فرد ان مان فائدو حاصل ڪري سگهي". 1959ع ۾ هڪ نيشنل ڪميشن ٺاهي وئي جنهن ۾ ڏهن سالن جو هدف رکيو ويو ته 1969ع تائين پرائمري تعليم عام ڪئي ويندي ۽ اها به تجويز ڏني وئي ته 1974ع تائين مڊل سطح تائين تعليم کي پڻ عام ڪيو ويندو. ائين 1969ع جي تعليمي پاليسي ۾ تعليم بالغان تي به زور ڏنو ويو. تعليم جي بهتري ۽ هر ٻار کي تعليم مهيا ڪرڻ واري عمل ۾ 1970ع کان 1975ع وارو دؤر نمايان ۽ شاندار نظر اچي ٿو. پر 1992ع ۾ پڌري ڪيل تعليمي پاليسي پڻ عوام ۽ شاگرد دشمن پاليسي هئي. هن پاليسي ۾ ڪمال ۽ عجب ڳالهين تي زور وڌل هو ته، "اسڪول ۽ تعليم پرائيويٽائيز ڪيا وڃن (جيڪي ان وقت سرڪاري ۽ نيم سرڪاري هئا) ۽ خانگي شعبن کي پڻ هٿي وٺرائي

وجي“ جيڪڏهن ائين ڪٽي چئجي ته حڪومتن جي بي ڌياني ۾ تعليم تي تمام گهٽ خرچ جي شروعات اتان ئي ٿي ته ان ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ نه هوندو. سنڌ جيڪا تعليم جي ميدان ۾ ڪافي عرصي کان انتهائي پٺتي پئجي چڪي آهي، اهو سڀ ڪجهه هڪ پاسي ته اسان جي ڪرپٽ انتظاميه ۽ حڪومت جي پيارن ماڻهن جون ڪيل مهربانيون آهن. ته ٻئي طرف وري اسڪولن کي وڏيرن ۽ جاگيردارن پنهنجون خانداني ملڪيتون سمجهي ورتو آهي. ڪن اسڪولن ۾ چوپايو مال ٻڌو آهي ته ڪن ۾ وري ڪڪڙ، ڪن



اسڪولن ۾ وڏيرن جو ان ۽ پاڻ پيو آهي، ته ڪي اسڪول وري پوتارن جون اوطاقون بڻيل آهن. ڪو مري يا جمي بس تڏا وڇايو اسڪول ۾ ويٺا هوندا، ديڳون به اتي پچن ۽ ڪائجن به اتي. ان ۾ ٻارن جي تعليم ڪيڏي متاثر ٿئي ٿي ان جو ته اندازو لڳائي سگهجي ٿو. وري ٻئي طرف اسان جا حڪمران آهن جن کي اسان دهلن، شرنائين سان اقتدار ۾ پهچايو. انهن سڀني ئي اسان سنڌين جي پيرن تي ڪهاڙو هڻي ڇاڏي واٽي سنڌ جي تعليم تباهه ڪئي آهي. سنڌ ۾ پرائمري کان وٺي يونيورسٽين تائين تعليم تباهه لڳي پئي آهي. ڪرپٽ ڪامورا شاهي، اداري اندر ڪرپشن کي هيٺ لاهي پنهنجي پاڻ کي سولو رکيو آهي. هزارين استاد پگهارون ته کڻن ٿا پر ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. جنهن کي ڪابه نوڪري نٿي ملي اهو استاد ٿيو وڃي. پرتين جي معاملي ۾ ميرٽ جو جنازو نڪري چڪو آهي. اسان جا استاد سڀورا ٿي، ٿي ڏنڊا ڪري رهيا آهن پر اسڪول وڃڻ کان سائين جن کي تپ ٿو چڙهي. سرڪاري اسڪولن جو سڀ کان وڏو الميو ۽ استاد سڀورن جي لاءِ خوشي

جي ڳالهه اها به آهي ته ان ۾ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ ڏئي پنهنجي مرضي مطابق موڪل وٺي سگهجي ٿي. سنڌ جي اسڪولن جا استاد ايترا ته گوسڙو آهن جو انهن جو چهرو به شاگردن کان وسري ويندو آهي. گذريل حڪومت ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ بجيٽ تي بحث دوران سڀ کان وڌيڪ جنهن ڪاتي تي تنقيد ٿي اهو سنڌ جو تعليم وارو ڪاتو هيو. گذريل پ پ حڪومت ۾ سنڌ جي روينيو ڪاتي جي وزير ڄام مهتاب ڏهر اسيمبلي ۾ چيو هو ته ” مان اعتراف ڪيان ٿو ته مان پنهنجي ئي تڪ ۾ بند پيل اسڪول نه کولرائي سگهيو آهيان“. شيخ اياز چيو هو ته آزادي جو حقيقي شعور تعليم کان سواءِ ناممڪن آهي. يقينن جڏهن اسان وٽ تعليم هوندي ته شعور به هوندو.




سنڌ حڪومت سان گڏوگڏ سنڌ جا سڄڻ سياسي، سماجي، ادبي، مذهبي، قوم پرست، سڄاڻ ۽ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن جي اڪثريت خاموش آهي. ڪجهه اقليت به صرف زباني جهاد تائين محدود آهي. هونءَ ته ڏاڍي هاءِ گهوڙا، هاءِ گهوڙا ڪن ٿا ۽ وڏيون وڏيون دعوائون به ڪن ٿا ته اسان هي ڪنداسين، اسان هو ڪنداسين پر اها الائي ڪهڙي مجبوري آهي جو هميشه سنڌ جي تعليم جي مسئلي تي انهن کي گهرن ۾ ويهاري ويٺي آهي. هونئن ته سنڌي چينل ٿي، ٿي ڏينهن ٽوپي ڪلچر، ايڪتا ڏينهن ۽ ثقافت ڏينهن ملهائيندا آهن. ائين ٿو لڳي ته ڄڻ ڪا ڊوڙ هجي ٽوپي ڏينهن ملهائڻ جي ۽ سڀ ڪو پهريون نمبر اچڻ ٿو چاهي هر سنڌي چينل پنهنجي، پنهنجي مشهوري لاءِ الڳ، الڳ تقريبون ڪري ٿو ڄڻ ڪو هر چينل جي ثقافت الڳ ۽ مختلف هجي. سنڌ واسطي اهي ڊراما بند ڪيو! هن وقت سنڌ کي تعليم ۽ تعليم جي بهتر معيار جي ضرورت آهي. توهان (چينلن) جو آواز هر ماڻهو تائين پهچندو آهي اگر توهان خوشحال سنڌ ڏسڻ چاهيو ته سنڌ جي تعليم جي مسئلو

پنهنجو مسئلو سمجهي تعليمي پروگرام ۽ تعليم جي مسئلي تي سگهاريون تحريڪون هلايو. ان ۾ ئي توهان، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن، ثقافت، ٽوپي، اجرڪ ۽ تهذيب کي بچائي ۽ قائم رکي سگهندو باقي سڪٽن پروگرامن ڪرڻ ۽ ڏينهن ملهائڻ سان ڪجهه به ورڻو ناهي. ڇا تعليم، سنڌ جو وڏي ۾ وڏو مسئلو ناهي؟ سنڌ جي نه ڪنهن سياسي، سماجي، مذهبي اڳواڻ ۽ نه وري ڪنهن مير، پير ۽ پوتار کي سنڌ جي تعليم جي پرواهه آهي. ڇو ته اهي ماڻهو ته پنهنجا ٻار ڪنهن نه ڪنهن پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهائي رهيا آهن. پلا انهن جو هاري، مزدور، ريڙهي يا گاڏي واري، موچي ۽ ٻين غريب ۽ ٻي پهچ ماڻهن جي ٻارن سان ڇا وجي؟ حالت ايتري خراب آهي جو هڪ سرڪاري استاد پنهنجن ٻارن کي پنهنجي ئي اسڪول ۾ پڙهائڻ لاءِ تيار ناهي. ائين ٿو لڳي ته ڄڻ سنڌ جو ڪو ڌڻي سائين ئي ڪونهي. اوهان جڏهن سنڌ جي تعليم بابت انگ اکر ڏسندو ته يقينن هر باشعور ماڻهو رت جا ڳوڙها روئيندو ۽ اوهان کان رڙ نڪري ويندي ته هي ڪنهن جو گهر پيو لٽجي. حڪومت ڪٿي آهي؟ اربين روپيا خرچ به ٿين ٿا. پر تعليمي سرشتو ٺيڪ نه ٿو ٿئي ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن اها ڳالهه سڀن جي سامهون آهي. مان سمجهان ٿو ته حڪومت ۽ اسان جا ڪامورا نه ٿا چاهن ته سنڌ پڙهي لکي باشعور ٿئي ۽ ميرٽ رائج ٿئي. سرڪاري انگن، اکرن موجب گذريل سال 2012 ۾ سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي کي اٽڪل 12 ارب روپيا ڏنا ويا هئا.

سنڌ حڪومت جي انگن، اکرن مطابق سنڌ ۾ ٽوٽل 44500 پرائمري اسڪول آهن. جن مان 18454 ڇوڪرن جا، 7452 اسڪول ڇوڪرين جا ۽ 18594 گڏيل تعليم جا اسڪول آهن. گڏيل اسڪولن ۾ به مرد استاد پڙهائيندا آهن. انهن اسڪولن ۾ 3285218 شاگرد رجسٽرڊ آهن. جن ۾ 1970777 ڇوڪرا ۽ 1314441 ڇوڪريون آهن. پرائمري اسڪولن ۾ ٽوٽل 96243 استاد آهن جن ۾ 69489 مرد ۽ 26754 عورتون استاد آهن ۽ سيڪنڊري ۽ مڊل 4346 اسڪول آهن جن ۾ 777179 شاگرد رجسٽرڊ آهن انهن ۾ 459415 ڇوڪرا ۽ 317764 ڇوڪريون داخل آهن. جڏهن ته 2069 ڇوڪرن جا ۽ 1298 ڇوڪرين جا اسڪول آهن جن ۾ 36718 استاد آهن، 21586 مرد ۽ 15132 عورتون استاد آهن. سنڌ ۾ ٽوٽل 239 ڪاليج آهن، جن منجهان 143 ڇوڪرن جا ۽ 96 ڇوڪرين جا ڪاليج آهن. جن ۾ 164456 ڇوڪرا ۽ 110729

چوڪريون شاگرد رجسٽرڊ آهن. جيڪڏهن انهن ڪاليجن ڪي هر هڪ ضلعي جي حساب سان ڏسجي ته ڪراچي ۾ ٽوٽل 118، چوڪرن جا 63 چوڪرين جا 55 ڪاليج آهن. حيدرآباد ٽوٽل 54 چوڪرن جا ۽ چوڪرين جا 21 ڪاليج، ميرپورخاص ۾ ٽوٽل 16، چوڪرن جا 10 چوڪرين جا 6 ڪاليج، سکر ۾ ٽوٽل 31، چوڪرن جا 22 ۽ چوڪرين جا 9 ڪاليج ۽ لاڙڪاڻو ۾ ٽوٽل 20 ڪاليج آهن جنهن ۾ چوڪرن جا 15 ۽ چوڪرين جا 5 آهن. سنڌ ۾ ٽوٽل 39 يونيورسٽيون آهن جن مان 15 سرڪاري ۽ 24 پرائيويٽ يونيورسٽيون آهن. ريفارم سپورٽ پروگرام جي رپورٽ مطابق سنڌ ۾ 4760 پرائمري، 272 مڊل ۽ 7 سيڪنڊري اسڪول بند پيل آهن. مجموعي طور 5039 اسڪول بند پيل آهن. انهن بند پيل اسڪولن ۾ نياڻين جا 1199 پرائمري، 99 مڊل ۽ 3 سيڪنڊري اسڪول بند پيل آهن. ۽ جيڪي اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن انهن ۾ تعليم نالي ڪا شيءِ ڪانهي ۽ ڪاليجن جي حالت ته اڃا خراب آهي چو ته اُن رپورٽ مطابق سنڌ ۾ 90% ڊگري ڪاليج بند پيل آهن. رهيل ڪثر وري ٻوڏن ۽ برساتن پوري ڪئي. 2010-11 جي مها ٻوڏ ۽ برساتن ۾ 16 ضلعن جا اسڪول تباهه ٿيا جن کي اڃا تائين بحال نه ڪيو ويو آهي. هن وقت ٺٽو، بدين، ٿرپارڪر، دادو، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، شڪارپور، قمبر شهدادڪوٽ، گهوٽڪي ۽ خيرپور ضلعا اهڙا آهن جن ۾ قبيلائي جهيڙن جي ڪري ڪيترن ئي سالن کان ڪوڙ سارا اسڪول بند پيل آهن. پر انهن بند پيل اسڪولن جي نالن تي ڪروڙين روپين جا ايس، ايم، سي فنڊ جاري ٿين ٿا. سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جي ريفارم سپورٽ پروگرام جي ڏنل انگن اکر موجب 2011-12 کان في پرائمري اسڪول 22 هزار، في مڊل اسڪول 50 هزار ۽ هائر سيڪنڊري



اسڪول کي هڪ لک روپيا ايس، ايم، ايس فنڊ ۾ ڏنا ويا ته جيئن اسڪولن جي مرمت، ٻارڙن جي ڳاڌين جو پاڙو يا ٻئي ڪنهن ضرورت جي شئي خريد ڪرڻ لاءِ اها رقم خرچ ٿي سگهي. سنڌ حڪومت جي ڪاتن جي ٽن سالن جي آڊٽ رپورٽ مطابق تعليم کاتي کي 2008 کان 2010 تائين 2442.97 ملين ڏنا ويا هئا. هن وقت هڪ اندازي موجب 20 هزار استاد اسڪول نه ٿا وڃن. اهي ڪامورن سان ملي ڀڳت ۽ سياسي اثر استعمال ڪري ٻيا ڪاروبار ڪن ٿا. جڏهن ته اهڙا ڪيترائي استاد سڀورا آهن جيڪي بنا ڪنهن اجازت جي پرڏيهه ويل آهن اڌ پگهار تعلقي آفيسر ۽ انهن جو اسٽاف ٿو ڪٽي ته اڌ پگهار انهن کي ڏني پئي وڃي. جنهن جي ڪري سنڌ جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي. هڪ رپورٽ موجب سنڌ جي اسڪولن ۾ ٽئين درجي جا 66% ۽ چوٿين ۽ پنجين درجن جا 45% ٻار سنڌي ۽ اردو جو سبق نه پڙهي سگهندا آهن. سنڌ ۾ 3 کان 5 سالن جا 61% ٻار اسڪول نه ويندا آهن. ريفارم سپورٽ جي رپورٽ مطابق مجموعي طور تي سنڌ ۾ 77% اسڪول بند پيل آهن. سنڌ حڪومت جي ڏنل انگن اکرن مطابق 20% اسڪولن کي بنيادي سهولتون جهڙوڪ چوديواري، پاڻي، بجلي، باٿ روم ۽ فرنيچر جهڙيون بنيادي شيون به نه آهن. انهن جي تفصيل ڪجهه هن ريت آهي. 12794 اسڪولن کي ڇت نه آهي، 34386 کي بجلي نه آهي، 23349 کي غسل خانا نه آهن، 25237 اسڪولن ۾ پيئڻ جو پاڻي ۽ 26669 کي چوديواري نه آهي. تعليم کاتي جو اڳوڻو وزير پير مظهر الحق پڻ ان ڳالهه جو اعتراف ڪري چڪو آهي. ريفارم سپورٽ پروگرام جي 09-2008 جي رپورٽ موجب سنڌ جي ٻهراڙين ۾ 5 کان 15 سالن جا ٻار 50% ڇوڪرا ۽ 70% ڇوڪريون اسڪول نه ٿا وڃن. هڪ رپورٽ مطابق سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڇوڪرين جي تعليم ان ڪري به متاثر ٿي رهي آهي جو مائٽن پاران ڇوڪريون نه پڙهائڻ جهڙا معاملا عام آهن. جيڪڏهن ڪا ڇوڪري مائٽن جي راضپي سان پڙهي به ٿي ته ان کي وري مقامي وڏيرا ۽ جاگيردار پنهنجي عزت ۾ گهٽتائي ٿا سمجهن ته اسان جي ڳوٺ مان ڪا ڇوڪري ٿي پڙهي. ته ٻئي پاسي وري دين جا رکوالا ڇوڪرين جي پڙهڻ سان دين کي خطرو ٿا سمجهن. ٻيو ته سيڪنڊري اسڪول ٻهراڙين جي علائقي کان پري آهن ۽ ڇوڪرين جا مائٽ 5 درجن کان مٿي پڙهڻ جي اجازت نه ٿا ڏين ته ڇوڪريون ڪنهن ٻئي ڳوٺ يا

شهر وڃي پڙهن. اهوئي سبب آهي جو اڪثر ڇوڪريون نه ٿيون پڙهي سگهن ۽ جيڪي پڙهن به ٿيون ته 5 درجا يا ديني تعليم تائين محدود آهن. ڇوڪرا ته ڪجهه ڪلوميٽر پري يا ٻئي ڪنهن شهر وڃڻ لاءِ بسن ۽ ويگنن تي وڃي ٿا سگهن پر ڇوڪرين کي ان جي اجازت نه آهي. اها رياست جي ذميواري آهي ته پنجن کان 16 سالن جي ٻارن کي مفت ۽ لازمي تعليم فراهم ڪري. جيڪڏهن رياست سڀني علائقن ۾ اسڪول نٿي قائم ڪري سگهي ته اها به رياست جي ذميواري آهي ته ٻارن کي ٽرانسپورٽ مهيا ڪري ڏئي ۽ اعليٰ آفيسرن کي به اهو حڪم ڏ نل آهي ته هو باقائدي اسڪولن جو دؤرو ڪن ۽ استادن ۽ شاگردن جي حاضري ڏسن. پاڪستان گورنمينٽ مطابق پرائمري اسڪولن ۾ 56 سيڪڙو ڇوڪرا ۽ 44 سيڪڙو ڇوڪريون پڙهنديون آهن. پر هاءِ اسڪولن تائين پهچندي ڇوڪرا 61 سيڪڙو ۽ ڇوڪريون 39 سيڪڙو ئي رهجي وينديون آهن. هائر سيڪنڊري ۾ ته ان کان به حال خراب آهي. هڪ رپورٽ موجب اهڙا ملڪ جتي عورتن جي تعليم گهٽ آهي جن جي عمر 15 کان 24 سال آهي، اهڙا 20 ملڪ آهن جن مان پاڪستان پنجين نمبر تي آهي. سنڌ ۾ لڳ ڀڳ هر اسڪول ۾ سئو سوا سئو شاگردن تي هڪڙو استاد هوندو آهي. جيڪڏهن اسان سنڌ جي اسڪولن کي پنجاب جي اسڪولن سان ڀيٽيون ته زمين آسمان جو فرق آهي. پنجاب ۾ 25 کان 30 شاگردن تي هڪ استاد آهي. مونکي چڱي نموني ياد آهي جڏهن مان 6 ڪلاس ۾ پڙهندو هئس ته اسان جي ڪلاس ۾ 105 شاگرد داخل ٿيل هئا ۽ سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته حڪومت مطابق هڪ شاگرد لاءِ 3 سڪوائر فٽ ايراضي ۽ وڌ ۾ وڌ 36 شاگردن تي هڪڙو استاد هئڻ لازمي آهي. نياڻين ويچارين جي اسڪولن جي حالت اڃا افسوس ناڪ آهي ڇو ته هڪ رپورٽ مطابق هر 1800 شاگردياڻين (6 کان 12 ڪلاس تائين) تي صرف 27 يا ان کان به گهٽ ماسترياڻيون آهن جن ۾ صرف هڪ سائنس ٽيچر هوندي آهي ۽ استادن جي گهٽتائي هئڻ ڪري 120 شاگردياڻيون هڪ ڪلاس ۾ پڙهڻ تي مجبور آهن. ساڳئي رپورٽ اڳتي لکي ٿي ته سنڌ جي گهڻي ٽئي گرلس اسڪولن، ڪاليجن ۾ فزڪس، ڪيمسٽري، رياضي، ٻاٽني ۽ زولاجي جون ٽيچرز موجود نه آهن. بجلي جون تارون ڪليل آهن. غور ڪرڻ جي ڳالهه اها آهي ته 1800 ڇوڪرين ۽ انهن جي ٽيچرز

جي لاءِ هڪ به واٽر ڪولر نه آهي نه وري ڪلاسن ۾ بلب، پکا، هيٽر ۽ ٽيوب لائيٽون صحيح آهن رپورٽ ۾ اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ جي گرلس اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ هنگامي بنيادن تي ماسترياڻيون ۽ پرنسپال ڀرتي ڪرڻ گهرجن. 25 فيبروري 2013 جي ڊيلي ٽائيمس اخبار ۾ ”سنڌ پروفيسرز اينڊ ليڪچررز ايسوسيئيشن“ طرفان هڪ رپورٽ ظاهر ڪئي وئي هئي ته سنڌ ۾ گهڻا تڻا ڪاليج بغير پرنسپالن جي پيا هلن ۽ ڪافي ڪاليجن ۾ جونيئر استاد پرنسپالن جو عهدو سنڀاليو ويٺا آهن ۽ ان ۾ سياسي ماڻهن جو وڏو هٿ وس آهي. لڳ ڀڳ سڄي سنڌ جي سمورن اسڪولن ۽ ڪاليجن ڪي ٽرانسپورٽ (پرائيويٽ) نه آهي جيڪي شاگردن خاص ڪري ڇوڪرين کي پري جي علائقن، ڳوٺن ۽ ڀهراڙين کان اسڪولن ۽ ڪاليجن تائين پهچائي. ڪجهه وقت پوئتي وڃجي ته ڪنهن هڪ اڌ ڪاليج وٽ ڪاليج بس هئي پر لڳي ائين ٿو ته ويچاري سنڌ سرڪار انهن بسن جو خرچ پکو برداشت نه ڪري سگهي. فري اينڊ فيئر اليڪشن نيٽورڪ مطابق، سنڌ ۾ عورت استادن جون 31 سيڪڙو جايون خالي آهن. ۽ پنجاب ۾ اها شرح 5 سيڪڙو آهي. ياد رهي ته سنڌ ۾ هزارين ”گهوسٽ اسڪول (يعني جن اسڪولن جون بلڊنگون سهي نه هجن يا سالن کان بند هجن يا رڳو سرڪاري ڪاغذن ۾ هجن) آهن. آئي ڏينهن ڇت مان ڇاپڙ ڪرڻ ڪري شاگرد زخمي ٿين ٿا انهن واقعن سان اخبارون ڀريون پيون آهن.



سنڌ ايجوڪيشن مينيجمينٽ انفارميشن سسٽم مطابق سنڌ ۾ 50 لک ٻار اسڪول نه ٿا وڃن. ۽ سنڌ ۾ 24 هزار اهڙا اسڪول آهن جن ڪي هڪ يا ٻه ڪلاس روم آهن. اهڙن اسڪولن ۾ هڪ استاد مقرر آهن. ساڳئي اداري جو چوڻ آهي ته سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن خاص ڪري ڀهراڙين ۾

سيڪنڊري اسڪول نه هئڻ ڪري ٻار 5 درجا پڙهي گهر ويهي ٿا رهن يا ڪنهن پورهئي ۾ لڳي ٿا وڃن. اهڙن ٻارن ڪي به اڻ پڙهيلن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. ڇو ته اهڙن ٻارن ڪي ڪجهه عرصي کان پوءِ پڙهيل شيون وسري وڃن ٿيون. نيشنل ڪميشن فور هيومن ڊولپمينٽ جي هڪ تازي رپورٽ مطابق سنڌ ۾ گڏيل طور تي 60 سيڪڙو ماڻهو اڻ پڙهيل آهن (رهيل 40 سيڪڙو پڙهيلن ۾ اهي ماڻهو به شامل آهن جيڪي صرف پنهنجو نالو لکڻ ڄاڻين ٿا) جڏهن ته شهري علائقن ۾ 34 سيڪڙو ۽ ٻهراڙين جي علائقي ۾ 66 سيڪڙو ماڻهو اڻ پڙهيل آهن. هڪ پرائيويٽ اداري موجب سنڌ جي 44 سيڪڙو آبادي ڪڏهن اسڪول جو منهن به نه ڏٺو آهي. ۽ ان ۾ به هميشه جيئان ٻهراڙي جو انگ وڌيڪ آهي يعني 55 سيڪڙو ڪڏهن به اسڪول ۾ پير نه پاتو آهي. يقينن جيڪڏهن ٻار نه پڙهندا ته مجبورن ڪو ڪم ڌنڌو ئي ڪندا جيڪو پڻ وڏو سبب بڻجي ٿو چائلڊ ليبر جو. اهو به سچ آهي ته چائلڊ ليبر جو وڏو سبب غربت ئي آهي پر تعليم جي اڻاٺ جو به سٺو خاصو هٿ آهي چائلڊ ليبر يعني ننڍي عمر ۾ ڪم ڪرڻ بابت ٻارن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم ”اسپارڪ“ جي هڪ رپورٽ مطابق هن وقت لکين ٻار پورهيو ڪري رهيا آهن. توڙي جو اسان وٽ ”چائلڊ ليبر ايڪٽ“ نالي هڪڙي شيءِ آهي جيڪا اڄ تائين پنن تي لکيل آهي ۽ فائيلن ۾ بند لڳي پئي آهي جيئن ڪا پاڪ شئي هجي، جنهن کي وضو ۽ غسل کان سواءِ هٿ لڳائڻ جي اجازت نه هجي. هونئن ته ”چائلڊ ليبر ايڪٽ“ 91-90 جي دؤر کان پاس ٿيل آهي پر اڄ تائين ڪنهن به حڪمران ان ايڪٽ تي عمل ڪرائڻ ته پري جي ڳالهه آهي. پر مونکي پڪ آهي ته ڪنهن به حڪمران اهو ايڪٽ چڱي نموني پڙهيو به نه هوندو. چائلڊ ليبر ايڪٽ تحت ”ٻارن کي اسڪول نه موڪليندڙ والدين کي 25 هزار ڏنڊ ۽ ٽن مهينن جي سزا ٿي سگهي ٿي ۽ ٻارن کان جبري پورهيو وٺندڙن کي 50 هزار ڏنڊ ۽ 6 مهينن تائين جي سزا لڳي سگهي ٿي“ پر ان ايڪٽ کي عملي جامو ڪير پارائيندو؟ ايشين هيوم رائٽس طرفان ڄاڻايو ويو آهي ته پاڪستان ۾ گهٽين ۾ رهندڙ ٻارن ”اسٽريٽ چائلڊ“ جو انگ 12 لک آهي. جڏهن ته صرف حيدرآباد ۽ ان جي آس پاس ۾ 5 هزار ٻار لاوارث گهٽين ۾ رهن ٿا. جن ۾ 483 ڇوڪريون به شامل آهن. جيستائين ڳالهه پرائيويٽ اسڪولن جي ڪجي ته پ پ جي پوئين

حڪومت جي تعليم کاتي جي وزير پير مظهرالحق مطابق سنڌ ۾ 9122 رجسٽرڊ ۽ 1543اڻ رجسٽرڊ پرائيويٽ اسڪول آهن. پر هڪ سروي مطابق هن وقت سنڌ ۾ مجموعي طور 46 هزار کان مٿي پرائيويٽ اسڪول آهن. هن وقت خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو رهي ٿو ۽ هر ماڻهو ان ڊوڙ ۾ شامل نظر اچي ٿو. اهي اسڪول 200 کان هزارن تائين جي ماهوار فيس اڳاڙن ٿا ۽ حڪومت جيڪا آئين ۾ برابر ۽ غير طبقاتي تعليم جي ڳالهه ٿي ڪري سا چپ ۾ طبقاتي تعليم کي هٿي ڏيندي نظر اچي ٿي. هن وقت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ننگرپارڪر کان ويندي گڊو تائين هزارين اسڪول کليل آهن. هاڻي جڏهن تعليم به ڪاروبار بڻجي وئي آهي تڏهن ملڪ سنڌ جي هر امير جو ٻار هر غريب جي ٻار کان ايترو اڳتي آهي جيترو ترقي يافته ملڪ اسان جي ملڪ کان اڳتي آهن ۽ ان شئي جو اثر آساني سان ڏسجي سگهجي ٿو. مزي جي ڳالهه اها آهي ته پرائيويٽ اسڪولن لاءِ به سنڌ حڪومت طرفان هڪ تازو ئي بل پاس ٿيل آهي پر ان بل تي عمل نالي ڪا شئي نه آهي. پرائيويٽ اسڪولن جي بل تحت ”سنڌ جي سيني پرائيويٽ اسڪولن مان هر پرائيويٽ اسڪول کي ٽوٽل ٻارن جو 10 سيڪڙو ٻارن کي مفت ۾ پڙهائڻو آهي. اگر ڪو پرائيويٽ اسڪول مالڪ ان بل جي پابندي نه ڪندو ته ان کي 50 هزار کان هڪ لک جو ڏنڊ ۽ هڪ مهيني کان ٽن مهينن تائين جي سزا ٿي سگهي ٿي ۽ ان بل جي انڪاري مائٽن کي به ڏنڊ ۽ سزا ٿي سگهي ٿي. هاڻي ته ٻڌڻ ۾ پيو اچي ته انڊيا جيئان هتي به ٻارن کي پئسا ۽ هڪ ٽائيم جي ماني به ڏني ويندي. پر شايد اِهو به فنڊ کائڻ جو هڪ نئون بهانو ظاهر ٿئي. 21 صدي ۾ به سنڌ ۾ تعليمي بحران آهي ۽ سنڌ جي تعليم جي ٻيڙي ٻڏي چڪي آهي. مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته سنڌ ۾ هن وقت 90 سيڪڙو ڊگري ڪالج بند پيل آهن. شاگرد داخل ته هوندا آهن پر افسوس ڪلاس نه هلندا آهن رڳو ڪاپي تي زور آهي اسان هن وقت ڊگرين وارا جاهل پيدا ڪري رهيا آهيون، حڪومت جيڪڏهن اها پاليسي تبديل نه ڪئي، بند پيل اسڪول نه کولرايا ۽ تعليم جو معيار صحيح نه ڪيو ته ايندڙ وقت ۾ صوبي ۾ جاهلن جو تمام وڏو انگ هوندو جيڪو ڪنهن به ڪم جو نه هوندو اهي ڊگرين وارا جاهل پاڻ مرادو جهالت، وسوسن، فرسودن ريتن،

رسمن ۾ چسي سياست جي ور چڙهي تباهه ٿي ويندا. سنڌ جي تعليم بچائڻ لاءِ اسان سنڌ واسين کي پنهنجا مسئلا وساري سنڌ جي تعليم جي بچاءُ لاءِ گڏ ٿي ويهڻو پوندو ۽ سنڌ کي ايندڙ جاهلن جي فوج کان بچائڻ ۽ سنڌ ۾ تعليمي سرشتي کي ٺيڪ ڪري برابري جي تعليم رائج ڪرائڻ لاءِ سنڌ واسين کي ڪالاباغ ڊيم کان به وڌي تعليم بچايو تحريڪ هلائڻي پوندي. تڏهن وڃي اسان هن گهوٽالي مان نڪري سگهون ٿا. ياد رهي ته پاڪستان ۾ ”جي ڊي پي“ جي نسبت سان تعليمي بجيٽ 2 سيڪڙو کان به گهٽ آهي.

عالمي سياسي صورتحال

ماحولياتي بگاڙ: سرمائيداريت جو لازمي نتيجو!

اديب رتڙ

ماحول جيئن ته جديد سائنس جو موضوع آهي جيڪو فطري توڙي سماجي سائنس جي مختلف پهلوئن جهڙوڪ سماجيات، معاشيات ۽ ايڪولاجي (Ecology) تي آڌاريل هجي ٿو. ان ڪري پاڻ پنهنجي موضوع کي هيٺين ڪجهه حصن ۾ ورهائينداسون.

(1) انسان ۽ ان جو فطري ماحول

(2) ماحول سان مستحڪم تعلق (Sustainable Relation)

(3) ذاتي ملڪيت جو سوال ۽ ماحول.

(4) ڇا سرمائيداريت آلودگيءَ جو ڪو حل ڪڍي سگهي ٿي؟؟

(1) انسان ۽ ان جو فطري ماحول:

انسان سماجي وجود (Social Being) بعد ۾ پر پهرين حياتياتي وجود (Biological Being) يا فطري وجود (Natural Being) آهي. تنهن ڪري هن جو فطري دنيا سان ڪاڌ، پيئڻ، بچاءُ ۽ پهرڻ جي ڪري واسطو اول پوي ٿو پوءِ ثقافت، فن، هنر، ادب، مذهب، سائنس ۽ سياست سان پوي ٿو.

انسان جي پنهنجي ماحول سان جڙت ۽ ارتقا جي ڪهاڻي ايتري ئي پراڻي آهي جيترو پراڻو ڌرتيءَ تي زندگيءَ جو آغاز. هو حياتياتي ارتقا جي مختلف ڏاڪن مان نواڻ (Mutations) ۽ ان نواڻ جي استحڪام ۽ وڏاءَ جي عمل (Natural Selection) مان گذرندو لڳ ڀڳ 10 لک سال اڳ اڄوڪي شڪل يعني هوموسيپينس (Homo Sapiens) ۾ اچي پهتو. ان 10 لک سالن جي عرصي مان وڏو عرصو يعني 9 لک 90 هزار سال هو جهنگ ۽ غارن ۾ ماحول جون سختيون سهندي، بچندو ۽ وڌندو پيو اچي. هر جانور وٽ شڪار ۽ دفاع لاءِ ڪي خاص عضوا هوندا آهن. جيئن شينهن، بگهڙ، واڳون ۽ ٻين جانورن وٽ شڪاري ڏند (canine teeth) ۽ تيز چنبا وغيره موجود هوندا آهن ۽ سهي، هرڻي وغيره وٽ شڪار ٿيڻ کان بچڻ لاءِ تيز ڊوڙڻ جي صلاحيت وغيره. انهن عضون يا صلاحيتن جي عدم موجودگي ۾ ڪوبه جاندار پنهنجو پاڻ کي فطري چونڊ واري قانون (Natural

Selection) مطابق زندهه رکي نٿو سگهي. انسان وٽ ڪي شڪاري ڏند، يا چنبا ته ڪونه رهيا آهن پر هن جو پيرن تي سڌو ٿي بيهڻ (Erect Posture)، آڱوٺي جو باقي آڱرين کان 90 ڊگريءَ تي آزاد ٿيڻ (Free Thumb)، زبان جو چپاڙيءَ کان الڳ ٿيڻ (Free Speech) وغيره اهڙيون خاصيتون (ميوٽيشنس جي بدولت) انسان حاصل ڪري ورتيون جن هن جي سماجي وجود ٿيڻ جا امڪان پيدا ڪيا، تنهن کان پوءِ انسان باهه پيدا ڪرڻ (انسان آلودگيءَ ۽ سماجي وجود پنهي جي شروعات باهه جي استعمال کان ڪئي) ۽ چقمق مان اوزار ٺاهڻ سکيا، پوءِ لڳ ڀڳ 10، 15 هزار سال اڳ زراعت جو هنر به سکي ورتو ۽



گڏجي سڏجي رهڻ ڪري ڪم جي ورهاست (Division of Labour) ۽ ثقافت جو بنياد وڌو. انسان اوائلي دور ۾ هڪ فطري وجود هو پر سماجي وجود جي شڪل وٺڻ کانپوءِ هن ماحول کي سماجي ڪرڻ شروع ڪيو ۽ وڏي پيماني تي پيداوار يا سرمائيداراڻي دؤر ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ، ماحول ۾ موجود وسيلن کي استعمال ڪندي ان کي بگاڙڻ شروع ڪيو. وڻن جي ڪٽائي کان ويندي پين جاندارن جي شڪار ۽ فاسل فيول (Fossil fuel) جي اڻ مئي استعمال انسان کي ”اوزار ٺاهڻ واري جيو“ مان وڌائي ”آلودگي پيدا ڪندڙ جيو بڻائي ڇڏيو.“

(2) ماحول سان مستحڪم تعلق **(Sustainable Relation):**

انسان جي جياپي ۽ ترقي لاءِ جيڪي شيون فطرت طرفان (جيڪي انساني پورهيي جي پيداوار نه هجن) هجن ٿيون، اهي انسان جو فطري ماحول ٺاهن ٿيون، جن ۾ هوا، مٽي، پاڻي، گرمي پد ۽ ٻي جيوت (Biodiversity) اچي وڃن ٿا. ڪنهن به ديرپا يا مستحڪم جيو گهر (Sustainable ecosystem) لاءِ لازمي آهي ته مٽي ڄاڻايل عنصرن جو استعمال ايترو ڪيو وڃي جيتري انهن ۾ وري پيدا ٿيڻ جي شرح هجي، جيڪڏهن ان توازن کي برقرار نه رکيو

ويو ته سڄو ايڪو سسٽم خطري ۾ پئجي ويندو.

اڄ دنيا جا 80 سيڪڙو شهر هوا جي آلودگيءَ جو شڪار آهن، 40 سيڪڙو بيماريون جهڙوڪ سلهه، دم، سهڪو ۽ ڪوڙ ساريون چمڙيءَ جون بيماريون ان سبب ٿين ٿيون، پاڻي جي آلودگيءَ سبب مِٺي پاڻي جي ذخيرن جهڙوڪ ڍنڍن، ۽ دريائن کي ته آلوده ڪيو ئي ويو آهي پر سمنڊ کي به وڏي پيماني تي تباهه ڪيو پيو وڃي. اڄ دنيا ۾ روزانو 14 هزار ماڻهو (صرف انڊيا اندر 580 ماڻهو) پاڻيءَ جي آلودگي (جراثيمن يا ڪيميائي مادن) جي ڪري مرن ٿا. چين اندر 90 سيڪڙو شهرن جو پاڻي آلوده آهي، سڄي دنيا ۾ اڌو اڌ آبادي کي صاف پيئڻ جو پاڻي ميسر ناهي. اسان کي لڳندڙ 50 سيڪڙو کان مٿي بيماريون پاڻيءَ مان لڳن ٿيون، جنهن سبب هر سال 50 لک کان 1 ڪروڙ تائين ماڻهو موت جو شڪار ٿين ٿا.



زميني آلودگيءَ جو اهو حال آهي جو سالانو 110 ملين ٽَنَ گند ڪچرو (Solid Waste) صرف آمريڪا مان پيدا ٿئي ٿو، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي پلاسٽڪ سان لاڳاپيل ڪچرو هجي ٿو. جنهن ۾ ٿيلهيون، ڊسپوزبل بوتلون يا پيڪيٽس وغيره اچن ٿا ۽ ياد رهي ته پلاسٽڪ جون شيون، نه ڳرندڙ (Non-degradable) ڪچري ۾ اچن ٿيون. جنهن سان ڌرتيءَ جو مٿانهون تهه (Top soil) زرخيزيءَ جوڳو ناهي رهندو. ڌرتي جو زرخيز تهه جنهن کي Soil چئجي ٿو اهو پهاڙن جي ڀُرڻ (Withering) مان ٺهي ٿو، صرف 2.5 سينٽي ميٽر تهه ٺهڻ لاءِ 500 سال لڳندا آهن، پر سڄي دنيا ۾ ساليانو 25 بلين ٽن زرخيز مٽي آلوده ڪئي وڃي ٿي جيڪا نئين زمين ٺهڻ جي شرح کان 17 دفعا وڌيڪ آهي. ٻئي طرف جهنگن جي ڪٽائيءَ سبب ۽ ٻوٽن جي ختم ٿيڻ ڪري مٽي ڳرڻ (Erosion) پڻ شروع ٿئي ٿي جنهن ۾ دريائي پاڻي يا ٻوڏون مٽي لوڙهي ڪٽي وڃن ٿا ته ٻئي پاسي مٽي ڌوڙ جي شڪل ۾ اُڏامي شهرن کي ڌوڙ جي ور چاڙهي ڇڏي ٿي.

ڌرتيءَ جو 31 سيڪڙو جهنگ آهن. جن ۾ ٻي جيوت سان گڏ 90 سيڪڙو پکي رهن ٿا. پر سرمائيداريءَ ۽ سامراجيت جي بدولت 16

هين صدي کان هيل تائين 90 سيڪڙو جهنگ تباهه ڪيو ويو آهي. 50 سال پهرين رين فاريسٽ (Rain Forest) 14 سيڪڙو هيو جيڪو هاڻ 5 کان 7 سيڪڙو وڃي بچيو آهي. اميزون جهنگ (Amazon Forest) جيڪو دنيا جو وڏي ۾ وڏو جهنگ (برازيل ۾) آهي ان جا هر سال 46 کان 58 ملين چورس ميل ڪٽيا وڃن ٿا. صرف 50 سالن اندر اميزون جهنگ جو 17 سيڪڙو ڪَٽي ناس ڪيو ويو آهي. مطلب ته اتي هر منٽ ۾ فوٽ بال جي 36 گرائونڊن جيترو جهنگ تباهه ڪيو وڃي ٿو ۽ اهڙو حشر دنيا جي باقي جهنگن سان پڻ ڪيو پيو وڃي.

وڻن يا ٻوٽن کي ماحول جا ڦڦڙ سڏيو ويندوآهي ڇو ته اهي ماحول مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کي جزب ڪن ٿا ۽ آڪسيجن پيدا ڪن ٿا جيڪا جانورن ۽ انسانن کي ساهه کڻڻ ۾ ڪم اچي ٿي. هڪ طرف ڏينهون ڏينهن فاسل فيولس (Fossil Fuels) يعني تيل، گئس ۽ ڪوئلي جو استعمال وڌايو وڃي ٿو جيڪو ڪاربان خارج ڪري ٿو ۽ ٻئي پاسي جهنگن جي ڪٽائيءَ (Deforestation) کي تيز ڪيو پيو وڃي نتيجي ۾ ماحول ۾ ڪاربان جي سطح خطرناڪ حد تي پُهچي چڪي آهي. جيڪڏهن اسين اڄ کان 1 لک 60 هزار سال پوئتي برفاٽي دور (Ice age) ۾ وڃون ته ان دور ۾ ڪاربان جي سطح گهٽ ۾ گهٽ 180ppm (پارٽس پر ملين) ۽ وڌ ۾ وڌ 280ppm هئي پر اڄ اها سطح 380ppm کان وڌيڪ چڪي آهي. ڪاربان کي گرين گئس (Green Gas) چئبو آهي. ڇو ته اها ڌرتيءَ جي چوڌاري هڪ تهه ٺاهي ٿي جيڪو ڌرتي سان ٽڪرائي واپس ويندڙ سج جي شعاعن مان گرمي جذب ڪري ڌرتيءَ کي مناسب گرمي پچائي، ڌرتي تي ٻوٽن ۽ وڻن کي جنمي ڌرتي کي سائو رکي ٿي، پر جي ساڳي ڪاربان مناسب سطح کان وڌي وڃي ته ڌرتي جو گرمي پد به وڌي ويندو (وڃي چڪو آهي) ۽ عالمي سطح تي گرمي پد ۾ چاڙهه اچي ويندو جنهن کي گلوبل وارمنگ (Global Warning) چئبو آهي. گلوبل وارمنگ، گلوبل تباهي (Global distruction) جو پيو نالو آهي جنهن جي نتيجي ۾ موسمي تباهه ڪاريون (Catastrophies) جنم وٺن ٿيون. هڪ طرف گليشيرس (وڏي مقدار ۾ جميل برفاني علائقا) جي رجڻ ڪري ٻوڏون منهن ڪڍن ٿيون ته ٻئي طرف انهن گليشيرس جي خاتمي يا کوٽ سبب ڪيترن ئي سالن تائين سوڪهڙي کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، دريائي پاڻي ۾ مستقل لاٽ ايندي وڃي ٿي جيڪا فصلن ۽ فيڪٽرين لاءِ پاڻي جي کوٽ جو سبب به بڻجي ٿي ته

ملڪن ۽ قومن وچ ۾ جنگين جو سبب به بڻجي ٿي. گلوبل وارمنگ جي ڪري هر شيءِ جي مٿاچري (جهنگ، فصل، درياهَ، جانور ۽ سمنڊ) تان پاڻي ٻاڦ ٿي اڏامڻ جي ڪري معاملو اڃان به شديد ٿيندو وڃي ٿو. گلوبل وارمنگ وارو معاملو هن وقت اُن اهم موڙ (Turning Point) تي پهچي چڪو آهي جتان کان پازيٽو فيڊ بيڪ (Positive feed back) شروع ٿئي ٿو. جنهن مان مراد اها آهي ته هاڻي گرميءَ جو درجو واپس موٽڻ بجاءِ وڌندو ئي ويندو ۽ اهو عمل اڳ جي مقابلي گهڻو تيز ٿي ويندو. ان جو هڪ اندازو زمين اندر برف ٿي ويل پاڻيءَ (Permafrost) جي رجڻ مان لڳائي سگهجي ٿو. آئيس ايج جي زماني کان پرما فروسٽ ڪربين ڏَنَ ڪاربان جذب ڪري چڪو آهي پر هاڻ ان برف جي رجڻ سان اها جذب ٿيل ڪاربان ٻاهر نڪرڻ لڳي آهي جنهن معاملي کي ويتر شديد بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ طرف فاسل فيول جي استعمال مان ڪاربان جو اخراج ٻئي طرف پرما فروسٽ مان ڪاربان جو اخراج. ان سڀني معاملي جي رنگ ۾ ڀنگ تڏهن ٿي ملي جڏهن گلوبل وارمنگ جي ان شدت جي ڪري سمنڊ به پاڻ ۾ جذب ڪيل گئسون ڪڍڻ شروع ڪن ٿا ۽ اهي اهڙي سامونڊي طوفانن ۽ سونامين جي شڪل اختيار ڪن ٿا، جن سان جپان جهڙو ملڪ هڪڙي ڏينهن ۾ ڪنهن ڪنڊر جو ڏيک ڏيڻ لڳي ٿو، 80- 80 فوٽ وڏيون سامونڊي لهرون شهرن جو رخ ڪن ٿيون.

عالمي طور تي سراسري 1.5 ڊگري سيليس گرمي پد وڌڻ سان 400 ملين ماڻهو پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏيندا، 5 ملين ماڻهو بک وگهي مرندا، پوري هندي سمنڊ جا ڪورل جانور مري ويندا. (سمنڊ جي تري ۾ ڪجهه جانور پنهنجي جسم جي ڪجهه ڪيميڪلس ۽ چوني مان گهر ٺاهين ٿا جتي مڇين ۽ ٻين جانورن جي پرمار هجي ٿي، اهي جانور جڏهن سوين سالن تائين گهرن مٿان گهر ٺاهين ٿا ته سمنڊ جي اندر چوني جون وڏيون ڇٽانون يا وڏا پَٽَ ٺهن ٿا جن کي ڪورل ريف (Coral Reef) چئبو آهي. انهن پٽن ۾ جانورن جون ايتريون ته جنسون رهن ٿيون جو، جي اسان اتي هڪ ڪلاڪ جو چڪر لڳايون ته ايترا ته الڳ الڳ جانور نظر ايندا جيترا اسان 20 - 30 سالن جي زندگيءَ ۾ خشڪيءَ تي مس ڏٺا هوندا).

NASA جي انگن اکرن موجب 1880 کان هيل تائين سراسري 0.8

ڏگري گرمي وڌي آهي ۽ جي گرمي ان رفتار سان وڌي ته 2040 تائين آرڪٽڪ برف (Arctic Ice) مڪمل ختم ٿي چڪي هوندي ۽ اتي برفاٽي رڇن سميت ٻيا ڪيترائي جانور ختم (Extinct) ٿي چڪا هوندا، هن وقت به سڄي دنيا جا 18 سيڪڙو جانور ۽ ٻوٽا مڪمل خاتمي جي ڪناري تي آهن.

زمين، پاڻي، هوا ۽ گرمي پد جي آلودگيءَ سبب ۽ جهنگن جي ڪٽائي سبب 500 سالن اندر 869 جاندارن جو جنسون هميشه لاءِ ختم ٿي چڪيون آهن. 1996 ۾ 5205 جاندارن جون جنسون ريڊ لسٽ (Red list) ڪيون ويون هيون هينئر انهن جو تعداد 8462 ٿي چڪو آهي. (ياد رهي ته هي صرف اهي انگ اکر آهن جيڪي هيل تائين لڌل 3 کان 4 ڪروڙ جاندارن مان ورتاويا آهن، جڏهن ته سائنسدانن جي اندازي موجب ڌرتيءَ تي 13 کان 14 ڪروڙ جاندار آهن). هن وقت هر ٽيون ڏيڏرن جو قسم، هر چوٿون مئمل،هر اٺون پکي ۽ ڪمين جو اڌو اڌ جنسون خاتمي جي خطري هيٺ (Endangered) آهن ۽ اها حالت ٻوٽن ۽ جانورن جي مڙني قسمن تي لاڳو ٿئي ٿي.

(3) ذاتي ملڪيت جو سوال ۽ ماحول:

هڪ آمريڪي اسڪالر مارگن انسان کي ”اوزار ٺاهيندڙ جانور“ سڏي ٿو ۽ مارڪس انسان ۽ ٻين جانورن ۾ فرق جي تميز پورهيي ذريعي ڪري ٿو يعني مارڪس وٽ انسان ”پورهيو ڪندڙ جيو“ آهي ٻنهي جي ڳالهه انتهائي درست آهي. تنهن ڪري مارڪس جڏهن تاريخ کي اوزارن جي ترقي ۽ انهن تي مالڪي جي تاريخ سڏي ٿو ته هو ان ڳالهه ۾ بلڪل حق بجانب آهي. جيڪو اوزارن ۽ پورهيي تي مالڪي رکندو اهو ئي تاريخ کي رخ ڏيندو. جيڪڏهن انهن تي مالڪي گڏيل هوندي ته سماج ۽ ماحول تي سڀني جو حق ۽ ضابطو به گڏيل هوندو، پر ان جي برعڪس ذاتي ملڪيت واري نظام ۾ ماحول ۽ سماج انهن جي وس هيٺ هوندو جيڪي ان وقت جي پيداواري ذريعن جي مالڪي رکندا هوندا. پوءِ سماج انهن پيداواري قوتن جي جائز ناجائز مفادن جي پورائي ڪرڻ کانسواءِ ڪجهه ڪري به نٿو سگهي.

اڄ جڏهن اسين ماحول جي تباهيءَ جي انگن اکرن ۽ واقعن کي ڏسون ٿا ته هڪدم اهو سوال اڀري ٿو ته پوءِ اسريل ملڪ، انهن جون حڪومتون ۽ عوام اٿي ڇو ڪونه ٿو؟ يا سائنس ڇو خاموش آهي؟ يا تحريڪون ڇو گم آهن؟؟ وغيره انهن سڀني

سوالن جو جواب ذاتي ملڪيت تي آڌاريل سماجي سرشتي ۾ لڪل آهي. ذاتي ملڪيت جون اسريل شڪليون سرمائيداري ۽ سامراجيت جتي منافعي جي لالچ ۽ هٻچ ڪي جنمين ٿيون، اتي ويڳاڻپ (Allienation) پڻ ان جو خاصو هجي ٿي. سماجي پيداواري رشتن ۾ جيڪي پيداوار جي عمل ۾ شامل هجن ٿا انهن وٽ مالڪي ناهي ۽ جن وٽ مالڪي آهي هڪ ته پيداواري عمل کان ٻاهر آهن ٻيو وري پيداواري ذريعن جو بي رحماڻو استعمال ڪن ٿا، ان سان پيداوار ۾ شامل فرد پهرين پنهنجي پورهيي ۽ پورهيي جي عمل ۽ اوزارن کان بيزاري ۽ ويڳاڻپ جو اظهار ڪن ٿا ته ٻئي مرحلي ۾ سماج ۽ ماحول کان لاتعلقي وارن رجحانن کي چٽين ٿا. ويتر سرمائيدار انهيءَ ويڳاڻپ ۾ نسلي، گروهي، مذهبي ۽ قومي نفرتن ۽ مقابلي جو سُيوڻ هٽي مختلف تباهه ڪُن لاڙا پيدا ڪرائي ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو جي اصول کي پاٽي ڏيندي ڏيهي ۽ عالمي تحريڪن مان صحتمند عنصر ڪڍيو يا ماريو ڇڏي.

اڄ جڏهن ماحول ۾ وڌندڙ ڪاربان جو اخراج گلوبل وارمنگ جي روپ ۾ خطرناڪ شڪل اختيار ڪندو پيو وڃي ته اتي هڪ پاسي ڪاربان جي اخراج تي ضابطي آڻڻ جي ضرورت آهي ته ٻئي پاسي وڻڪاري (Forestation) وڌائڻ جي ضرورت آهي. پر معاملو ان جي بلڪل برعڪس آهي. هڪ طرف سرمائيدار ڪاربان جي اخراج تي ضابطي آڻڻ جي بلڪل موڊ ۾ نه آهن. ڇو ته اينگلس چواڻي ”ماحولياتي آلودگي سرمائيدار لاءِ هڪ منافعي بخش عمل آهي.“ سرمائيدار وٽ منافعو ئي هنن جي ترقي ۽ مضبوطي جي علامت هجي ٿو (ها اها ئي هنن جي ترقي سڄي ماحول ۽ سماج جي پيل ڪري ٿي) سرمائيداريءَ واري ”دين“ وٽ منافعو ”خدا“ جي حيثيت رکي ٿو، سو هو پنهنجي خدا کي ڪيئن ٿا ناراض ڪري سگهن. ٻئي پاسي مختلف ملڪ، قومون ۽ قبيلا قومي ملڪيت ۽ ملڪي مفاد جي نالي ۾ وڻن جي ڪٽائي ۽ جهنگن جي مستقل خاتمي کي جائز قرار ڏين ٿا. صرف آمريڪا جو ئي مثال کڻو جيڪو دنيا جي ڪل آباديِ جو 5 سيڪڙو رکي ٿو، پر ڪاربان جو اخراج 25 سيڪڙو ڪري ٿو. سي آءِ اي (CIA) جي پنهنجن انگن اکرن (CIA's 2006 world fact book) موجب آمريڪي آرمي دنيا جي 174 ملڪن جيترو تيل استعمال ڪري ٿي. آئل چينج انٽرنيشنل (Oil Change International)

جي ڊائريڪٽر اسٽيفن ڪريٽز مين (Stephen Kretzman) جي اندازي موجب آمريڪا 2003 کان 2007 تائين عراق جنگ ۾ دنيا جي سڀني ملڪن ۾ استعمال ٿيندڙ تيل جو 60 سيڪڙو استعمال ڪيو آهي. سراسري طور آمريڪا 25 بلين بيرل (Barrels)، يورپ 11 بلين، چائنه 2 بلين کان به گهٽ ۽ لاطيني آمريڪا 1 بلين کان به گهٽ استعمال ڪن ٿا. دنيا جا رڳو 30 اسريل ملڪ (196 ملڪن مان) 80 سيڪڙو تيل استعمال ڪن ٿا، سو به پيداواري شعبن (Productive Sectors) ۾ گهٽ جنگين لاءِ وڌيڪ استعمال ٿئي ٿو. آمريڪا طرفان استعمال ٿيندڙ تيل جو 93 سيڪڙو صرف جنگين تي خرچ ٿئي ٿو جنهن ۾ 52 سيڪڙو هوائي فوج تي، 33 سيڪڙو نيوي، 7 سيڪڙو زميني فوج ۽ 1 سيڪڙو ملڪ اندر دفاعي اداري ڊي او ڊي (DOD) يعني ڊپارٽمينٽ آف ڊفينس تي خرچ ٿئي ٿو. جڏهن ته DOD تي خرچ ٿيندڙ 1 سيڪڙو به شامَ ملڪ جي تيل جي ڪل کپت کان مٿي آهي. 33 سيڪڙو تيل استعمال ڪندڙ آمريڪي نيوي دنيا ۾ وڏ کان وڏ ڊيزل (Diesel) استعمال ڪندڙ ادارو آهي.




جڏهن اهي اسريل ملڪ ايتري بي رحميءَ سان ماحول تباهه ڪن ٿا ته برازيل جهڙو ملڪ قومي يا ملڪي مفاد جي نالي اميزون جهنگ (Amazon Forest) جا هر سال هزارين ايڪڙ ڪٽي تباهه ٿو ڪري ته اهو به حق بجانب آهي. اميزون هن وقت دنيا جو وڏي ۾ وڏو جهنگ آهي، برازيل جي حڪومت ۽ قومي ۽ گهڻ قومي ڪمپنيون فرنيچر يا ڪارپوريٽ فارمنگ (دنيا ۾ وڏ کان وڏ سويابين جي پيداوار برازيل ۾ ٿئي ٿي) جي نالي ۾ وڏي پيماني تي جهنگ جي ڪٽائي ڪري رهيا آهن. وڻ يا جهنگ جيڪي ڪاربان جذب ڪن ٿا ۽ آڪسيجن ڏين ٿا، انهن جي هيڏي پيماني تي ڪٽائي جي معنيٰ دنيا جي تباهي آهي پر سرمائيدار



جو ان سان ڪهڙو غرض هو، دنيا کي ”دوزخ“ ڪرڻ سهائيندا پر منافعي جي خدا کي ناراض ڪرڻ نه.

ڌرتي جي مستقبل ۾ سرمائيدارن طرفان ڪيل اهڙي ماحولياتي ڀيل تي جڏهن اڪثر ماڻهن سان ڪچهري ڪئي وڃي ٿي ته هو ڏاڍو سادو جواب ڏين ٿا ته آمريڪا ۽ برازيل ۾ئي جيڪو ڪن پيا ان ۾ عجيب ڇا آهي؟؟؟ ۾ئي پنهنجي پنهنجي جياپي لاءِ ائين ڪن ٿا، سرمائيدار ۽ سامراج جو اهڙو جياپو جيڪو سڄي ڌرتيءَ جي تباهيءَ تي آڌاريل آهي. آخر ان ڪان ماڻهو ايترو اوپرا ۽ ويڳاڻا ڇو آهن؟؟ ڇاڪاڻ ته هو جنهن نظام ۾ جيئن پيا ويڳاڻپ ان جو خاصو آهي. جڏهن ڪنهن فيڪٽري، اسڪول، ڪاليج، هوٽل، ڪمپني، ڪلينڪ، ٻئنڪ يا فرنيچائيز وغيره ۾ ماڻهو پورهيي جي پوري عمل دوران، پورهيي جي اوزان ۽ اپت ڪان اوپرا هجن ٿا، (ڇو ته انهن جو مالڪ ڪو ٻيو هجي ٿو) ته هو هر پيداواري عمل ڪان مزاجن ۽ عملن اوپرا ۽ ويڳاڻا ٿي وڃن ٿا ۽ پورهئي جي عمل واري اها خصوصي ويڳاڻپ عالمي ۽ عمومي ويڳاڻپ کي جنم ڏئي ٿي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي ٽڪڙي ۽ ويجهي مفاد تائين سڪڙجندي ٻين عالمي مامرن سان گڏ ماحول ڏانهن به اوپرو ٿيو وڃي ۽ پوءِ اهڙي سوچ هڪ عام ڳالهه بڻجيو وڃي ۽ ماڻهو هر شيءِ کي ائين ئي فرض ڪري وٺي ٿو جيئن اها ٿيندي اچي پئي!!! سماج جي مجموعي ويڳاڻپ انهن سوالن کي ئي پاسيرو اڇليو ڇڏي ته آخر دنيا جي توانائيءَ جو 90 سيڪڙو اڄ به جنگين ۽ ٻين غير پيداواري شعبن تي استعمال ٿئي ٿو اهو ڪنهن جي فائدي ۾ آهي؟؟؟ سعودي عرب، دبئي ۽ شارجا جهڙا ريگستاني ملڪ صرف پيٽرول هجڻ جي ڪري امير ترين ملڪ ٿي وڃن ٿا ۽ برازيل سڄي دنيا کي آڪسيجن ڏيڻ باوجود به غريب ڇو؟؟؟ آخر پيٽرول ۾ اهڙي ڪهڙي شيءِ آهي؟ جنگين جو پيٽ ڀرڻ جي طاقت؟ جيڪا آڪسيجن ۾ نه آهي!! ياد رهي ته سرمائيداريت جي مفادن کي پاسيرو ڪيو وڃي ته سولر انرجي (Solar energy) ۽ هائڊرو ٿرمل انرجي ۽ ڪجهه ٻيا اهڙا ماحولياتي آلودگي ڪان پاڪ طريقا به سماجي گهرجن جو پورائو ڪري سگهن ٿا.



ڪوپنهيگن (Copenhagen) واري گڏجاڻي ۾ هوگوشاويز تقرير ڪندي چيو هو ته ”سرمائيدار ملڪ جنگين ۾ بئنڪن کي جيترو بيل آئوٽ (تباهه ٿيڻ کان بچڻ لاءِ ڏنل رقم) ڏين ٿا جي ان جو ڪجهه سيڪڙو ئي ماحول تي خرچ ڪيو وڃي ته دنيا ماحوليات جي بحران مان نڪري سگهي ٿي.“ ها جيڪڏهن برازيل ۾ پين اهڙن ملڪن کي جهنگن نه ڪٽڻ لاءِ هر سال آڪسيجن جي مَدَ ۾ ڪجهه رقم ڏئي اهي جهنگ بچايا وڃن ته هڪ طرف ڪاربان ماحول مان گهٽبي ته ٻئي طرف آڪسيجن پيدا ٿيندي رهندي. پر اسين اهو جيڪو ڪجهه به چئي رهيا آهيون اها صرف هڪ اخلاقي تنقيد آهي، چو ته سامراج جنگين کان سواءِ ۾ سرمائيدريت منافعي ڪانسواءِ جي نٿا سگهن.

15 صديءَ ۾ جڏهن يورپين آفريڪا کي پنهنجي بيٺڪيت بڻايو ته اتي تقريبن 75 ملين جهنگلي مينهن جو چمڙي خاطر شڪار ڪيو ويو. انهن مينهن تان کلون لاهي ۾ انهن جي گوشت کي سڙڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ويو. اسپين جي واپارين ڪيوبا جي پهاڙي علائقن ۾ جهنگن کي باهيون ڏئي ۾ انهن جي خاڪ ميڙي ڪافي (Coffee) جي فصل کي ڏئي بمپر ڪراپ حاصل ڪيا. پيو ته ٿهيو خود يورپ جڏهن پيڙا ٿاهي سڄي دنيا تي ڪاهون ڪرڻ شروع ڪيون ته هنن پيڙن لاءِ ايترو ته ڪاٺ استعمال ڪيو جو بعد ۾ هنن کي گهرن ٺاهڻ لاءِ ڪاٺ به آمريڪا کان گهرائڻو پئي پيو (ياد رهي ته ڪاٺ گرمي يا سرديءَ کي گهٽ گذرڻ ڏيندو آهي ان ڪري يورپ ۾ ڪئناڊا ۾ گهڻا تڏا گهر پورا جا پورا ڪاٺ جا ٺهيل هوندا آهن) سرمائيدار اهو سپ ڪجهه رڳو لالچ جي ڪري نٿو

ڪري پر ذاتي ملڪيت تي آڌاريل نظام جو جئيدان ٿي ان تي آهي ڇو ته مقابلي جي ان ميدان ۾ اهو ئي بچي ۽ اڳتي وڌي سگهي ٿو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ خرچ تي وڌيڪ شيون ٺاهڻ ۾ ڪپائڻ ۾ ڪامياب وڃي. ان لاءِ هن کي وڌي ۽ وڌيڪ جديد مشينري وٺڻي ٿي پوي ۽ شين ۾ جدت پيدا ڪرڻ لاءِ سائنسدان ۽ فني ماهر خريدڻا ٿا پون. ان عمل ۾ ڪو سرمائيدار جيئن جيئن وڌيڪ ڦرلٽ ڪري ٿو، تيئن تيئن هن کي ڦرلٽ لاءِ وڌي مارڪيٽ ۽ وڌيڪ منافعو ملي ٿو ۽ ائين فرد ۽ ادارا پيداواري قوتن جي هڪ هٿي قائم ڪن ٿا ۽ اِهي هڪ هٿيون قائم رکڻ لاءِ سرمائيداريت ۽ جنگين کي قائم رکڻ لازم ٿيو پوي ته جيئن جيڪي ملڪ ۽ قومون انهن هڪ هٿين کي ڪچو مال ۽ مارڪيٽ نه ڏين ته انهن کان بعيت ڪرائڻ لاءِ ڪن مهڻ ڪئي وڃي.

سرمائيداري کي پنهنجي اها بناوت قائم رکڻ لاءِ سوين ننڍين وڏين جنگن سان گڏ به عظيم جنگيون (World wars) به وڙهڻيون پيون، جن 30 ڪن سالن ۾ ڪيترن ئي ملڪن ۽ اتان جي ماحول جي شڪل ئي مٽي ڇڏي، پوءِ اهو هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ائٽمي حملو هجي (ان حملي ۾ 2 لک 20 هزار کان مٿي ماڻهو موت جو شڪار ٿيا)، ويٽنامي جنگ دوران آمريڪا Agent orange (جيڪو هڪ ڪوڊ وارو نالو آهي هڪ ڪيميڪل جو) جا تقريبن 2 ڪروڙ 11 لک 36 هزار گيلن ويٽنامي جهنگن کي تباهه ڪرڻ خاطر ڪيرايا ويا جنهن سان هڪ طرف ويتنامي جهنگ ۽ جهنگلي جيوت تباهه ٿي ته ٻئي طرف 4 لک ويٽنامي موت جو شڪار ٿيا ۽ 5 لک کان مٿي معذور ٻار پيدا ٿيا ۽ اڄ به ٿي رهيا آهن. خليجي جنگ (Gulf war) ۾ عراقي خليج ۾ موجود سموري سامونڊي جيوت اجل جو شڪار ٿي. اڄ به سامراج پنهنجي بچاءَ ۽ يلغار لاءِ عراق سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪيميڪل هٿيار استعمال ڪري رهيو آهي عراق ۾ Depleted uranium munitions ڪيميڪل جا هڪ هزار ٽن استعمال ٿي چڪا آهن جنهن سان بڪين، دل ۽ جيري جون بيماريون ٿين ٿيون. هڪ آمريڪي جنگي



ٻيڙو (Cruise ship) هڪ هفتي اندر 8 لک لٽر ڪچرو، 3.8 ملين Grey water، 1.6 لک لٽر تيل وارو پاڻي، 8 هزار ڪلو گند ڪچرو (Solid waste) ۽ ٻيا ڪوڙ زهريلا مادا سمنڊن ۾ ڇڏي ٿو. مطلب ته اڄ جنگ پوري ڌرتي کي سرطان جيان وڪوڙي وئي آهي ۽ سامراجيت جنگين ۽ ماحولياتي تباهي جي شڪل ۾ هڪ ڏائڻ جيان بي نقاب لڳي بيٺي آهي.

(4) ڇا سرمائيداري آلودگيءَ جو ڪو حل ڪڍي سگهي ٿي!!

پهرين ڳالهه ته آلودگي ڪا ٻاهران ڪان آيل وبا نه آهي جو هڪ دفعو ڪٽي ڦٽو ڪري اڇجيس پر اها هڪ لاڳيتي عمل (Process) جو نتيجو آهي ۽ ذاتي ملڪيت تي آڌاريل نظام جو لازمي نتيجو آهي. ان جو خاتمو خود ذاتي ملڪيت جي خاتمي سان سلهاڙيل آهي. پاڻ اڳ ئي ڏسي آيا آهيون ته آلودگيءَ جو وڏو سبب ڪي پيداواري شعبا نه پر جنگيون آهن. ڇا ائين ممڪن آهي ته سرمائيدار وڏندڙ آلودگيءَ کي ڏسي پاڻ ۾ ٺهي وڃن ۽ جنگيون ختم ڪن!!! پهرين ڳالهه ته سرمائيداريت ۽ جنگيون هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن، هو هڪٻئي سان مقابلي ۽ مارڪيٽ تي قبضي خاطر هڪٻئي تي جنگيون مڙهيندا ايندا، پر جي پاڻ اهو فرض ٻه ڪري وٺون ته هو جنگيون ختم ڪري ڇڏيندا ته به ماحول جي آلودگي ختم نٿي ٿي سگهي. انسان ٻاهه جي استعمال کان هيل تائين آلودگي پيدا ڪندو آيو آهي پر سرمائيداريت هيٺ سماج جي تقريبن هر پئداوار ڪچرو ٿي چڪي آهي اڄ آمريڪا ۾ لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو شيون ڊسپوزبل (Disposible) آهن جيڪي ري سائيڪل (Recycle) يا ري يوز (Re Use) ٿيڻ بجاءِ يا ته ساڙيون وڃن ٿيون، يا زمين ۾ پوريون وڃن ٿيون يا وري سمنڊن ۾ اڇلايون وڃن ٿيون. ياد رهي ته فوم (Foam) کي ڳرڻ ۾ 50 سال، پلاسٽڪ کي 400 سال ۽ شيشي کي لاتعداد وقت لڳي وڃي ٿو. آمريڪا هر سال 110 ملين ٽَنَ ڪچرو (Solid waste) زمين ۾ پوري ٿو ۽ روزانو لڳ ڀڳ 2 لک ٽَنَ اڏو ڳابرو ڪاڏل ڪائڻ جوڳو ڪاڏو اڇليو وڃي ٿو.

مارڪيٽ ۾ ڇتا پيٽيءَ ڪري هڪڙيون شيون اچن ئي مس ٿيون ته اهي پراڻيون (Out of fashion) ٿيو وڃن (يا ائين ڪٽي ڇڏجي ته هنن کي ائين ڪرڻو ٿو پوي، خريداري جو رجحان قائم رکڻ لاءِ) نتيجتاً ڳاڏين، موبائل، ڪمپيوٽرن، ليپٽاپ کان ويندي جوتن ۽ ڪپڙن جي ڊزائنن کي بار بار مٽايو وڃي ٿو اهو ڪو سماج جي

ضرورتن جي پورائي لاءِ نه پر منافعي ڪمائڻ لاءِ ڪيو ٿو وڃي ۽ هر سطح ۽ هر مرحلي تي آلودگي پيدا ڪئي ٿي وڃي، اينگلس چواڻي ته سرمائيدريءَ ۾ لاتعداد توانائي ۽ پورهيو محدود سماجي فائدي لاءِ ڪتب آندو ٿو وڃي جنهن جو سماجي ترقيءَ ۾ ڪو ڪردار نه ٿو هجي. اوهان ان ڳالهه جو اندازو ڪمرشلس يا مشهورين (Advertisement) مان لڳائي سگهو ٿا، اوهان ڪي سنڌ اندر به هر ننڍي وڏي شهر ۾ پينافلڪيس ڪان ويندي سائن بورڊن ۽ وال پوسٽرن جا انبار نظر ايندا انهن جو سواءِ گراهڪ کي لالچائڻ جي ٻيو ڪوبه ڪارج نه آهي. ائين هو ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبار ۾ اشتهار ڏيارن ٿا، اهي سڀ شيون سواءِ سرمائيدار جي تڪڙن مفادن (Short term interests) جي پورائي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿيون ڪن. آخر ڇو سرمائيدار چاهيندو ته ڪا رياست پبلڪ ادارن کي مضبوط ڪري جو هنن جو ڌنڌو بند ٿئي، جي پبلڪ ٽرانسپورٽ بهتر ڪم ڪندي ته ڪارن ۽ ٻين گاڏين جي ڪمپنين وارا بک مرندا. سرڪاري تعليم ۽ صحت جا ادارا صحيح ڪم ڪن ته پرائيوٽ ادارن جا مالڪ ڪٿان ڪمائن. مطلب ته سرمائيداري هڪ خاص طبقي جي مفادن خاطر سڄي دنيا کي داءَ تي لڳائي سگهي ٿي.

پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگ جتي انساني موت جو ميدان گرم رکيو اتي ماحول کي به تباهه ۽ برباد ڪيو. مثال وري وڏن شهرن ۾ ڪيترن ئي ڏينهن تائين دونهين جا ڪڪر ڇانيل رهڻ جو معاملو معمول بڻجڻ لڳو، گلوبل وارمنگ منهن ڪڍيو، اوزون جو تهه (Ozone layer) تباهه ٿيڻ شروع ٿيو ته آمريڪا ۽ يورپ اندر ماحولياتي تباهيءَ جي سوالَ ڪَرُ کڻڻ شروع ڪيو، ان کان پوءِ پهريون ڀيرو 1992 ۾ ارٿ سَمِٽ (Earth Summit) نالي هڪ ڪانفرنس سڏائي وئي، جنهن جي ٻين گڏجاڻي 1997 ۾ ٿي جنهن کي ڪيوٽو معاهدو (Kyoto accord) سڏيو وڃي ٿو. ان گڏجاڻي ۾ 39 صنعتي ملڪن شرڪت ڪئي. جن اهو طئي ڪيو ته سال 2007 تائين ڪاربان جي اخراج ۾ 5.2 سيڪڙو گهٽتائي آندي ويندي. يورپ 8 سيڪڙو اخراج گهٽائڻ جي هام هنئين، آسٽريليا کي 8 سيڪڙو واڌ جي اجازت ملي پر هن 30 کان 40 سيڪڙو واڌ ڪئي، آمريڪا ڪيوٽو معاهدو مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو ۽ 17 سيڪڙو اخراج وڌايائين. سال 1997 کان 2007 تائين جيڪو 5.2 سيڪڙو اخراج گهٽائڻ جو (نه جي برابر) حدف هيو اهو ته پورو نه ڪيو ويو ويتر 40 سيڪڙو اخراج وڌايو ويو. بعد ۾ سال

2005 ۾ فرانس ۾ ۽ سال 2007 ۾ ڪوپنهيگن (ناروي جي گاديءَ جو هنڌ) ۾ گڏجاڻي سڏائي وئي. ڪوپنهيگن گڏجاڻيءَ ڪي مارڪ ٽوائين (Mark Twin) طنز ڪندي چيو ته ”ماحول جي سوال تي جيترو ڳالهايو پيو وڃي جي اوترو عمل به ڪيو وڃي ته ماحوليات جو مسئلو ڪافي حل ٿي چڪو هجي ها.

ماركس تاريخي علم جي آڌار تي اها ڳالهه ڪئي ته جي ذاتي ملڪيت جو خاتمو آڻي ڪري سوشلزم نه لاڳو ڪيو ويو ته انساني تاريخ بربريت جي وَر چڙهي ويندي. مارڪس اڃا عالمي جنگيون نه ڏٺيون هيون، نه ئي هٽلر جي فاشزم ۽ نه ئي اڄوڪي ماحولياتي تباهي پوءِ به هن اها ڳالهه چاتي ٿي ته ڪيئن نه ذاتي ملڪيت جو راڪاس ڌرتي ڪي ڳرڪائيندو ويندو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اڄ اسين سچ پچ به بربريت واري دور ۾ رهي رهيا آهيون جو صرف آلودگيءَ جي ڪري 14 هزار ماڻهو روز مرن، دنيا جي اڌو اڌ آباديءَ کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملي. سڄي دنيا جا 95 سيڪڙو شهر اڄ به ڊرينيج جي مسئلي ڪي منهن ڏيندا هجن، ڌرتي جا 90 سيڪڙو جهنگ تباهه ڪري چڪا هجون، هڪ طرف دنيا جي ترقي جا اعلان ڪيا ويندا هججن پر ٻئي طرف مٺي پاڻي جي کوٽ شديد ٿيندي وڃي ۽ دنيا جي آبادي جو پنجون حصو پيئڻ جي پاڻي نه هجڻ ڪري مجبورن پاڻيءَ



پئسن سان وٺي پيئن، Bio diversty خاتمي ڏانهن سفر ڪندڙ هجي اهي سڀ بربريت جون مختلف شڪليون آهن، سرمائيداريت، انهن جو حل نه ٿي ڪڍي سگهي. ها ايترو سو آهي جو هوءَ پنهنجي خلاف اٿندڙ تحريڪن کي زور سان چٿي ۽ نظرياتي مونجهارا پيدا ڪري پنهنجا دلال دانشور پيدا ڪري جيڪي سرمائيداري جي ان حرامي ٻار جي جائز هجڻ جا سوَ دليل گهڙيندا اچن. انهن مان هڪ وڏو دليل ”Malthus“ جو ”Over population“ وارو اصطلاح به آهي. جنهن مطابق ماڻهن جي آبادي وڌڻ سبب آلودگي جو پيدا ٿيڻ سپاويڪ آهي ته اسين هڪ ننڍو سوال ٿا

پڇون ته Over Production ڪهڙي شيءِ جي مقابلي ۾، ڇا ڌرتي جا ذريعا انسان لاءِ ناڪافي آهن يا اهي ذريعا هڪڙن ملڪن ۽ فردن جي جائزن ضرورت ڪي لتاڙيندي ٻين جي ناجائز ضرورتن جي پورائي لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن؟ يورپ ۽ آمريڪا جو ڪتو به ايشيا ۽ آفريڪا جي 100 ماڻهن جي ضرورتن ڪان وڌيڪ خرچو ڪائي ٿو، صحت ۽ تعليم لاءِ خرچ ٿيڻ بجاءِ توانائي جنگي مقصدن لاءِ ڪتب آندي وڃي پئي. McDonalds جو اهو نعرو ته سڄي دنيا ۾ 3 منٽن اندر اسان جي پراڊڪٽ پڄائي ويندي پر لکين ماڻهو اڄ به سڄي دنيا ۾ بک وگهي مرن ٿا.

Over Population هڪ شوشو آهي حقيقت نه، منهنجو هڪ دوست جيڪو لبيا مان آمريڪي حملي کان پوءِ سنڌ موٽي آيو آهي ان ٻڌايو پئي ته لبيا ۾ گوشت يا ڀاڄين جا ڪي به خانگي دڪان نه هيا هفتي جي الڳ الڳ ڏينهن تي مختلف شيون ۽ گوشت تمام سستي اگهه تي حڪومتي ماڻهو هر هڪ ڪالوني ۾ ڪٺي اچي منڊي لڳائيندا هئا ۽ اتان اوهان هر شيءِ سرڪاري اگهه تي جيتري چاهيو وٺي سگهو ٿا، ڪيوبا اندر ٽي وي تي ڪنهن به پراڊڪٽ جي Advertisement نه ايندي آهي. بلڪ مارڪيٽ ۾ هر شيءِ سرڪاري اگهه تي ۽ سٺي ڪوالٽيءَ واري پئي آهي، ان طرح نه ته Advertisement ۾ فضول خرچو ٿو ٿئي ۽ نه آلودگي ۾ اها رقم Advertisement تي خرچ ٿيڻ بجاءِ ڪوالٽي تي خرچ ٿئي ٿي.

ٻيو اهو دليل ڏنو ويندو آهي ته سماجي ترقي لازمن آلودگي پيدا ڪندي ته ان جو جواب آهي ته جنگين ۽ ڇٽا پيٽي تي خرچ ٿيندڙ معيشت جيڪڏهن ماحول تي خرچ ڪئي وڃي ۽ فاسل فيولس جو استعمال گهٽائي ۽ گهٽ آلودگي جنميندڙ استعمال ڪيا وڃن ته بلڪل ممڪن آهي ته اسين ماحول دوست سماجي وجود جي حيثيت ۾ رهي سگهون.

سوشل ڊارونسٽ وري اهو دليل ڪٽي ايندا آهن ته ماحول ته سدائين ٻيو تبديل ٿيندو اچي سو هاڻ به ٻيو ٿيندو ۽ جاندار ان مطابق پاڻ کي پيا تبديل ڪندا اهو سڀ ڪجهه فطري آهي ته انهن لاءِ عرض ته انسان کي رڳو حياتياتي جيو جي ڪاتي ۾ نه رکو انسان سماجي وجود به آهي سو جيترو انصاف پريو ۽ ماحول دوست سماج اڏڻ انسانيت جي وس ۾ آهي هن کي ڪرڻو پوندو

نه ته پي صورت ۾ هن کي پوري انساني تاريخ تان هٿ کڻڻو پوندو. سرمائيداري کي تڙي ڪڍڻ ۾ جيتري دير ڪئي ويندي اوترو صحتمند سوشلسٽ سماج اڏڻ جا امڪان محدود ٿيندا ويندا.

نظرياتي ادب

متبادل نه هجڻ وارو سوال

جاويد راڄپر

ڏٺو وڃي ته زندگيءَ جي ڪم ڪارن دوران ڪنهن فرد، گهر، پاڙي، ڪاروبار، اداري ۽ جماعت وغيره ۾ رهندي جيڪڏهن انهن فردن ۽ ادارن ۾ ڪي وڏيون ڪوتون، خاميون ۽ غلطيون هجن ته اسين اهڙن فردن ۽ ادارن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون يا وري انهن سان تعلق ڇڏي ڏيندا آهيون، گهر الڳ ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ ڪاروبار ۽ ادارن کان جدا ٿي ويندا آهيون ۽ نئي سر نوان لاڳاپا ۽ نوان ڪاروبار شروع ڪندا آهيون. جيتوڻيڪ، اڪثر ڪري ائين به ٿيندو آهي ته ڪنهن مجبوريءَ ۽ جبر سبب سمورين ڪوتن ۽ خامين هوندي به اسين انهن ادارن ۾ رهندا آهيون. توڙي جو اهو رشتو ۽ ڪم وڻندڙ، حسين ۽ دل وٺان نه هوندو آهي. نتيجي طور، اسين جسماني طور تي ته انهن فردن ۽ ادارن سان لاڳاپيل هوندا آهيون پر روحاني طور تي غائب هوندا آهيون. پر ڏٺو وڃي ته سماجي ۽ ڪاروباري لاڳاپن وانگر ڪجهه فرد سياسي ۽ آدرشي معاملن ۾ پڻ ائين ئي ڪنداـآهن. مثال طور، جڏهن ڪنهن سياسي ڪارڪن سان حال احوال ٿيندو آهي ته اهو ڪارڪن سڀ ڪجهه سمجهندي ۽ پارٽي اندر بنيادي ۽ اهم ڪوتن ۽ خامين کان باخبر هجڻ باوجود ان پارٽي کي ڇڏي ڪنهن ٻي پارٽي ۾ شموليت ڪرڻ کان ڪيٻائيندو آهي يا نئي سر سياست ڪرڻ کان ئي بيزار ٿي پوندو آهي. ان جو هڪڙو سبب هي آهي ته گهر ۽ ڪاروبار جي ڀيٽ ۾، سياست نسبتن شعوري ۽ رضاڪاراڻو ڪم هوندو آهي جيڪو اوهين نه ڪندا ته ذاتي طور تي ڪو وڏو نقصان نه پوڳيندا يا مري نه ويندا پلي پوءِ قوم، وطن ۽ عوام کي ڪيڏا وڏا نقصان ئي ڇو نه ٿيندا هجن جيڪي اڄ يا سڀاڻي اسان کي يا اسان جي ايندڙ نسلن کي ذاتي طور تي ڀوڳڻا پون ٿا.

نئي سر سياست شروع ڪرڻ يا ڪنهن ٻي جماعت جو حصو نه ٿيڻ جو ٻيو سبب اهو ٻڌايو ويندو آهي ته ٻيو ڪو "متبادل" نه آهي. سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته ڇا سچ پچ ان سياسي اداري

ڪان ٻاهر ڪو متبادل نه هوندو آهي؟ يا اسان جي نظر ڪمزور هوندي آهي جنهنڪري اهڙو متبادل اڻپورو ۽ اڻچٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي؟ يا ڪٿي ائين ته ڪونهي ته اسان ڏسڻ ئي نه چاهيندا آهيون؟ يا اسان ڪاري رنگ جي عينڪ پائي ڏسندا هجون جنهنڪري متبادل ڏسڻ ۾ نه ايندو هجي؟ اچو ته صاف ۽ شفاف عينڪ پائي ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ته حقيقت ۾ متبادل آهي يا نه؟ ۽ جيڪڏهن ناهي ته پوءِ ڇا ڪجي؟

اصل ۾، متبادل نه ڳولي سگهڻ آڏو وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ اها سياسي تنگ نظري هوندي آهي جيڪا اڪثر سياسي پارٽين ۾ هوندي آهي. مذهبي فرقن وانگر هر سياسي پارٽيءَ ۾ ڪارڪنن جي تربيت اهڙي نموني ڪئي وڃي ٿي جو ڪين "پارٽيءَ ڪان ٻاهر ڪابه چڱائي نظر نه ٿي اچي!" چاڪاڻ ته اهڙا فرد مخصوص سياسي ماحول جا عادي ٿي چڪا هوندا آهن، ائين ئي جيئن ڪروڙين انسان هزارين سال پراڻن مدي خارج ۽ غيرعقلي نظرين جي پٺيان پنهنجيون سموريون زندگيون لڳائي ڇڏيندا آهن. غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته هن جديد دور جي سياسي ڪارڪن کي جڏهن ڪجهه ڪتاب پڙهائجن ٿا ۽ ڪجهه ڪچهريون ڪجن ٿيون ته اُهو پنهنجي ابن ڏاڏن جي هزارين سالن جي روايتن، وهمن ۽ عقيدن ڪان ته بغاوت ڪندي دير نه ٿو ڪري پر اهو ئي ساڳيو فرد ڪجهه عرصو ان اداري ۾ هلڻ ڪانپوءِ ان تي شڪ ڪرڻ جي به جرئت نه ٿو ڪري!

ڪجهه فرد جيڪي انهن ڪوتن ۽ خامين ڪان واقف هوندا آهن سي وري "سڀ ڪجهه سمجهندي" مڙئي خانه پوري ڪندي ڪم ڪندا رهندا آهن. نتيجي طور مٿن هميشه تنقيد ٿيندي رهندي آهي ته "اوهان ڪم نه ٿا ڪريو" ائين اڳواڻ وڌيڪ سرگرمي ڪرڻ لاءِ ڪين دليل ڏيندا رهندا آهن پر ان قسم جي تنقيد ۽ دليلن جو اثر مڙئي به ٿي ڏينهن هلندو آهي وري ساڳي "سُستي". اصل ۾، اهڙن ماڻهن جي اندر ۾ مسلسل ڪيترائي سوال ۽ اعتراض دٻيل هوندا آهن جن جا مطمعن ڪندڙ جواب نه مليا هوندا آهن ۽ اها اندروني اڻ تڻ ۽ بي چيني، جنهن بابت پلي ڪين خبر نه هجي، پر لاشعوري طور تي اهڙن فردن کي "جيئرو لاش" بڻائي ڇڏيندي آهي. جنهن تنظيم ۾ سوال ڪرڻ، اعتراض ڪرڻ ۽ اختلاف

ڪرڻ جي گنجائش نه هجي اها تنظيم سياسي تنگ نظريءَ جي ور چڙهي ويندي آهي ۽ واڌارو نه ڪري سگهندي آهي، هر پيري ترقي ڪرڻ ڪانپوءِ وري سڪڙجي سوڙهي ٿيندي رهندي آهي.

متبادل سماج، نظريو يا پارٽي؟

جيڪي فرد هڪ سياسي پارٽيءَ مان مايوس ٿيڻ بعد متبادل نه هجڻ جي ڳالهه ڪن ٿا اهي اصل ۾ متبادل پارٽي ڳولين ٿا. اصل ۾ تلاش جو اهو انداز ئي غلط آهي. اسان کي سڀ کان پهريائين اهو طئي ڪرڻو پوندو ته ”اسين چاهيون ڇا ٿا؟“ ۽ پوءِ ڏسڻو پوندو ته ”جيڪو ڪجهه اسين چاهيون ٿا اهو ڪيئن حاصل ٿي سگهندو؟“ ۽ تنهن ڪانپوءِ اهو ڏسڻو پوندو ته ”اهو مقصد ڪير حاصل ڪندو؟“ سادي ڳالهه آهي ته اسين جنهن معاشري ۾ رهون ٿا اهو ظلم، ڌاڙ، ڦرلٽ، گند ۽ غلاظت سان ڀريل آهي. جنهنڪري اسين چاهيون ٿا ته هڪ اهڙو معاشرو اڏيون جيڪو آزاد، خوشحال، انصاف وارو، پرامن ۽ خوبصورت معاشرو هجي. اها خواهش شعوري توڙي لاشعوري طور تي هر فرد جي هوندي آهي، پر سياسي ڪارڪن کي اهو به ڳولڻو پوندو آهي ته اهڙي سماج اڏڻ جي طريقي بابت ڪو منشور، خاڪو ۽ نظريو اڳ ۾ موجود آهي يا نه؟ جيڪڏهن آهي ته ڪهڙو؟ اسان جي سماج ۾ جاگيرداريت، سرمائيداريت ۽ سوشلزم سميت ڪيترائي قومي، عوامي، نسل پرست، قوم پرست، وطن دوست ۽ مذهبي نظريا ۽ فڪر موجود آهن. جن مان هرهڪ سمورن مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ بهتر معاشرو اڏڻ جي دعوا ڪري ٿو. هڪ قومپرست ڪارڪن پنهنجي وطن جي خودمختياري ۽ عليحدگي، جمهوريت پسند ڪارڪن جمهوريت، ترقي پسند ڪارڪن وطن دوستي ۽ سوشلزم کي ئي پنهنجو مقصد سمجهي ٿو. (هن مضمون ۾ ان تي بحث نه ٿا ڪريون ته انهن مان ڪهڙو نظريو درست آهي ۽ ڪهڙو غلط) تنهنڪري، انهن بنهي بنيادي سوالن جا جواب ملڻ ڪانپوءِ اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي ته جنهن سياسي پارٽيءَ ۾ اُهو ڪارڪن ڪم ڪري پيو يا ڪرڻ چاهي ٿو ڇا اُها ان مقصد ڏانهن وٺي وڃي ٿي يا نه؟ جيڪڏهن اهڙي پارٽي دستاويزي يا زباني طور تي ان ئي مقصد سان سلهاڙيل نظر اچي ٿي ته پوءِ اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي ته اُها عمل ۾ ائين آهي يا نه؟ جيڪڏهن اهڙي پارٽي

ڪجهه وقت درست رستي تي هلي پئي ۽ هاڻي نه ٿي هلي ته پوءِ؟ سادي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن اوهان ڪي سکر کان ڪراچي وڃڻو هجي ۽ بس جو ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر اها دعوا ڪري ته اهي ڪراچي ويندا ته گاڏي ۾ چڙهي پئجي پر جيڪڏهن اها گاڏي حيدرآباد پهچڻ کانپوءِ ڪراچي بدران ٿرپارڪر جو رخ ڪري ۽ ڊرائيور چوي ته اسان ٿرپارڪر تائين وينداسين ۽ ڪراچي نه ويندا سين ته گاڏي مان لهي ڪنهن ٻي گاڏي ۾ چڙهي پئجي جيڪا ڪراچي وڃي. تنهنڪري، اسان جي وفاداري پارٽيءَ سان يا پارٽيءَ جي هڪ ٻن فردن سان نه پر پارٽيءَ جي مقصدن ۽ اصولن سان هجڻ گهرجي. جيڪڏهن پارٽي انهن مقصدن تي هلي ٿي ته ڪارڪن کي گهرجي ته پارٽيءَ سان وفادار رهي ۽ جيڪڏهن نه ڏسي ته اُن کي گهرجي ته گاڏيءَ تان لهي ڪنهن ٻي گاڏيءَ تي چڙهي پوي. (هن مضمون لکڻ جو مقصد ڪنهن سياسي ڪارڪن کي پنهنجي پارٽي ڇڏڻ جي دعوت ڏيڻ هرگز ناهي پر پارٽي ڇڏڻ يا اداري جي ڪمزور ٿيڻ کانپوءِ جنم وٺندڙ مايوسيءَ کي ٻنجو ڏيڻ آهي ۽ سائنسي نظريي ۾ ويساهه کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ آهي.)

اهو سمجهڻ گهرجي ته هر معاشري ۾ پارٽيون ٺهنديون رهنديون آهن ۽ ڪجهه عرصو گذرڻ کانپوءِ اهي پارٽيون ڊهنديون ۽ ختم به ٿي وينديون آهن پر پارٽين جي ختم ٿيڻ يا ڪمزور ٿيڻ باوجود اهي معاشرا، اهي نظريا ۽ انهن پارٽين جون جدوجهدون ٻين شڪلين ۾ ڪم ڪنديون رهنديون آهن. مثال طور هن وقت قبل مسيح واري سقراط، افلاطون ۽ ارسطو جهڙا يوناني مفڪر نه رهيا آهن، هن وقت يوناني سڪندر اعظم ۽ ان جي فوج جو ڪوبه وجود نه رهيو آهي جنهن ٽن کنڊن تي ڦهليل سلطنت قائم ڪئي هئي، هن وقت رومي سلطنت اڏيندڙ رومي شهنشاهه ۽ رومن فوجي به نه رهيا آهن، هن وقت فرانس ۾ جيڪبنس نه رهيا آهن جن انقلاب آندو، جرمني ۾ ڪارل لبنيخت ۽ روزا جي پارٽي اسپارٽيڪس نه رهي آهي، روس اندر بالشويڪ پارٽي جنهن آڪٽوبر انقلاب آندو، هاڻي اهو سوويت يونين به ڊهي پيو ۽ ان سان گڏ اها لينن واري بالشويڪ پارٽي به ان صورت ۾ نه رهي آهي. پر بالشويڪ پارٽيءَ جي محنت سوويت يونين کي زمين تان

ڪٽي آسمان تي پهچائي ڇڏيو ۽ ٻين مظلوم قومن کي آزاديون ڏياريون. ساڳئي ريت، اڄ به يوناني معاشرو ۽ يوناني فڪر زنده آهي، اڄ به روم موجود آهي ۽ رومن قانون ڪتب آندو پيو وڃي، اڄ به فرانس موجود آهي ۽ فرانسيسي انقلاب جا نعرا عالمگير صورت وٺي پوري دنيا ۾ لڳايا پيا وڃن. فرد، گروهه ۽ پارٽيون فنا ٿي سگهن ٿيون، سياسي هاري ۽ سندن تنظيمي اوزار ختم ٿي سگهن ٿا پر سندن پورهيو انهيءَ سماج يا ڪنهن ٻئي سماج ۾ ٻج ڇٽيندو رهي ٿو ۽ نوان ٻوٽا ۽ نوان فصل پيدا ڪندو رهي ٿو.

تنهنڪري، جيڪو فرد بدبودار سماج بدلائڻ چاهي ٿو اهو متبادل پارٽي ڳولڻ بدران پهريائين متبادل نظريو ڳولي ۽ پوءِ ان تي هلندڙ پارٽي ڳولي يا ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري. نه ڪي ان ڊهندڙ عمارت ۾ پناهه وٺي جيڪا پنهنجي امڪاني سگهه پوري ڪري چڪي هجي ۽ ڪيڏي مهل به برسات پوڻ تي برسات جي پاڻيءَ کان بچائي نه ٿي سگهي يا ڊهي سگهي ٿي. پراڻي عمارت جي ڊهڻ جو ماتم ڪرڻ بدران رهائش جي مقصد لاءِ پراڻي عمارت ڊاهي، ساڳين ۽ نون اوزارن، طريقن ۽ پورهيي سان نئين عمارت اڏي سگهجي ٿي. جيئرو لاش بڻجي، بي دليو ۽ بي روح حالت ۾ ڪم ڪري پاڻ ۽ ٻين جون توانائيون ضايع ڪرڻ ۽ پنهنجي سرگرميءَ مان لاڀ بدران نقصان ڪائڻ (Counter-productive activity) کان بهتر آهي ته جيترو ٿي سگهي اوترو زنده، دل ۽ جان سان ڪم ڪجي.

سڀ دنيا کي ڪُلهو ڏيو بيٺا آهيون!

مخصوص سياسي تربيت ۽ اڻپوري سائنسي سياسي تعليم جي ڪري ڪجهه سياسي ڪارڪن وري اهو فرض ڪري وٺندا آهن ته ”جيڪڏهن اسان اها پارٽي ڇڏي ڏني يا اها پارٽي ختم ٿي وئي ته پوءِ سنڌ ۽ عوام جو ڇا ٿيندو؟“ جيڪڏهن ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو ڪارڪن اهو سمجهي ٿو ته ڪو ”سڀ سنڌ کي اسين ڪلهو ڏيو بيٺا آهيون نه ته سنڌ ڪڏهوڪو تباهه ٿي چڪي هجي ها“ يا ”جيڪڏهن اسين نه رهنداسين ته سنڌ صفا تباهه ٿي ويندي!“ ته پوءِ اهو ان جو وهم آهي. ها ائين ضرور آهي ته ان پارٽيءَ سنڌ کي ماضيءَ ۾ نقصانن کان بچايو هوندو ۽ ان جي ختم ٿيڻ سان مستقبل ۾ نقصان به ٿيندو پر صفا اهڙي انڌير نگري به

ناهي ته ڪو ڪجهه به نه بچندو! ڪابه سياسي پارٽي چار ڪروڙ سنڌي قوم جي تقدير بدلائڻ جي دعويٰ ڪندي آهي ۽ اهڙي دعوا ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ ڏوهه ناهي پر مسئلو هي آهي ته چار ڪروڙ سنڌي قوم جي اڪثريتي حصي ڪي ته ڇڏيو پر ڇا اهڙي پارٽيءَ سماج جي اقليتي حصي ڪي متاثر ڪري سگهي آهي؟ اچو ته ان حقيقت جو مختصر جائزو وٺون ته سماج ۾ ٿيندڙ عوامي ۽ مقامي جدوجهد، گڏيل راءِ عامه، عام تعليم، شهرن جي ترقي ۽ سياسي جدوجهد ۾ ”اسان جي سياسي پارٽيءَ“ جو ڪيترو ڪردار آهي؟ جيڪا ”سڄي سنڌ کي ڪُلهو ڏيو بيٺي آهي.“

هن وقت سنڌ ۾ روزانو سوين مظاهرا، ڌرڻا، بک هڙتالون، ڦيٿا روڪ ۽ شٽرڊائون هڙتالون، ڪم ڇڏ هڙتالن سميت مختلف قسم جا احتجاج ٿيندا رهن ٿا جيڪي پوليس زيادتين، بيروزگاري، چورين، اغوائن، بدامني، مهانگائي، بجلي، گيس ۽ پاڻي جي کوٽ، روڊن رستن جي خراب حالت، گٽرن، نالين ۽ گندگيءَ جي ڍيرن سميت هر مسئلي خلاف ماڻهن طرفان احتجاج ڪيا پيا وڃن. اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي ته ان سموري جدوجهد ۾ اسان جي پارٽي (جيڪا سڄي سنڌ کي ڪُلهو ڏيو بيٺي آهي!) جو ڪردار ڪيترو آهي؟ ها ائين ضرور آهي ته ان قسم جي احتجاجن جي ابتدا سياسي پارٽين ڪئي هئي پر هاڻي ڪجهه سياسي پارٽين ڪانسواءِ اڪثر سياسي پارٽيون انهن کان ڪٽيل آهن. ان مان مايوس ٿيڻ جي ضرورت ناهي پر پنهنجي جدوجهد کي نوان رخ ڏيڻ جي ضرورت آهي. حقيقت ۾، ان قسم جا ٿيندڙ احتجاج سنڌي سماج جي اجتماعي سجاڳيءَ جو ثبوت آهن پلي پوءِ اسان جي اها پارٽي ان ۾ شامل هجي يا نه هجي. (جيڪڏهن اهڙي پارٽي ان قسم جي جدوجهدن ۾ شامل آهي ته زبردست ڪم آهي.)

هن وقت سنڌ ۾ اخبارن، رسالن، ڪتابن ۽ سوشل ميڊيا سميت سوين صورتن ۾ فڪري جدوجهد ڪئي پئي وڃي. اٽڪل به لک اخبارون روز ڇپجن ٿيون جن ۾ خبرن سميت مضمون به شامل هجن ٿا. سوال هي آهي ته انهن به لک اخبارن ۾ اسان جا مضمون يا اسان جي تائيد ۾ ڇپجندڙ مضمون ڪيترا لکيا وڃن ٿا؟ هن وقت مختلف پبليڪيشن ادارا ڪتاب ڇپرائين ٿا. ايتريقدر جو سياسي پارٽين جي سربراهن جا ڪتاب به اهي ادارا ڇپرائين ٿا.

اڪثر سياسي پارٽين ته اهڙا ڪم ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنا آهن. پر وڏي اهم ڳالهه اها آهي ته مختلف فردن ۽ ادارن طرفان ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا ڇپرائڻ جو عمل سنڌي سماج جي باشعور ٿيڻ جو ثبوت آهي.

هن وقت سنڌ ۾ ابتدائي راءِ عامه سياسي پارٽيون نه پر اليڪٽرانڪ، پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا، موبائل، انٽرنيٽ وغيره جوڙين ٿا سياسي پارٽيون پڻ انهن جي پيدا ڪيل راءِ عامه جي پوئواري ڪرڻ ۾ پوريون ٿي وڃن ٿيون. جيڪڏهن چينلن جا مالڪ چاهين ٿا ته سنڌ اندر ثقافت جي نالي ۾ سموري سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تنظيمن کي روڊن تي آڻي بيهارين ٿا. ۽ هڪ پيرو نه پر ٽي ٽي پيرا! اها پڻ سنڌي سماج جي تبديليءَ جي نشاني آهي.

هر سياسي پارٽي جو ڪارڪن عام تعليم جي تباهيءَ جو ذڪر ته وڏي شان ۽ مان سان ڪندو آهي پر اڄڪلهه ته انهن جي پنهنجين صفن اندر سياسي تعليم جو سلسلو ذري گهٽ نه هجڻ جي برابر آهي. چند فرد هجن ٿا جيڪي پنهنجي ذاتي خواهش يا قيادت جي اتساهه سبب پڙهن ٿا باقي ڪل خير! پوءِ به وڏي تعداد ۾ سياسي مواد لکجي پيو ۽ پڙهجي پيو. اهڙو مواد لکندڙ ۽ پڙهندڙن جو وڏو انگ سياسي تنظيمن جو حصو ڪونهي. پر پوءِ به سنڌ جي سماج ۾ سيڪيولر جمهوري، برابري ۽ آزاديءَ جا قدر زنده رکڻ ۾ انهن جو ڪردار آهي. (انهيءَ ڪردار جون حدون هتي بحث هيٺ ڪونهن) چوڻ جو مطلب هي آهي ته سنڌي سماج ۾ ٻيا فرد، گروهه ۽ ادارا به تمام اهم ۽ بنيادي ڪم ڪري رهيا آهن رڳو اسين کي ملائڪ ناهيون! ۽ جيڪڏهن اسين نه هونداسين ته ڪو اهو سمورو سلسلو رڪجي ويندو!!

هن وقت سنڌ ۾ ٻهراڙين کان شهرن ڏانهن لڏپلاڻ جي صورت ۾ تمام وڏي تبديلي ٿئي پئي. سنڌ جو هر ننڍو وڏو شهر جيتري تيزيءَ سان گذريل ڏهن سالن دوران وڌيو آهي ايترو گذريل پنجاهه سالن کان نه وڌيو هوندو. ظاهر ڳالهه آهي ماڻهو پنهنجي روزگار، شهري سهولتن، اولاد جي تعليم وغيره لاءِ شهرن جو رخ ڪن ٿا اهو سماج جي ترقيءَ جو خودرو عمل آهي. پر ان قسم جي عمل کي تيز بنائڻ ۾ اسان جي سياسي پارٽيءَ جو سڌي ريت ڪهڙو ڪردار آهي!؟

نه رڳو ايترو پر سنڌ اندر ڪيتريون ئي قومپرست، مرڪز

پرست، جمهوريت پسند، وطن دوست، مذهبي جماعتون آهن جيڪي سنڌ جي هر قومي مسئلي تي مسلسل احتجاج ڪنديون رهن ٿيون. مثال طور، ٻٽي نظام خلاف سنڌ بچايو ڪميٽي ۾ شامل سموريون ننڍيون وڏيون پارٽيون مسلسل جدوجهد ڪنديون پيون اچن، سنڌ ترقي پسند پارٽي ٽن مهينن تائين احتجاجي ڪيمپ لڳايو ويٺي هئي. جيئي سنڌ تحريڪ لانگ مارچ ڪيو، شهيد ڀٽو طرفان به احتجاج ڪيو ويو. نه صرف ايترو پر فنڪشنل ليگ، نيشنل پيپلز پارٽي سميت سنڌ جا ڪيترائي ننڍا وڏا وڏيرا به احتجاج ڪندا رهيا. ٻئي طرف، سنڌي اديبن ۽ ليکڪن طرفان پڻ احتجاجي مظاهرا ۽ مشاعرا ڪيا ويا. اخبارن، ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان ۾ اسان جو به ٿورو ۽ اهم ڪردار رهيو آهي. توڙي جو اها جدوجهد ٿڌي ٿي وئي پوءِ وري اليڪشن سبب پ پ اهو ڪارو قانون واپس ورتو. اهو به ثابت ٿئي ٿو ته وطن دوست سياسي جماعتون اڪيلي سر ڪنهن به وڏي مسئلي کي منهن نه ٿيون ڏئي سگهن.

تنهنڪري، انهن سمورن معاملن کي سامهون رکندي اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي ته هڪ سياسي پارٽيءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ۽ ٻيو ته اهو وهم ڪڍي ڇڏيون ته فقط اسين ئي آهيون جيڪي سچي سنڌ کي ڪلهو ڏئي بيٺا آهيون!

قوم ۽ عوام جي خدمت

جيڪي دوست اهو سمجهن ٿا ۽ مڃين ٿا ته ”پارٽيءَ ۾ ڪجهه عيب ۽ ڪوتون آهن پر جيئن ته ڪو ٻيو متبادل به ناهي تنهنڪري ان ۾ رهندي ٿوري گهڻي قوم ۽ عوام جي خدمت ڪري سگهجي ٿي. سنڌ جي قومي، عوامي ۽ جمهوري مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪري سگهجي ٿي.“ انهن لاءِ عرض ته جيتريقدر تعلق آهي قوم ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ جو ته پ پ جهڙيون اقتداري ۽ عوام دشمن پارٽيون جتي ملڪ ۽ عوام کي ڦري لٽي تباهه پيون ڪن ته اتي ئي اهي هزارين ماڻهن کي نوڪريون، ڪيترن علائقن ۾ روڊ رستا، اسڪول، اسپتالون ۽ وظيفن جي صورت ۾ ”عوام جي خدمت“ ڪنديون رهن ٿيون ۽ اقتدار ڪانسواءِ اهڙيون خدمتون اسين سرانجام نه ٿا ڏئي سگهون. ۽ جيتريقدر ڳالهه آهي قومي جدوجهد جي ته اهڙي ٿوري گهڻي جدوجهد قومپرست ۽ وطن دوست سياسي پارٽيون پڻ ڪنديون رهيون آهن. انهن ٻين

سياسي پارٽين وانگر ظاهر ڳالهه آهي ته اسان کي به سياسي جدوجهد ڪرڻي آهي، جي نه ڪنداسين ته اسان جي پارٽيءَ جو وجود به خطري ۾ پئجي ويندو. تنهنڪري، اهم سوال اهو آهي ته اهڙا ڪم ته ٻيون جماعتون به ڪن ٿيون اسان جي پارٽي انهن کان ڪهڙي ڳالهه ۾ مختلف آهي يا هجڻ گهرجي؟

اڪثر سياسي پارٽين جا سربراهه پنهنجن ذاتي، گروهي ۽ خانداني مفادن جي تحفظ خاطر ۽ پنهنجي طاقت ۽ اختيار کي وڌائڻ ۽ قائم رکڻ خاطر نه رڳو اقتداري ڪرسين تائين پهچڻ جون ڪوششون ڪن ٿا پر قومي ۽ عوامي مسئلن تي ٿورو گهڻو ظاهري ۽ سچو پچو احتجاج پڻ ڪن ٿا. ائين ئي جيئن هڪ ڪپڙن جو دڪاندار، هڪ هوٽل مالڪ ۽ هڪ ٽرانسپورٽر پنهنجي ڪاروبار دوران گراهڪن کي پنهنجا انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا مهيا ڪري ٿو، هوٽل وارو هزارين ماڻهن کي کاڌي پيتي جون شيون مهيا ڪري ٿو ۽ ٽرانسپورٽر سامان ۽ شيون پهچائي پنهنجي سروس ڏئي ٿو. ساڳئي ريت، هڪ اخبار فروش ۽ ڪتاب فروش به سماج کي قومي، طبقاتي ۽ تاريخي شعور ڏيڻ جو ڪم ڪري ٿو. ٽي وي چينل جو مالڪ روزانو ٿيندڙ واقعن کي ڪروڙين پين انسانن تائين پهچائي ٿو اسان جي مسئلن کي اجاگر ڪري ٿو ۽ ظالمن کي هڪ حد تائين اگهاڙو ڪري ٿو. پر انهن ادارن جا مالڪ اهي سڀ ڪم (دڪان، هوٽل، ٽرانسپورٽ، اخبار ۽ ڪتاب ۽ چينل) بنيادي طور تي ان لاءِ نه ٿا ڪن ته ڪو انهن کي قوم ۽ عوام جي خدمت ڪرڻي آهي پر اصل سبب انهن جا ذاتي، گروهي ۽ خانداني مفاد هجن ٿا جن جو پورائو ڪندي اهي قوم ۽ عوام کي به فائدو رسائين ٿا. انهن جي پهرين ترجيح ذاتي مفاد هجن ٿا ۽ قومي يا عوامي مفاد ٻئي درجي تي هجن ٿا. انهن مان ٿورا ماڻهو قوم ۽ عوام جي مفادن خاطر پنهنجن ذاتي مفادن کي ٻئي درجي تي رکن ٿا. ساڳئي ريت، اڪثر سياسي پارٽيون فردن، خاندانن ۽ گروهن جي ذاتي مفادن لاءِ هلايون وڃن ٿيون ۽ ائين ضرور ٿئي ٿو ته انهن سياسي جدوجهدن ذريعي اهي عوام ۽ قوم کي به ڪجهه فائدا ڏين ٿا. توڻي جو، انهن جو بنيادي مقصد عوام ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ نه هوندو آهي بلڪه پنهنجي مفادن جو تحفظ هوندو آهي. هاڻي جيئن ته انهن جي مفادن جو تحفظ ٿي ئي ان صورت ۾

سگهي ٿو انڪري اهي قومي، جمهوري ۽ عوامي جهدوجهد ڪندا رهن ٿا نه ته سندن ڪاروبار نه هلندو. مثال طور، ڪجهه اقتداري سياسي جماعتن پنٿي نظام خلاف جدوجهد ڪئي جڏهن ته اهي نه ڪو انقلابي پارٽيون آهن ۽ نه ئي قومپرست آهن پر اهي ته خانداني پارٽيون آهن پر اهي به حالتن سبب مجبور ٿيون ته پرندڙ معاملن تي اڳيان اچن نه ته سندن ”ڪاروبار“ خطري ۾ پئجي ويندو. هونئن به هڪ طبقاتي سماج ۾ سياست، ڪهڙي به نانءَ ۾ مقصد هيٺ طبقاتي مفاد جي تحفظ جو ئي نالو هوندو آهي.

تنهنڪري، اها ڳالهه ايتري اهم ناهي ته اسان قومي، عوامي ۽ جمهوري جدوجهد ڪريون ٿا ڇاڪاڻ ته اهڙيون جدوجهدون ٿوريون گهڻيون، ذاتي، خانداني، گروهي مفادن خاطر، ڀيون وفاق پرست، قومپرست، وطن دوست ۽ ايتريقدر جو نسل پرست ۽ مذهبي جماعتون به ڪن ٿيون. ڏسڻو هي آهي ته اسان انهن کان مختلف ڪيئن آهيون؟ جيڪڏهن اسين به انهن وانگر ٿوري گهڻي سنڌي عوام جي خدمت ڪريون ٿا ته پوءِ بهتر آهي ته انهن مرڪز پرست، اقتدار پرست، قومپرست پارٽين جو حصو ٿي وڃجي. ۽ جيڪڏهن نه ته پوءَ اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي ته اسان ڪي ڪهڙي قسم جي جماعت سان ويهڻ گهرجي؟

ڪٿي ائين ته ڪونهي ته اسان جي پارٽي به اسٽيٽس ڪو (Status quo) جي حامي جماعتن وانگر ساڳيو ئي رستو وٺڻ چاهي ٿي؟ جيتوڻيڪ، انهيءَ واٽ تي هلندي شايد پاڻ وڏيڪ طاقتور به ٿي وڃون ۽ اقتداري ايوانن تائين به پهچي وڃون پر ڇا اسين پنهنجا اصل مقصد ۽ ان جو جوهر برقرار رکي سگهنداسين؟ ظاهر ڳالهه آهي ته هي جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام جڏهن اسان کي پنهنجي صفن ۾ ويهاريندو ته ڪجهه هڪجهڙائي ڏسي پوءِ ويهڻ ڏيندو. پر ائين به ناهي ته هن نظام ۾ رهندي ان اندر طاقتور نه ٿو ٿي سگهجي. ها بلڪل ٿي سگهجي ٿو پر ان جو واحد رستو پارلياماني طريقو ناهي. توڻي جو پارلياماني رستو به اهم رستو آهي ۽ جيڪڏهن ڪا ترقي پسند ۽ وطن دوست سياسي پارٽي هن پارلياماني نظام جو حصو ٿيڻ چاهي ٿي ۽ پنهنجن اصل مقصدن تان دستبردار به نه ٿي ٿيڻ چاهي ۽ هن پارلياماني نظام تي اثرانداز به ٿيڻ چاهي ٿي ته ان لاءِ ڪجهه شيون اڳواٽ گهربل هجن ٿيون (1) سماج ۾ شديد طبقاتي جدوجهد (خاص ڪري ٽريڊ

يونين ازم، ڪاٻي ڌر جي سياست، عوامي جمهوري جدوجهد) هجي (2) ٻين اقتداري ۽ ڪوڙين سياسي پارٽين کان عوام بيزار هجي (3) اهڙي پارٽيءَ جو مضبوط عوامي تنظيمي ڍانچو هجي (4) پارٽي وٽ مضبوط آزمايل قيادت ۽ ڪيڊر هجي (5) ٺوس ۽ ديرپا نظرياتي پروگرام جهڙا فائديمند عنصر هجڻ ضروري آهن نه ته پنهنجي ڪمزور حالت ۾ پارلياماني رستو وٺڻ ائين آهي جيئن لوڻ جي کاڻ ۾ ويندڙ جو لوڻ ٿي وڃڻ.

آخر ۾:

ائين ناهي ته ڪي پارٽيون ڪوتن ۽ خامين کان پاڪ هونديون آهن. ظاهر ڳالهه آهي ته جيڪڏهن سماج ئي خراب هوندو ته ان ۾ ٺهندڙ سياسي پارٽين ۾ پڻ عيب هوندا. چوندا آهن ته جيڪو ديڳڙي ۾ هوندو سو ئي ٿالهي ۾ پوندو. جيڪڏهن ڪوشش ڪري اهڙيون ڪوتون ختم ڪري ڇڏبيون آهن ته وري ٻيون ڪوتون ۽ خرابيون جنم وٺنديون رهنديون آهن. تنهنڪري اها ڪا وڏي ڳالهه ناهي. اهم معاملو تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن پارٽيءَ ۾ ڪي بنيادي نوعيت جون ڪوتون ۽ خرابيون هجن جنهن ڪري ٻيون خاميون جنم وٺنديون رهنديون آهن ۽ اهڙي پارٽيءَ ۾ بنيادي ڪوتن کي نظرانداز ڪري ڪارڪنن ۽ قيادت جي توانائيءَ جو گهڻو حصو رڳو انهن مٿاڇرين خرابين کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ لڳي ويندو آهي ۽ اهڙي پارٽي پنهنجي منزل تي ڪڏهن به نه پهچي سگهندي.

مکيه بنيادي خرابين ۾ (1) غلط يا اڻچٽي نظرياتي لائين، يا اڻپورو پروگرام ۽ آئيني ڍانچو (2) ڪمزور تنظيمي ڍانچو (3) جدوجهد جو طريقو ۽ (4) قيادت وغيره شامل آهن.

نظرياتي چٽائي جي باري ۾ ڪجهه دوست اهو دليل به ڏئي سگهن ٿا ته ”نظرياتي چٽائيءَ سان ڇا ٿيندو؟ هن وقت به ڪجهه انقلابي پارٽيون اهڙيون آهن جن وٽ نظرياتي لائين بلڪل چٽي آهي پر اهي ڏينهون ڏينهن سڪڙجنديون پيون وڃن!“ بلڪل درست پر سوال کي سمجهڻ لاءِ اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي ته هڪ ترقي پسند سياسي پارٽيءَ وٽ ڪهڙيون منفرد قوتون آهن جيڪي سرمائيدار ۽ جاگيردار پارٽين وٽ نه هونديون آهن. سرمائيدار ۽ جاگيردار پارٽين وٽ اڻاهه وسيلا، ڊگهي عوام دشمن طبقاتي تاريخ جو گند، رياستي مشينري، وسيع تر عوام جي

سادگي ۽ اڇاٽائي وغيره جا هٿيار هوندا آهن جن ذريعي اُهي (وڏيرا خاندان ارباب، مخدوم، شيرازي، جتوئي ۽ پٽا وغيره) سنڌ جهڙي سماج کي غلام بڻائي مٿس حاڪميت ڪندا آهن. پر ان جو مطلب اهو ناهي ته وٽن ڪا نظرياتي لائين نه هوندي آهي. بلڪل هوندي آهي ۽ بنيادي مقصد جي معاملي ۾ بلڪل واضح ۽ چٽي هوندي اٿن ته طبقاتي نظام کي برقرار رکڻو آهي، ذاتي ملڪيت ۽ پنهنجي طبقي جو دفاع ڪرڻو آهي. پوءِ ان لاءِ اهڙا جاگيردار پيو ته چڙيو پر عام اليڪشن دوران مرڻ مارائڻ تائين ويڙهه ڪندا آهن ۽ اُن ويڙهه ۾ ملڪي توڙي بين الاقوامي جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ سامراجين جي مدد پڻ وٺندا آهن. جڏهن ته هڪ پٺتي پيل سماج ۾ ترقي پسند سياسي پارٽيءَ وٽ وسيلن جي کوٽ ۽ مختصر عوام دوست تاريخ سميت ڪيتريون ئي ڪمزوريون ۽ کوٽون هونديون آهن ان صورت ۾ هڪ ترقي پسند پارٽيءَ وٽ چٽي سائنسي نظرياتي لائين، طاقتور عوامي تنظيمي ڍانچو، آزمايل سياسي قيادت، جدوجهد جو ڍنگ ۽ واٽ وغيره ئي اهڙا هٿيار آهن جيڪي وڏيرڪي ۽ سرمائيداراڻي سياسي پارٽين سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻي سگهجن ٿا. ٻي صورت ۾ اهڙي ترقي پسند پارٽيءَ وٽ نه هوندا اٿاهه وسيلا ۽ نه ئي هوندي نظرياتي لائين، تنظيم ۽ معياري قيادت ته پوءِ نتيجو ڪهڙو نڪرندو اهو سمجهڻ ايترو ڏکيو ناهي.

لينن ۽ نوجوان

وي ديسياتيرڪ، اي ليتياشيف /ڪبير

(سنڌ ۾ ٿيندڙ طبقاتي، قومي ۽ جمهوري سياست ۽ مزاحمت ۾ اهم ڪردار ڪالهه ۽ اڄ به پورهيتن ۽ خاص ڪري نوجوانن جو رهيو آهي. مختلف ملڪن اندر نوجوانن جي سياست جا مختلف محرڪ ۽ مختلف خاصيتون ٿي سگهن ٿيون پر ڪي عمومي رجحان به ٿيندا آهن. سنڌ ۾ به نوجوان ،قطعي نظر انهي حقيقيت جي ته هو ڪهڙي طبقي، ۽ ڪهڙي تنظيم سان سلهاڙيل آهن هڪڙا عمومي رجحان ظاهر ڪندا رهن ٿا. مثال طور، آدرشن سان جذباتي لڳاءُ، انقلابي بي صبري، مها انقلابيت، مطالعي ۽ گهربل تجربي جي کوٽ وغيره. هي مضمون ٻڌائي ٿو انقلاب جي جدليات جي ماهر ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ لينن ڪهڙي ريت نوجوانن کان ٿيندڙ غلطين تي قابو پائڻ ۾ سندن مددي ٿئي ٿو. ياد رهي هي غلطيون صرف نوجوانن ۽ صرف ڪميونسٽ تحريڪ جي نوجوانن تائين محدود ناهن. اميد ته سنڌ ۾ نوجوانن جي مجموعي سياست کي سمجهڻ ۽ انهيءَ کي بهتر ڪرڻ ۾ هي مضمون گهڻو مددي ثابت ٿيندو. ادارو)



اُهي نوجوان جن طبقاتي جدوجهد کي پنهنجو ڪيو آهي، تن جي انقلابي تعليم بابت لينن جي رويي جو بنيادي نقطو اهو آهي ته هر نوجوان انقلابيءَ کي انهن مارڪسي اصولن ۾ پَڪُ هجڻ گهرجي، جيڪي موقعي پرستيءَ جي مختلف رجحانن خلاف بهتر ڍال ۽ دفاع جو ڪم ڏين ٿا. RSDLP جي ٻين ڪانگريس لاءِ لينن جي " نوجوان شاگردن ڏانهن رويي بابت قرارداد" پارٽي تنظيمن تي نوجوانن جي مدد جي ذميواري لاڳو ڪئي ته جيئن هو (نوجوان)

” دنيا بابت هڪ ڪُلي ۽ گهڻ پاسائون اشتراڪي نقطه نظر“ جوڙي سگهن ۽ زور ڏنو ته ”انهن (نوجوانن) کي اهڙن ڪوڙن دوستن کان باخبر ڪيو وڃي. جيڪي بار بار جي خالي انقلابيت يا خيالي لفاظيت ۽ انقلابين ۽ مخالف تحريڪن جي پاڻ ۾ نظرياتي جهيڙي کي اجايو ۽ نقصانڪار چاڻائيندڙ جاهلاڻي شڪايتن ذريعي، نوجوانن کي سندن انقلابي تربيت کان هٽائين ٿا. چاڪاڻ ته اِهي ڪوڙا دوست انقلابي ڪم ڏانهن غير اصوليت ۽ غير سنجيدگيءَ جو پرچارڪن ٿا.“

(لينن جي) ڊرافٽ جي انهيءَ حصي، ڪانگريس ۾ هڪ طوفاني بحث پيدا ڪري ڇڏيو. موقعي پرستن ۽ مارڪسزم جي مستقيل جي غدارن انهيءَ منجهان لينن جي پاڻ ڏانهن ڌمڪيءَ جو چگيءَ ريت اندازو لڳايو ۽ زور ڏنو ته انهن لفظن کي قرارداد منجهان خارج ڪيو وڃي. ساڇي ڌر جي موقعي پرستي ۽ ڪاڀي ڌر جي ڪوڙي انقلابيت نوجوان ويڙهاڪن لاءِ جيڪي خطرا پيدا ڪيا هئا، تن کي ڊيليگيٽن (نمائندن) اڳيان واضح ڪرڻ لاءِ لينن انهن ڏينهن جي انقلابي سياست منجهان سگهارا دليل ڪٽي آيو. لينن چيو ته ” اسان لبرلن ۽ سوشلسٽ انقلابين جي مثال منجهان چگي ريت ڄاڻون ٿا ته اهڙا ڪوڙا دوست وجود رکن ٿا.“ اِهي ئي اُهي ڪوڙا دوست آهن جيڪي نوجوانن کي اِهو چئي پُلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته ”ڪين مختلف رجحانن منجهه فرق ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.“ اُهي سوشلسٽ انقلابي ئي هيا جن پنهنجي سادي سڌي ويڙهه (DIRECT ACTION) ۽ دهشت (TERROR) ذريعي پُر عظم، جذباتي ۽ ناتجربيڪار نوجوانن جي وڏي انگ کي متاثر ڪيو. (توڙي جو) موقعي پرستَ، RSDLP جي ٻين ڪانگريس ۾ ”ڪوڙن دوستن“ جي ذڪر کي قرارداد منجهان خارج ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا پر بعد ۾ نوجوانن کي مخاطب ٿيل، لينن جي سموري ڪم ۾ اسان انهيءَ ٿيسز کي اُسريل انداز ۾ ڏسون ٿا. ڪوبه ماڻهو ٽراٽسڪي جي مهم جوئي واري پاليسي کي لينن طرفان اگهاڙو ڪرڻ کي ياد ڪري سگهي ٿو.

پهرين مهاڀاري جنگ وقت لينن لکيو هو ته ”روس اندر مارڪسي تحريڪ جا پراڻا ساٿي، ٽراٽسڪيءَ کي چگي ريت سڃاڻين ٿا ۽ انهن سامهون ٽراٽسڪيءَ جو ذڪر اجايو آهي پر پورهيتن جو نوجوان نسل انهيءَ کان واقف ڪونهي. تنهن ڪري

ضروري آهي ته ٽراٽسڪيءَ تي بحث ڪيو وڃي.″ پوءِ هُن زور ڏنو ته ″ پورهيتن جي نوجوان نسل کي ضرور سمجهڻ گهرجي ته سندن مهاڏو ڪنهن سان آهي...........″

بعد جي سالن ۾ لينن نوجوان ويڙهاڪن کي اڪثر اها نصيحت ڪندو هو ته ″انقلابي لفاظيت جي بيماري″ کان پاڻ بچائين. هُن چيو ته ″ انقلابي لفاظي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ به پيٽي بورجوا رجحانن منجهان هڪ جو اظهار آهي.″ لينن وضاحت ڪئي ته ″انقلابي لفاظي، پيٽي بورجوا رجحان جو ئي هڪ اظهار آهي، جنهن منجهان اسانجي مراد معروضي حالتن ۾ ڪنهن خاص وقت اندر واقعن ۽ صورتحال جي تبديليءَ کان قطع نظر (ساڳين) انقلابي نعرن جو ورجاءُ آهي. (اهڙين حالتن ۾) انقلابي نعرا بهترين، موهيندڙ ۽ جوش ڏياريندڙ ته هوندا آهن پر انهن جي لاءِ ڪو (معروضي) ميدان ناهي هوندو.اها آهي انقلابي لفاظيءَ جي فطرت″

نوجوان ويڙهاڪن جي انقلابي بي صبري جي سببن کان لينن چڱيءَ ريت واقف هيو. تنهن ڪري هو هميشه پنهنجي پارٽي ساٿين تي زور ڏيندو هو ته هو انهن نوجوانن کي، جيڪي حقيقي طور صحيح دڳ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر پنهنجي انقلابي تجربي جي اڻهوند سبب صحيح رستي جي تعين ۾ غلطي ڪن ٿا، پين (نوجوانن) کان ڌار ڪن، جيڪي شعوري طور تي بورجوا سماجي تاجي پيٽي کي قبول ڪن ٿا ۽ طبقاتي جدوجهد جي باربار آزمايل طريقيڪارن ۽ حڪمتِ عملين جي نعرن کي ڇاڻي پڇهي ٽوڙي مروڙي پيش ڪن ٿا. لينن جي انقلابي جيون ڪٿا ۾ ڪيترائي اهڙا مثال موجود آهن، جَن ۾ ملڪ کان ٻاهر جي نوجوان انقلابين جي پنهنجي ڪاٻي ڌر وارين غلطين تي قابو آڻڻ ۾ لينن سندن نظرياتي توڙي عملي مدد ڪئي. نوجوانن جي نظرياتي اوسر جو حقيقي ڪم، لينن جي تنقيد جي اهم مقصد سان گڏوگڏ ٿي هليو. نوجوان انقلابين کي سندن ٻاراڻي سختي ۽ بي صبري خلاف هوشيار ڪندي، ولاديمير لينن پنهنجي انقلابي عمل جو وسيع تجربو، ڪين هڪ شاندار تدريسي طريقيڪار سان منتقل ڪيو ۽ تڪڙ يا سادي تياري سان ڪنيل قدمن جي تباه ڪُن اثرن کي مٿن هوريان هوريان آشڪار ڪيو. لينن ڪوڙ سارن نوجوانن جي غلطين جو بنيادي سبب هر قيمت تي تڪڙي فتح حاصل ڪرڻ واري سندن خواهش ۽ انهن

اعليٰ مقصدن کي جلد از جلد حاصل ڪرڻ (واري جوش) ۾ ڏنو، جن جي لاءِ طبقاتي جدوجهد وڙهي ويندي آهي. ٻين جي ڀيٽ ۾ نوجوان پنهنجي حقيقت کي اڳيان رکڻ جو رجحان سڀ کان وڌيڪ رکندا آهن. جيئن هو (لينن) اينگلز جي بلانڪسٽن (بلانڪسٽ؛ اڻويهين صدي جي پورهيت تحريڪ اندر ڪاٻي ڌر جي مها انقلابيت جو رجحان هو) کي چيل لفظن جو حوالو ڏيئي ٿو ته ”اِها ڪيڏي نه ٻاراڻي معصوميت چئبي جو پنهنجي بي صبري کي هڪ نظرياتي، پُراثر دليل جي صورت ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.“

انقلابي جوش ۽ جذبو، مقصد جي تڪڙي حاصلات لاءِ حقيقي تڙپ ۽ حالتن ڏانهن عقلي بجاءِ جذباتي رويو، نوجوان ويڙهاڪن جون بنيادي خاصيتون آهن. اونهاري 1920 ۾ ناروي جي ڪميونسٽ جيڪب فرس کي انٽرويو ڏيندي، لينن انقلابي رومانويت جي سوال تي ڳالهايو. ” فطري طور تي اسين رومانس ڪانسواءِ ڪجهه نه ٿا ڪري سگهون“ هُن زور ڏنو ته ” رومانس جي گهٽائي، گهٽتائي ڪانوڌيڪ بهتر آهي. اسان هميشه انقلابي رومانويت سان همدردي رکندا آيا آهيون، تڏهن به جڏهن اسان ان سان اختلاف رکيو آهي“ لينن پوءِ انهيءَ خيال کي اڳيان ڪيو ته جيتوڻيڪ هڪ حقيقي انقلابي، سماجي معاشي لاڳاپن ۽ سياسي صورتحال جي گهري جائزي کان مامرن کي ڪٽڻ تي زور ڏيندو آهي ۽ پوءِ ئي انهي سان مطابقت ۾ ٺهيل حڪمتِ عملين جي نوس عمل ڏانهن لڙندو آهي. سال ڪانپوءِ پنهنجي مضمون ” سون (Gold) جي اهميت هاڻي ۽ سوشلزم جي مڪمل فتح ڪانپوءِ“ ۾ لينن زور ڏيندي ٻڌايو ته هڪ انقلابي کي سڀ کان وڏو خطرو ” وڌايل چڙهايل انقلابيت منجهان هوندو آهي، جيڪا انهن حدن ۽ حالتن کي درگزر ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن ۾ انقلابي طريقا مناسب ۽ ڪاميابي سان عمل لائق هجن ٿا.“ انهيءَ جي اهليت رکڻ ۽ هميشه انهيءَ ڳالهه کي ذهن ۾ رکڻ نهايت ضروري آهي ته ”انتهائي تڏائپ ۽ غيرجذباتي رويي سان اها ڪٿ ڪرڻ ته ڪهڙي وقت، ڪهڙي حالتن ۽ عمل جي ڪهڙن دائرن ۾ اوهان کي انقلابي عمل تي زور ڏيڻ گهرجي ۽ ڪهڙي وقت، ڪهڙي حالتن ۽ عمل جي ڪهڙن دائرن ۾ اوهان کي سڌارپسند عمل ڏانهن لڙڻ گهرجي.“

پورهيت تحريڪ اندر ساڄي ڌر ۽ ڪاٻي ڌر جي موقعي پرستيءَ جي بنيادن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لينن پنهنجي ساٿين جو

ڏيان انهي حقيقت ڏانهن ڌياريو ته بورجوازي، پورهيت طبقي ڏانهن مختلف حڪمتِ عمليون روا رکندو آهي. اُهي لبرل پاليسين جو اطلاق ڪندي، سياسي حقن، سڌارن ۽ رعايتن جي ڳالهه ڪري سگهن ٿا، جيڪا ساڃي ڌر جي موقعي پرستيءَ جي واڌاءُ تي دنگ ڪري ٿي. يا اُهي وحشت ۽ دهشت جي ننگي پاليسيءَ تي عمل پيرا ٿي ”مفاهمت جو خاتمو ڪري ۽ سڌارن جي نفي ڪري “ کاٻي ڌر اندر انتهاپسند ۽ انارڪي وارن رجحانن کي پيدا ڪن ٿا. پويون رجحان اڪثر ڪري نوجوانن منجهه ئي اظهاربو آهي.

نوجوانن منجهه معروضي حالتن ۽ سماجي اوسر جي عمل سان نه ٿهڪڻ جي ڪمزوري ، سڌي عمليت جي صورت ۾ انڌو اعتقاد، يا ته شديد مهم جوئي ۾ ڇيهه ڪري ٿو يا عظيم واقعا پيدا ڪندڙ قوتن تي ضابطي جي نااهليءَ سان گڏ ”عظيم ڏينهن جي مفعولي انتظار وارين حڪمتِ عملين ۾.“ جيئن لينن نشاندهي ڪئي.

عمل ۾ انهن ظاهر ظهور انتهائن جو هڪ ئي ڪارڻ، مارڪسزم کان دوري آهي. لينن زور ڏئي اها ڳالهه ڪري ٿو ته مارڪسزم ”هڪ ته موقعي پرستيءَ ۽ ٻيو نااميديءَ ۾ ڪنيل دهشت پسند عمل، ٻنهي کي رد ڪري ٿو“.

پيٽي بورجوا انقلابيت جا ناتجربيڪار نوجوان انقلابين تي تباهه ڪن اثر پون ٿا. انهي نسبت سان آسٽريا جي سوشل ڊيموڪريٽ، فريڊرڪ ايڊلر ڏانهن ، جنهن 1916 ۾ آسٽريا جي وزيراعظم تي قاتلاڻو حملو ڪيو هو، لينن جو رويو (جانچڻ) انتهائي اهم آهي. هُن (لينن) واقعي جي تفصيل ۽ انهن سببن تي غور ڪيو جن ايڊلر کي دهشت گرد ڪاروائي لاءِ مجبور ڪيو. آسٽريا جي هڪ نوجوان انقلابي فرانز ڪورسشنر ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ لينن فريڊرڪ ايڊلر بابت معلومات ۽ وڌ کان وڌ تفصيل جي گُهر ڪئي. هن پنهنجي ملڪ جي نوجوان انقلابين کي انفرادي دهشتگرديءَ واري حڪمتِ عمليءَ جي غلطين کي سمجهائڻ تي گهريو. روس اندر انقلابي جدوجهد جي تجربي جو حوالو ڏيندي لينن آسٽريا جي نوجوان انقلابي کي صلاح ڏيئي ٿو ته ” انقلابي حڪمتِ عملي طور انفرادي دهشتگردي نقصانڪار ۽ تباهه ڪن هوندي آهي. صرف عوامي تحريڪ ئي حقيقي سياسي جدوجهد هوندي آهي.“ هو صلاح ڏيئي ٿو ته ويانا ۾ هڪ

پمفليٽ ڇپجڻ گهرجي جيڪو دهشتگرديءَ تي آڌاريل حڪمتِ عملين جي نقصانن بابت پورهيتن کي آگاهي ڏئي. اهو پفليٽ نه صرف موقعي پرست پارٽي، سامراجين، پنهنجي بورجوا حڪومت ۽ جنگ خلاف ويڙهه جو سڏ ڏي پر دهشتگرديءَ ڏانهن رجوع ڪرڻ ڪانسواءِ عوام منجهه انقلابي پروپيگنڊا ۽ مزاحمت ذريعي، هڪ مربوط، مستقل، بي وٿ جدوجهد جي ڳالهه ڪري. ڪورسشنر بعد ۾ قبول ڪيو ته "لينن جي موقف سان نه صرف لازمي نظرياتي وضاحت ميسر ٿي پر طريقه ڪار ۾ رهنمائي پڻ ٿي." ايڊلر کي 18 سال جي سزا ملڻ ڪانپوءِ، آسٽريا جي نوجوان انقلابين هڪ وڏو عوامي مظاهرو ڪيو جنهن ۾ انهي پمفليٽ کي ورهايو ويو. پفليٽ ۾ بالشويڪ نعرن سان يڪجهتي ۽ انهن جو ورجاءُ هو ته "سامراجي جنگ نامنظور، طبقاتي جدوجهد زنده آباد، اها ئي جنگ جو خاتمو ڪري سگهي ٿي."

....

لينن پنهنجي لکڻين ۽ ڪامينٽرن (ڪميونسٽ انٽرنيشنل) جي ڪانگريس ۾ پنهنجي تقريرن ۾ ور ور ڏئي پيدا ٿيندڙ پيٽي بورجوا انقلابيت خلاف پنهنجي پارٽي جي اٽڪ ۽ مستقل جدوجهد جو حوالو باربار ڏيندو هو. 1920 ۾ لينن لکي ٿو ته " ہين ملڪن ۾ انهي حقيقت جي گهٽ ڄاڻ آهي ته بالشويزم اُن پيٽي بورجوا انقلابيت خلاف سالن جي جدوجهد ۾ اُسريو، نسريو ۽ سگهارو ٿيو، جيڪا انارڪزم کان شيون اُڌاريون ڪٽندي آهي ۽ هڪ مستقل پرولتاري طبقاتي جدوجهد لاءِ گهربل حالتن ۽ ضرورتن جي ڪٽ ڪرڻ کان لاچار هوندي آهي." ڪاہي ڌر جون اِهي غلطيون پهرين مهاڀاري جنگ کان پهرين ۽ پوءِ جي پورهيت تحريڪ ۾ انارڪي وارو ذهن رکندڙ ڪجهه ماڻهن تائين محدود ناهن رهيون. آڪٽوبر انقلاب ڪانپوءِ ڪميونسٽ تحريڪ اندر، خاص ڪري نوجوانن واري پرت ۾ انهي ءَ جو اظهار ٿيندو رهيو آهي. انهن غلطين هڪ سخت قسم جي تفرقي بازي جي صورت ورتي.

1919 جي شروعات ۾ ، جرمني جي ڪميونسٽ پارٽي جي نهڻ ڪانپوءِ، اُنهي جي نوجوان ميمبرن، ڪجهه بنيادي نظرياتي سوالن جي گهرائي ۾ وڃڻ ڪانسواءِ، قومي اسيمبلي جي بائيڪاٽ جو سڏ ڏنو ۽ رجعتيت ۽ سامراجيت خلاف پورهيت عوام جي وسيع انگ کي سرگرم ڪرڻ جي ضرورت کي درگذر ڪيو. لينن سندن انهيءَ

بيهڪ کي وڏندڙ تڪليفن جو نتيجو قرار ڏنو. هُن لکيو ته ” اسان لاءِ اهو بلڪل واضح آهي ته ڪوڙ سارن نوجوان جرمن ڪميونسٽن لاءِ اهو مامرو انقلابي تجربي جي ڪوٺ جو آهي. جيڪڏهن انهن ڪجهه بورجوا انقلابن (1905 ۽ 1917) جو تجربو ڪيو هجي ها ته اهي غير مشروط بائيڪاٽ جي وڪالت نه ڪن ها ۽ نه وري وقت بوقت سينڊيڪلزم (انارڪلزم) جي اوڙاهه ۾ ڪِرن ها. لينن، انقلابين بشمول ڪميونسٽن طرفان ٿيل کاٻي ڌر جي غلطين تي تنقيد ڪوڙ سارن لکڻين ۾ ڪئي. جنهن ۾ ”انقلابي لفاظيت“، ”کاٻي ڌر جي پارٽي ۽ پيٽي بورجوا ذهنيت“ ۽ سندس شاندار ڪتاب ” کاٻي ڌر جو ڪميونزم، هڪ پارٽي بيماري“ اهم آهن.

1920 جي بهار ۾ لکيل مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب، پورهيت طبقي جي هر اول دستي جي عِلمي، نظرياتي ۽ سياسي تربيت سان سلهاڙيل ڪوڙ سارن پيچيده سوالن جا جواب ڏئي ٿو. انهي ڪتاب جو بنيادي مقصد بالشويڪ انقلاب ۽ پوري عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي تجربي کي عمومي انداز ۾ رکڻ ۽ اُنهيءَ کي نوجوانن ۽ نئين جڙندڙ ڪميونسٽ پارٽين ڏانهن منتقل ڪرڻ هو. ڪميونسٽن جي حڪمتِ عملين ۽ طريقه ڪار جي انسائيڪلو پيڊيا واري حيثيت رکندڙ انهيءَ ڪتاب جا پوري دنيا جي نوجوان انقلابين تي شاندار اثر پيا. لينن کاٻي ڌر جي انهن خطرن ڏانهن ڌيان ڏيو خبردار هو جيڪي نيئن ٺهندڙ ۽ وڌندڙ ڪميونسٽ پارٽين منجهه پيدا ٿي ٿيا. نوجوان انقلابين اڪثر ڪري ماضي جي انهي تجربي کي درگذر ٿي ڪيو جيڪو سالن جي طبقاتي جدوجهد ۾ گڏ ٿيو هو. انهيءَ شئي کي ڌيان ڏيو ڏيان طلب هجڻ گهرجي ته اُنهن (نوجوانن) جون مستقل کاٻي ڌر واريون غلطيون درحقيقت پهرين مهاڀاري جنگ کان اڳ ۽ پوءِ اولهه يورپ جي پورهيت تحريڪ اندر وڌندڙ ساڄي ڌر جي موقعي پرستيءَ ڏانهن هڪ ردعمل هو. ساڄي ڌر جي موقعي پرستي، ترقي پسند پورهيتن جي ذهنن منجهه مونجهاري جا ٻج ڇٽيا ۽ انهن ڄاتو ته سڌارپسند، جنهن طبقاتي مفاهمت ڏانهن سڏين پيا سا پنهنجا وعدا پاڙي نه سگهي ۽ پورهيت عوام کي سرمائيداراڻي استحصال منجهان آجو نه ڪري سگهي. (نتيجي طور) ڪوڙ سارا ماڻهو هڪ ٻي انتها جو شڪار ٿيا. سڌارپسنديءَ تي تنقيدي ٿيندي، پورهيتن جو هڪ حصو، خاص ڪري نوجوان، سڌارن لاءِ جدوجهد کي رد ڪرڻ جو سڏ ڏنو.

حقيقيت ۾ اِهو پورهيتن جي مفاد ۾ بورجوا پارليامينٽ پيٽي بورجوا پارٽين، گروپن سان توڙي عارضي مفاهمت ۽ معاهدن کي رد ڪرڻ جو سڏ هيو. انهيءَ جو مقصد اهو نڪتو ته هاڻي نه صرف ٽريڊ يونين ۾ ڪم ڪرڻ ضروري ڪونهي پر جن(ٽريڊ يونين) جي اڳواڻي سڌارپسندن جي هٿ ۾ هئي، انهن جو بائيڪاٽ به ڪيو وڃي. انتهائي انقلابيت جو اظهار ڪندي نوجوان انقلابين هڪ پاسي جدوجهد جي آزمايل صورتن کي رد ڪيو ۽ ٻي پاسي پنهنجي پاڻ کي عوام کان ڪٽي ڇڏيو. اهڙي ريت نوجوانن جي هڪ حصي جي تفرقي بازي ۽ کاٻي ڌريت، پورهيت تحريڪ کي معروضي طور تي ڪمزور ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو وڌو ۽ طبقاتي دشمنن جي هٿن ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. لينن جي پورهيي ”کاٻي ڌر جو ڪميونزم، هڪ ٻاراڻي بيماري“ بيماري جي بنيادن ۽ سببن کي واضح ڪندي، انهن جي حل جو به ڏس ڏيندي، عالمي پورهيت تحريڪ جي قابلِ قدر خدمت ڪئي. عالمي ڪميونسٽ تحريڪ اندر اهڙن کاٻي ڌر وارن انهن پورهيت نوجوانن جي خيالن جي ترجماني ڪئي ٿي ، جن تازو انقلابي عمل کي پنهنجو ڪيو هو. روس ۾ جيڪو ڪجهه حاصل ٿيو تنهن کي جلد ازجلد حاصل ڪرڻ واري سندن سمجهه ۾ اچڻ واري خواهش پٺاندر نوجوان پورهيتن انتهائي بي صبري سان سنئين سڌي انقلابي عمل (DIRECT REVOLUTIONARY ACTION) لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ پورهيت تحريڪ جي امير ۽ مختلف النوع تجربي جي مطالعي جي اهميت کي گهٽ ڪري ڄاتو. نظرياتي ڄاڻ ۽ عملي تجربي جي کوٽ سبب، نوجوان پنهنجي ملڪ جي حقيقي حالتن مطابق مارڪسزم ليننزم جي اصولن جوصحيح اطلاق ڪرڻ کان لاچار رهيا. (لينن جدلي انداز ۾ نوجوانن منجهه انقلابي جذبي جي اُپار، انجي سنڀال ۽ ساڳي وقت اُن تي تنقيدي ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي.) لينن لکيو ته ” انهن ماڻهن جي همت افزائي ۽ سندن هر ممڪن مدد ٿيڻ گهرجي جيڪي عوام ۾ انهي(انقلابي) جذبي کي پيدا ڪن ٿا يا عوام جي انهي جذبي کي اظهار بخشين ٿا (جيڪو عام طور تي دٻيل، پوشيده ۽ لاشعوري هوندو آهي) پر ساڳي وقت اسانکي کُلي ڪري، کين واضح انداز ۾ ٻڌائڻ گهرجي ته عظيم انقلابي جدوجهد ۾ ذهن جي اها سطح پنهنجي پاڻ ۾ عوام جي قيادت ڪرڻ جي اهل نه ٿي هجي. ٻيو اهو ته انقلاب جي مقصد

کي اهڙين (۽ اُنهن) غلطين سان نقصان به رسي سگهي ٿو جيڪي انقلابي مقصد سان انتهائي وفادار ماڻهو ڪندا آهن يا ڪري سگهن ٿا.”

.... ٽين ڪمنٽرن جي ڪانگريس ڪانپوءِ (ناري واد اڳواڻ) ڪلارا زاٽڪن جڏهن واپس جرمني ڏانهن ٿي وئي ته ڪيس لينن چيو ته ” توهانکي انهن نوجوان ڪامريڊن ڏانهن سخت ٽيڏو پوندو جيڪي اجا تائين گهري نظرياتي ڄاڻ ۽ عملي تجربي کان محروم آهن. پر ساڳي وقت اوهانکي انهن سان اُنتهائي گهٽي صبر سان پيش اچڻ گهرجي.” لينن پاڻ به انهن ماڻهن لاءِ اهڙي سختي (ڀين لفظن ۾ اصولن تي ڄمي بيهڻ) ۽ صبر جو حسين مثال هو، جن جي انقلاب سان وفاداري اهم خاصيت هئي. (فرانسيسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي شاعر اڳواڻ پال ويليئنٽ ڪرٽري لينن جي پاڇوهه پري ڪچهري ڪانپوءِ لکيو ته) ” مون سميت اسان منجهان ڪيترن ڄڻن کي ياد آيو ته ساڄي ڌر وارن سان نفرت ۾اسان ڪيترو نه اڳتي وڃي فضول ڳالهيون چيوسين ۽ فضول ڪم ڪياسين.”.......

اچو ته پاڻ اجا ٿوري گهرائي سان انهن سبقن جو جائزو وٺون جيڪي لينن، نوجوانن کي پنهنجي ڪتاب ” کاٻي ڌر جو ڪميونزم، هڪ ٻاراڻي بيماري” ۾ ڏي ٿو. انهن ڏينهن ۾ کاٻي ڌر وارن جي هڪ وڏي غلطي بورجوا پارليامينٽ ۾ ڪميونسٽن جي ڪم کي گهٽ اهم سمجهڻ هو. پورهيت عوام کي انقلابي عمل لاءِ تيار ڪرڻ جي عمل ۾، جدوجهد جي هڪ اهڙي فورم کي رد ڪرڻ، جنهن منجهه مختلف طبقا حصو وٺن ٿا، هڪ ناقابلِ معافي غلطي هئي ۽ جنهنجو ڪنهن به ريت تدارڪ نه ٿو ڪري سگهجي................ (برطانيا اندر هڪ گڏيل ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٺهڻ ۾ اهو مسئلو هڪ وڏي رڪاوٽ هيو.) گلاسگو ۾ اسڪاٽش ورڪرز ڪائونسل جو اخبار ۾ هڪ خط ڇپيو جنهن ۾ هُنن زور ڏنو ته ” انقلابي ڪامريڊن کي ڪنهن به ريت گينگ (پارليامينٽ) جي ڪا به حمايت نه ڪرڻ گهرجي.” برطانيا جي کاٻي ڌر جي انهيءَ ۽ ٻين پريس بيانن جو حوالو ڏيندي لينن چيو ته ” منهنجي نظر ۾ ايڊيٽر ڏانهن اهو خط، برطانيا جي نوجوان ڪميونسٽن يا پارٽي جي اُنهن پورهيت ورڪرن جي مزاج ۽ نقطه نظر کي بهتر انداز ۾ اظهاري ٿو ، جن ڪميونزم کي هاڻ قبول ڪرڻ شروع ڪيو آهي،.” توٽي جو (لينن جي) انهن لفظن ۾ بجاءِ اهڙن خيال رکندڙن تي

تنقيد جي، نوجوانن کي انهن جي غلطين کان بچائڻ واري خواهش پوشيده آهي پر لينن انهن ماڻهن تي سخت تنقيدي هو جن روسي انقلاب ۽ پين ملڪن اندر انقلابين جي پارلياماني سرگرميءَ جي تجربي باوجود، مستقل مزاجيءَ سان انقلابي مقصدن لاءِ پارليامينٽ جي رستي کي رد ٿي ڪيو. (جن دنيا جي پارلياماني تجربن کي هاڻ سان هنڊايو) انهن منجهه لينن پهرين مهاڀاري جنگ دوران، ناميارو جرمن انقلابي ڪارل ليبنخت جيان، سويڊن جي سوشلسٽ يوٿ جي اڳواڻ ڪي هالنڊ جو نانءُ ٿي ورتو جنهن " هيٺان کان بنا ڪنهن عوامي مدد جي، رجعتي پارليامينٽ جي حقيقي انقلابي استعمال جا مثال قائم ڪيا." (پارليامينٽ جي چونڊ جو سوال پورهيت طبقي جي صورتحال سان سلهاڙيل سوال آهي، جنهن ۾ ڪنهن خاص وقت ۾ ان جو بائيڪاٽ ته ڪنهن ٻي وقت ۾ انجو استعمال پورهيت طبقي جي مفادن وٽان هوندو آهي.انهي ڏس ۾ ميڪسيڪو جي ڪميونسٽ پارٽي جو مثال اهم آهي جنهن شروعات ۾ پارلياماني دڳ کي رد ڪيو ۽ انهن خاص حالتن ۾ هڪ عارضي حڪمتِ عملي طور تي لينن به سندن انهي فيصلي جي تائيد ڪئي ۽ پوءِ اپريل 1923 واري ٻي ڪانگريس ۾ پارٽي پارليامينٽ جي حق ۾ ٿي بيٺي)

حڪمتِ عمليءَ جو ٻيو اهم سوال، ڪميونسٽن پاران ٽريڊ يونين ۾ ڪم ڪرڻ واري رويي سان سلهاڙيل آهي. ويهه جي ڏهاڪي ۾ ڪوڙسارن ملڪن اندر ڪاپي ڏر جي تفرقيباز عنصرن، طبقاتي قوتن جي صفبندي جانچڻ بنا ۽ حالتن جي معروضي جائزي کانسواءِ، اُنهن ٽريڊ يونين منجهان نڪرڻ جو سڏ ڏنو جن سڌارپسند موقف رکيو ٿي. لينن مٿي ڄاڻايل ڪتاب ۾ انهيءَ حڪمتِ عملي تي بيرحم تنقيد ڪندي لکي ٿو ته " اسان جرمنيءَ جي ڪاٻي ڌر جي انهيءَ خوفناڪ انقلابيت کي بڪواس ۽ ٻاراڻي فضوليات کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿا سمجهي سگهون. جنهن ۾ هو چون ٿا ته ڪميونسٽ رجعتي ٽريڊ يونين ۾ ڪم نه ٿا ڪري سگهن يا ڪين ڪرڻ ئي نه گهرجي يا اهو ته اهڙي هلنڌڙ ڪم کي بند ڪرڻ جي اجازت آهي، يا اهڙين ٽريڊ يونين منجهان هٿ ڪڍڻ نهايت ضروري آهي ۽ هڪ نئين نڪور ناهيل ۽ شاندار ڪميونسٽن (جنهن جي اڪثريت نوجوان هوندي آهي) پاران ايجاد ڪيل هڪ صاف سٿري ورڪر يونين ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي. وغيره وغيره."ٻين

گروپن ۽ پارٽين سان اتحاد ۽ معاهدن کي رد ڪرڻ ڪاٻي ڌر جي هڪ اهم غلطي رهي آهي. لينن جي (ڄاڻيل) ڪتاب جي اٺين باب جو طنزيه عنوان ئي" سمجهوتن خلاف" آهي. هتي اسان ٻين سان گڏ جرمن ۽ ڊچ ڪميونسٽ پارٽين جي انهن خيالن تي تنقيد کي ڏسون ٿا، جيڪي سمجهوتي جي هر صورت کي ۽ طبقاتي لڙائي ۾ لچڪ واري حڪمتِ عمليءَ جي هر اظهار کي رد ڪن ٿا. انقلابي مقصد کي نقصان ڏيندڙ ۽ انهيءَ سخت پاليسيءَ جي غربت کي لينن وائکو ڪيو. هڪ دفعو ٻيهر هُن پنهنجي خيالن کي بالشويڪ پارٽي جي جدوجهد جي مثالن سان گڏ پيش ڪيو. ڪاٻي ڌر جي تفرقيبازيءَ تي تنقيد ڪندي هُن لکيو ته " انقلابي لفاظي جي بيماري جي شڪار نوجوان ڇوڪرن۽ ڇوڪرين کي ئي متنازعه سوالن جي مصالحتي حل ۾ گند ۽ غير انقلابي پٺو نظر ايندو آهي."............ هو نوجوان انقلابين کي مطالعي جي صلاح ڏي ٿو. هو لکي ٿو ته " ڪچا ۽ غير تجربيڪار ماڻهو اهو سمجهندا آهن ته سمجهوتن جي اجازت ڏيڻ ئي عام طور تي بنا ساهي واري جدوجهد ۽ انقلابي مارڪسزم يا ڪميونزم ۽ اُن موقعي پرستيءَ جي وچم موجود هر فرق کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. جنهن خلاف اسين جدوجهد ڪري رهيا آهيون ۽ لازمي ٿيڻ به گهرجي. پر جيڪڏهن اهي ماڻهو اهو نه ٿا ڄاڻين ته فطرت ۽ سماج ۾ سمورا فرق متحرڪ (FLUID) هوندا آهن پر اهڙا ماڻهو هڪ نقطي تي پهچي (جڏهن) روايتي ٿي ويندا آهن ته پوءِ ڊگهي تربيت، تعليم، شعور، سياسي ۽ روزمره جي تجربي کانسواءِ اهڙن ماڻهن جي ٻي ڪابه شئي مدد نه ٿي ڪري سگهي." ساڳي وقت سمجهوتي جي اجازت جا ڪي شرط به هجڻ گهرجن. لينن جي بقول ته پيٽي بورجوا مفاهمت پسندن جي اُبتڙ جيڪي سمجهوتن کي ئي پنهنجي سياست جو اهم مقصد بڻائيندا آهن ۽ طبقاتي امن جي وڪالت ڪندا آهن، ڪميونسٽ، سمجهوتن کي حڪمتِ عملي جو هڪ هٿيار ڪري سمجهندا آهن. ڪميونسٽ پارٽين کي سمجهوتن جي استعمال کي هميشه پورهيت طبقي جي جدوجهد جي مفادن ۽ مقصدن جي طابع ڪري ڏسڻ گهرجي. اصولن، اهم پاليسي سوالن ۽ نظريي جي دائري اندر ڪنهن به رعايت جي اجازت نه هئڻ گهرجي. لينن ڪنهن به سمجهوتي کي قبول ڪرڻ جو لازمي شرط انهيءَ حقيقت کي سمجهيو ٿي ته انهن خلاف نظرياتي

جدوجهد جاري رهڻ گهرجي. لينن زور ڏنو ته ڪنهن به انقلابي پارٽي جو اصل مقصد سمجهوتن کي رد ڪرڻ نه پر "سمورن اٽڙ سمجهوتن ۾ ، پنهنجي اصولن سان، پنهنجي طبقي سان، پنهنجي انقلابي مقصد سان، انقلاب جي راهه هموار ڪرڻ (واري عزم) سان ۽ انقلاب جي فتحيابي لاءِ عوام جي تدريسي تربيت سان سچو رهڻ آهي. " لينن کاٻي ڌر جي عنصرن (نوجوانن سميت) جي (هڪ ٻي) ٻي ربطگيءَ کي به ننگو ڪيو جنهن ۾ اُنهن زباني طور تي پورهيت آمريت (جي اصول) کي قبول ڪيو ٿي پر حقيقت ۾ پارٽي جي سخت نظم و ضبط کي رد ٿي ڪيو. اهڙي ريت انهن، لينن جي پنهنجي لفظن ۾ ته " بوجوازي جي مفاد ۾ پورهيتن کي بي هٿيار ٿي ڪيو." لينن زور ڏيندي چيو ته " بالشويڪ، پارٽي ۾ سخت نظم و ضبط کانسواءِ اڍائي سال ته پري جي ڳالهه پر اڍائي مهينا به اقتدار نه ٿي سنڀالي سگهيا." انهيءِ نسبت ۾ لينن پورهيتن جي انقلابي جدوجهد ۾ اڳواڻن جي اهميت جي نشاندهي ڪئي. چاڪاڻ ته کاٻي ڌر جي مهاانقلابيت جا شڪار ڪجهه نوجوان، خاص طور تي جرمنيءَ ۽ هالينڊ جي پارٽين جا، اڳواڻن جي ڪردار کي رد ڪندا هئا ۽ اڳواڻن کي پارٽين خلاف، پارٽين کي طبقي خلاف ۽ طبقن کي عوام خلاف بيهاريندا هئا................ (اهڙي ريت ڪوڙ سارن حوالن سان لينن جي ڪتاب " کاٻي ڌر جو ڪميونزم، هڪ ٻاراڻي بيماري" جا نه صرف نوجوانن تي پر پوري دنيا جي انقلابين تي شاندار اثر پيا) مثال طور بلغاريا جي YCL جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي ميمبر پنهنجي جيل ڊائري ۾ لکيو ته " لينن جو پهريون ڪتاب جيڪو مون پڙهيو سو هو " کاٻي ڌر جو ڪميونزم، هڪ ٻاراڻي بيماري" اهو ڪتاب مون جيل اندر پڙهيو. اهو ڪتاب تمام گهٽي ڏکيائي سان هٿ ڪيو ويو هيو. اسان پندرهن ڄڻن انهي کي گڏ پڙهيو. هڪ دفعي پڙهائي دوران اسانجي مزدور ساٿي رڙ ڪندي چيو ته " انهيءَ جو اطلاق اسان سين تي به ٿئي ٿو." ۽ پوءِ هڪ جاندار، مستقل بحث ڇڙي پيو. چاڪاڻ ته کاٻي ڌر جي موقعي پرستاڻي غلطين سبب ڪجهه مهينا پهرين (بهار 1925) ، اسانجي انقلابي تحريڪ کي ڪاپاري شڪست نصيب ٿي هئي. اسان منجهان هر ڪنهن محسوس ٿي ڪيو ته پنهنجي ڪتاب ۾ لينن جيڪا تنقيد جرمنيءَ جي ڪميونسٽن تي ڪئي آهي تنهن جو اطلاق اسان جي پنهنجي

حالتن ۾ بلغاريا جي ڪميونسٽن تي به ٿيو ٿي.” کاٻي ڌر جي مختلف هيٺ مٿانهين سان ولاديمر لينن مرڻ گهڙي تائين وڙهندو رهيو. ٽين ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ڪانگريس (1921) جي تيارين ۽ ڪم دوران هُن اهڙن رجحانن خلاف ويڙهه اڃا تيز ڪئي. تن ڏينهن ۾ ڪانگريس لاءِ اهم مسئلو بدليل صورتحال ۾ ۽ پوري دنيا اندر بورجوازي جي نئين سر حملي آور ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڪميونسٽ پارٽين طرفان صحيح ۽ بهتر حڪمتِ عمليون جوڙڻ هيو. لينن چيو ته ”انقلابي حالتن ۾ انقلابي ٿيڻ ڪو وڏو مسئلو ڪونهي. پر جتي حالتون سڌي، ڪليل، حقيقي عوامي ۽ حقيقي انقلابي جدوجهد لاءِ موجود نه هجن اتي انقلابي ٿيڻ، . ردِ انقلابي حالتن ۾، غير انقلابي ادارن اندر، اڪثر طور تي رجعتي ادارن اندر، عوام اندر ، جيڪو اڃا عمل جي انقلابي طريقن جي ضرورت کي سمجهڻ کان پري آهي، انقلاب جي مفادن جو پرچهلو (پروپيگينڊا، مزاحمت ۽ تنظيم ذريعي) ٿيڻ، نه صرف ڏکيو آهي پر تمام ضروري به آهي.”............ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ڪانگريس دوران هڪ بحث جو احوال هڪڙو حاضر ميمبر، ايس اي لوزووسڪي هيئن ٻڌائي ٿو ته ”ڪانگريس ۾ کاٻي ڌر جي انتهاپسنديءَ واري رجحان جا ڪيترائي ماڻهو آيا هيا. جنهن ۾ فرانس وارو ڊيليگيٽ اهم هيو. انهن منجهان هڪ ليپورٽ نالي نوجوان، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو ته ڪمينٽرن جون هاٽوڪيون حڪمتِ عمليون موقعي پرستاڻيون آهن ۽ جنهن رفتار سان اسان وڌون پيا اُها عالمي پورهيت تحريڪ لاءِ هاجيڪار آهي. هُن ڏاڍو سطحي طور تي ڳالهايو پئي جيڪو شايد سندس فرانسيسي مزاج، نوجواني، اڻڄاڻائي يا سندس تربيت جو نتيجو هو. لينن، ليپورٽ ۽ سندس ”هلا بول“ نظريي تي بي رحمي سان حملي آور ٿيو. هُن چيو اهڙا نعرا ڪميونسٽ تحريڪ کي تباهه ڪري ڇڏيندا.“ لينن زور ڏنو ته ”اهو نه وساريو وڃي ته حالتن جي صحيح ڪٿ ڪرڻ بجاءِ، جيڪڏهن اسان جذبن ۽ (هر حال ۾) ڪجهه ڳاڙهن جهنڊن کي ڦڙڪائڻ واري ڪيفيت ۾ ڦاسنداسين ته لازمي طور تي اهڙيون غلطيون ڪنداسين، جنهنجو ازالو نه ٿي سگهندو.“ لينن جو موقف هيو ته بي بنياد، ڪوڙي انقلابيت ۽ لفاظيت کان متاثر کاٻي ڌر جي مهم جوئي وارن عملن لاءِ نظرياتي بنياد ڳولهڻ جي ضرورت جو ڪو حل

ڪونهي. ڪلارا زاٽڪن سان ڳالهه ٻولهه دوران لينن سڌي ريت چيو ته اِنهي اُتساهه ۽ ڪاٻي ڌر جي اِنهي لفاظيءَ کي ڪنهن به ريت نظريو نه ٿو سڏي سگهجي. "اِهو صراب آهي، اِها رومانويت آهي."....................لينن جي نوجوانن ڏانهن رويي جي هڪ خاص عنصر کي جانچڻ ضروري آهي. جڏهن هن اِهو ڏٺوته نوجوان پنهنجي اڳلي سخت موقف تي تنقيدي ٿيڻ لڳا آهن ته لينن ضروري ڄاتو ته سندن همت افزائي ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن انهيءَ سان سلهاڙيل هار ۽ مايوسي جي ڪيفيتن کي ختم ڪري سگهجي. پوءِ هن جرمني، هنگري، پولينڊ ۽ چيڪو سلواڪيا جي نوجوان ڊيليگيٽن کي هيٺين لفظن سان مخاطب ڪيو. " مون ڪلهه پرودا ۾ ڪجهه رپورٽن جو مطالعو ڪيو آهي جتان آءُ اهو سمجهيس ته اڳرائي وارو دور وڌيڪ ويجهو آهي جيترو اسان ڪلهه سمجهيوسين ۽ جنهن سبب نوجوان ڪامريڊن اسان تي تنقيد ڪئي."............(ڪانگريس ۾ لينن جي مدلل ڳالهه ٻولهه ۽ انهي جي اثرن تي بعد ۾ ڪيترن ملڪن جي نوجوان ڊيليگيٽن لکيو جن ۾ نوجوانن جي عالمي تنظيم جي اڳواڻ اوٽو انگر، جرمني جو رابرٽ ليبرانڊ وغيره. اهم هيا. ان کان علاوه هڪ ٻيو مسئلو نوجوانن جي الڳ تنطيم جي سوال تي هو. جنهن ۾ اڪثر ماڻهن انهي جي قطعي مخالفت ٿي ڪئي يا قطعي طور انهي جي حق ٿي بيٺا پر لينن پنهنجي ماهراڻي تجربي سان مامري کي حل ڪيو.) يوٿ انٽرنيشنل ۾ هڪ جائزي اندر لينن پنهنجو نقطه نظر هيٺن رکيو." اسان نوجوانن جي ليگ جي مڪمل آزاديءَ جي حق ۾ آهيون پراسين انهن جي غلطين تي دوستاڻي تنقيد جي مڪمل آزادي جي حق ۾ به آهيون. اسان کي گُهرجي ته اسان نوجوانن کي ڪنهن وڏاءُ چڙهاءُ يا ڪنهن خوشفهميءَ جو شڪار ٿيڻ نه ڏيون." لينن جا هي لفظ انهن ماڻهن کي ضرور کُڪَندا هوندا، جيڪي غير تجربيڪار ۽ ذهني سياسي بلوغت تائين نه به پهچي سگهندڙ نوجوانن کي پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪندا آيا آهن ۽ ڪري رهيا آهن ته جيئن هو پورهيتن جي هراول دستي ڪميونسٽ پارٽين کان ڇڇي ڌار ٿين. پنهنجي دور ۾ ٽراٽسڪيءَ اهڙن خيالن جو بنياد وڌو هو

جنهن جو پوءِ اولهه يورپ جي نوجوانن جي تحريڪ ۾ اظهار ٿيو. جنهن ۾ " نوجوان پارٽي جو بيروميٽر ٿين ٿا" يا " نوجوان هر

اول دستي جو به هر اول دستو آهن.” جهڙن اجائي ساراهه جهڙن جملن جي مدد سان نوجوان جي ذهنن ۾ پنهنجي انهيءُ (ٽراٽسڪائي) موقعي پرستاڻين خيالن جي آبياري ڪئي وئي. اڄ نيو ٽراٽسڪائسٽ، انارڪسٽ عنصر، کاٻي ڌر جي انتهاپسندي جا انفرادي نظريدان، جن جي نوجوانن جي ذهنن تي هڪ هٿي جي دعواي آهي، ڪجهه سيڪڙاٽ اڳواڻن جي خيالن کي درست ۽ صرف انهن کي ئي انقلابي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. (اهڙين حالتن ۾ لينن جي صلاحن ۽ تجزين ڏانهن متوجه ٿيڻ نهايت ضروري آهي جيڪي هُن پنهنجي سموري ڪم ۾ ڏنيون آهن.) کاٻي ڌر جي موقعي پرستيءَ ، پيٽي بورجوا انارڪسٽ انقلابيت جا طبقاتي بنياد، انهن جا سبب ۽ پارٽي جي نوجوان ويڙهاڪن ۾ انهن اثرن جي پکيڙ جي طريقن بابت لينن جا تجزيا اڄ به اهميت جوڳا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي اسان سان لاڳاپيل اڄ جي اهم مسئلن جي حل ۾ مددي ٿين ٿا...............................

مابعد جديديت

اعجاز احمد/ آزاد ماڇي

هي جائزو "The Marxist" مان کنيو ويو آهي جنهن کي ڪميونسٽ پارٽي انڊيا (مارڪسٽ) 2010 ۽ 2011 ۾ حيدرآباد ۾ چنائي ۾ مرڪزي ڪاميٽي ميمبرن جي تربيتي اسڪول ۾ پيش ڪيو هو. اعجاز احمد هڪ مشهور عالمي ليکڪ آهي. هي لکت مابعد جديديت ۽ شناخت جي سياست جي باري ۾ آهي ۽ ان ۾ اهو به بحث هيٺ آندو ويو آهي ته سرمائيداري اندر جاگيرداري رشتا ڪيئن تبديل ٿيندا پيا اچن ۽ ڪجهه بحث سائنس ۽ سماج تي پڻ آهي. (ادارو)

پوسٽ ماڊرنزم يا مابعد جديديت جي باري ۾ ڳالهائڻ تي جيڪا پهرين مشڪل ٿئي ٿي سا اها آهي ته اهو لفظ ڏاڍو اڻ واضح آهي ۽ پيو ته هي متن "Context" جي تبديل ٿيڻ سان مختلف معنيٰ ڏئي ٿو. لغوي بنيادن تي ڳالهائجي ته Post جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کانپوءِ ۽ ماڊرنزم جي معنيٰ آهي جديدت، مطلب پوسٽ ماڊرنزم مان مراد اها آهي ته ڪا اهڙي شي جيڪا جديديت کانپوءِ ٿي هجي. پلا پوءِ اها جديديت ڇا آهي.؟ جديديت دراصل ادب ۽ فن ۾ ٿيل واڌارن ۽ تحريڪن جو نچوڙ آهي جنهن ۾ ڪيوبزم Cubism ۽ سرّيلزم Surrealism اچي وڃن ٿا ۽ ڪجهه اهڙي ادب کي هٿي وٺرائڻ وارا ليکڪ جيئن جيمس جوائس، پرائوسٽ ۽ اليٽ (Eliot) وغيره. اها ته ٿي جديديت پر مابعد جديديت ان کان ڪوڙ سارين ڳالهين ۾ مختلف آهي. چاڪاڻ ته مابعد جديدت کي توهان ڪوڙ سارن فلسفين تي لاڳو ڪري سگهو ٿا جن ۾ لوٽارڊ (Lyotard) فوڪو (Foucalt) دريدا (Derrida) سڀن کان وڌيڪ مشهور آهن. انهن فلسفين جي جنگ جديديت سان بلڪل به نه آهي (بلڪه هي جديد فن کي ساراهن ٿا) پر هي روشن خيالي (Enlightenment) ۽ ان مان ڦٽل مارڪسزم جي نظرئي جا اصل دشمن آهن.

اسان ادب ۽ فن ۾ مابعد جديديت جي مسئلي کي نظر انداز ڪنداسين. چاڪاڻ ته اسان لاءِ مابعد جديدت جو پنهنجو فلسفو وڌيڪ اهم آهي جيڪو دعوا ڪري ٿو ته اهو نه صرف مارڪسزم

جو نعم البدل آهي پر اها به دعوا ڪري ٿو ته مارڪسزم ڪانپوءِ مابعد جديدت سياست جي عملي شڪل آهي. تنهنڪري اسان صرف ان ڳالهه تي غور ڪنداسين ته مابعد جديديت نظرياتي ۽ فلسفياڻين بنيادن تي سياسي طور عمل ۾ ايندڙ ڪهڙي قسم جو نظريو آهي.

ان ڪان سواءِ "مابعد جديدت" جو لفظ هيٺن ٽن اصطلاحن سان به ڳنڍيل آهي. پهريون اصطلاح آهي "مابعد جديديت جو دؤر" اهو اصطلاح آمريڪا جي عمرانيات جي ماهر C.Wright Mills 1959 ۾ ڏنو. ٻيو آهي "مابعد جديدت جون حالتون" هي لوٿارڊ جي 1979 ۾ آيل مشهور ۽ پراثر ڪتاب جو نالو پڻ آهي ۽ ٽيون آهي ڊيوڊ هاروي جي 1989 ۾ آيل مشهور ڪتاب "The Condition of Post Modernity" جي اصطلاح مابعد جديدت (Post Modernity) جو. انهن سڀني اصطلاحن ۾ "جديديت" ۽ مابعد جديت تاريخ جا به مرحلا آهن. جديديت مان مراد فلسفي رياست، سياسي شڪلن، صنعتي معاشيات، ۽ بورجوا سماجن ۽ انقلابي نظرين جا اُهي قسم آهن جيڪي يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ پيدا ٿيا ۽ انهن سڀني نظرين ۽ شڪلن جو پيدا ٿيڻ دراصل نتيجو هو.

(الف) روشن خياليءَ جي تحريڪ جي جديد سوچ تي ٿيل اثر جو.

(ب) فرانسيسي انقلاب جي پيل سياسي اثر جو.

(ٿ) سماجي ۽ معاشي تبديلي جو جيڪا صنعتي انقلاب جي اثر ڪري پئدا ٿي.

اها ته ٿي جديديت پر مابعد جديديت مان مراد ٻي مهاڀاري لڙائي ڪانپوءِ سرمائيداري جي نوعيت ۾ آيل اُها تبديلي آهي جيڪا تمام تيزي سان سرمائيداري جي جڙ ۾ آئي. جنهنڪري نه ته سرمائيداري ساڳي رهي آهي نه ئي ان ۾ ٿيندڙ سياست. ان قسم جي بحث مان مراد انهن شين ڪي بحث هيٺ آڻڻ آهي ته مابعد جديدت دراصل انهن معاشي، سماجي ۽ ٽيڪنالاجي جي بنيادي تبديلين تي ڳالهائڻ لاءِ آهي جن جديد دؤر جي سياست تي وڏا اثر ڇڏيا آهن.

حصو پهريون

بين الاقوامي مابعد جديت:

اسان هاڻي سمورن تاريخي حوالن سان مٿين نظرين جي

تفصيلي وضاحت ڪنداسين ته ڪيئن اهي تصور دنيا ۾ ڦهلجڻ کان اڳ پهرين آمريڪا ۽ ان کانپوءِ فرانس ۾ پکڙيا.

فلسفي جي ڪوڙ سارن نظرين کي پنهنجي اڌ آزاد تاريخ هوندي آهي. مثال طور اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته توهان دريدا جي ڪوڙ ساري فلسفي کي جيڪو هن ڊيڪارٽ جي عقليت پسندي واري فلسفي تي لکيو ان کي پڙهو ۽ پوءِ ڊريدا کي اتي ئي ڇڏي ڏيو. پر اوهان کي ذهن ۾ هئڻ گهرجي ته دريدا مارڪس تي لکيل هڪ ڪتاب جو مصنف پڻ آهي جنهن ۾ هي مسلسل سياسي فتوائون ڏئي ٿو. ۽ شايد مابعد جديدت جو سچ پڻ (سياسي فتوائون) ئي آهي. هاڻي ان نظريي جي سياسي جڙ يا ان جي خصوصيت سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان کي ان ماحول کي به ذهن ۾ رکڻ گهرجي جنهن سبب اهو نظريو وجود ۾ آيو. هي نظريو آمريڪا ۾ 1950ع ۾ منظر عام تي آيو. هي اهو دؤر آهي جنهن دؤر ۾ آمريڪا ۾ سرمائيداري ترقي، خوشحالي ۽ پائيداري جي ضمانت هئي. فرانس ۾ هي فلسفو ڏهن سالن کانپوءِ اپريو خاص طور تي جڏهن فرانس ۾ مڪمل طور مزدور تحريڪ کي شڪست اچي چڪي هئي. فرانس وارن مابعد جديد نظريادانن جا ڪوڙ سارا تصور آمريڪا وٺان ڪنيا. ان نظريي جا به مختلف قومي بنياد اسان کي اهو سمجهائڻ ۾ مدد ڪندا ته جيتوڻيڪ اهي ٻئي (آمريڪي ۽ فرانسيسي مابعد جديدت) ڳنڍيل آهن پر دنيا ۾ ٻئي الڳ تاريخ ڪري پڙهايا وڃن ٿا.

اسان مان گهڻا اهو سمجهندا آهن ته مابعد جديديت جو آغاز ويجهڙائي ۾ فرانس ۾ ٿيو آهي. پر حقيقت هي آهي ته اهو اصطلاح گهٽ ۾ گهٽ 1870ع کان انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ مختلف معنائن ۾ موجود رهيو آهي. اسان هتي اهي معنائون نظرانداز ڪنداسين ڇاڪاڻ ته اسان اهو سمجهنداسين ته اڄ ان اصطلاح کي ڪهڙي معنيٰ هيٺ ڏنو ويندو آهي. اڄ جيڪا ان اصطلاح جي اهم معنيٰ آهي اها ان کي آمريڪا جي عمرانيات جي ماهرن 1956ع ۾ ڏني هئي. 1950ع جو دؤر سرد جنگ وارو پهريون ڏهاڪو آهي. ۽ آمريڪا جي ان اصطلاح کي ڦهلائڻ جو اصل مقصد مارڪسزم کي شڪست ڏيڻ ۽ طبقاتي جدوجهد جي تصور کي مٽائڻ هو. آمريڪا جا هي نظريا فرانس جي مفڪرن ان وقت کنيا جڏهن 1967-69 ڌاري سڄي يورپ ۾ ڪابي ڌر پوئتي پئجي چڪي

هئي. فرانس جي خوبصورت ٻولي جي رنگ جي چڙهڻ ڪانپوءِ اهي ساڳيا نظريا واپس آمريڪا ۽ پوري يورپ ۾ ڦهلجڻ لڳا ۽ تمام جلد مابعد جديديت جو فلسفو اتان جي وڏين وڏين يونيورسٽين ۾ پڙهائجڻ لڳو. ۽ اتان ٿيندي هي فلسفو هندستان اچي رسيو.

هاڻي اچو ته ان ڳالهه تي ڳالهايون ته ڇا سبب هو جو آمريڪا جا هي نظريا هڪ هنڌ اچي گڏ ڪيا ويا؟ انهن نظرين جي هڪ هنڌ گڏجڻ جو سبب اهو هو ته ٻي مهاڀاري لڙائي ڪانپوءِ آمريڪا هڪ فاتح جي حيثيت سان دنيا جي طاقت بڻجي اڀريو. هڪ اهڙي طاقت جنهن وٽ نوڪريون هيون، ڪوڙ سارا ٽيڪنيڪي ۽ جنگي اوزار جهڙوڪ ائٽم بم، ڪمپيوٽر، برقي رابطن جي ترقي، هوائي جهازن جو استعمال وغيره. ان ڪان علاوه تاريخ ۾ پهريون پيرو آمريڪا اهڙو ملڪ بڻيو، جنهن وٽ ڪمائي جا ڪوڙ سارا ذريعا هئا ۽ رابطي جي اها سهولت جنهن جي مدد سان آمريڪا مختلف ملڪن سان رابطي ۾ رهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري چڪو هو. ان ڪان وڌيڪ آمريڪا ڀن ڏهاڪن اندر دنيا جو بهترين ۽ طاقتور يونيورسٽي سسٽم جوڙي ورتو هو جيڪو تاريخ ۾ پهرين تعليم جي لحاظ سان ايئن ڪڏهن به نه ٿيو هو. اهڙين يونيورسٽين کولڻ جو مقصد بورجوازي علمن کي اڳتي وڌائڻ هو. ان سڀ ڪان وڌيڪ اهم هي ته آمريڪا جي اڳواٽي ۾ سرمائيداريءَ خوشحالي جو وڏو عرصو ڏنو آهي. جيڪو تاريخ ۾ مستحڪم ترقيءَ جو وڏو مثال آهي. ان ترقي جي نتيجي ۾ واقعي ئي ادارن جي انتظام ۽ رابطن جي بناوٽ ۾ وڏي پئماني تي تبديلي به آئي. ٻي هڪ وجه اها به آهي ته آمريڪا ۾ يورپ جي ملڪن وانگر ڪا طاقتور ڪميونسٽ تحريڪ يا مارڪسي نظرين جي ڪا روايت به نه رهي آهي. پنهنجي گهر ۾ سياسي طور اڻ متحرڪ ۽ قدامت پسند آمريڪا پنهنجي مستقبل لاءِ هميشه گهٽو پراميد رهيو آهي. مختصراً ته آمريڪا جي سماج جي اهڙي خوشحالي ۽ ترقي سبب ان کي ڪڏهن عوامي ثقافت (Mass Culture)، ته ڪڏهن دولت مند معاشرو (Wealthy Society) چيو ويو. ڪڏهن ان کي ”مابعد جديديت وارو سماج“، صنعتڪاري ڪانپوءِ وارو سماج، ڄاڻ وارو سماج يا چست سماج جهڙن لقبن سان به نوازيو ويو. (اهڙا نالا آمريڪا جي سماج کي ان جي نام نهاد ترقي سبب ڏنا ويا) هڪ شيءَ جيڪا اسان کي ياد رکڻ گهرجي اُها اِها آهي ته مابعد جديديت وارو فلسفو

فرانسيسي ٿيڻ کان اڳ مڪمل طور آمريڪي هو.

مابعد جديديت جي اِن آمريڪي اصطلاح کي ڏسنداسين ته ان جا به پاسا آهن. پهريون هي آهي ته ان جو گهڻو حصو ادب، ثقافت، ۽ فن سان لاڳاپيل آهي. اسان پنهنجي ان آرٽيڪل ۾ ان کي نظر انداز ڪنداسين. ٻئي حصي جو تعلق سائنس، ٽيڪنالاجي، معاشي پيداوار جي ذريعن ۽ سماجي ادارن سان آهي. جنهن ۾ مرڪزي ڪردار اسان جو هيرو ڪمپيوٽر ادا ڪري ٿو. ان هيرو تي ڳالهائي فائدو ڪڻندڙ عمرانيات ۽ ڪمپيوٽر جا ماهر ۽ عام سائنسي علمن تي لکندڙ ليکڪ هئا جن جو مرڪزي خيال اهو هو ته نئين ٽيڪنالاجي جي اچڻ سبب سرمائيداريءَ آخرڪار اهڙي خوشحالي حاصل ڪري ورتي آهي جيڪا هميشه هتي رهندي. اهڙي خوشحالي سبب اهو ممڪن بڻجي ويندو ته پورهيت عوام دير يا سوير ان خوشحالي مان پنهنجو حصو ڪٽي. هي خيال هڪ مخصوص تصور جي بنياد تي بيهاريو ويو ۽ اهو تصور هو جديد سرمائيداري جي فلاحي رياست (Advanced Capitalist, Walefare Society) هي اهڙو سماج هو جنهن کي سرمائيداريءَ جي خوشحالي وارو دور مليو ۽ ان دؤر ۾ وچولو طبقو تعداد ۾ وڌڻ لڳو. پوءِ جيڪي به سماجي علم ڦٽا انهن ۾ آمريڪا ان ڳالهه کي هٿي وٺرائي ته آمريڪا بنيادي طور تي وچولي طبقي وارو سماج آهي ۽ سماجي تبديليءَ جو مُحرڪ پورهيت طبقو نه بلڪه وچولو طبقو آهي. ان دؤر ۾ اهو به اعلان ڪيو ويو ته چاڪاڻ ته هاڻي پورهيت طبقو وچولي طبقي جيتري آمدني حاصل ڪري رهيو آهي ان ڪري ڪميونسٽ سياست غير اهم بڻجي چڪي آهي. ڪميونسٽ سياست جي اهڙي بي جوڙ ۽ بي مقصد هجڻ جو سبب هيٺن ٽن شين جو پنهنجو پاڻ ۾ ملڻ آهي.

(1) تيزيءَ سان وڌندڙ معيشت (2) ڪينيسن سڌارا (فلاحي رياست) ۽ مڪمل روزگار (3) سرمائي ۽ مزدور ۾ نئون تعلق جنهن ۾ مزدور جي وڌندڙ پگهار مان حاصل ٿيل پيداوار ظاهر ٿئي ٿي.

”ليوٽارڊ بعد ۾ اچي ڪري ”ڪمپيوٽرائيڊ سماج جي“ ڳالهه ڪري ٿو. اها ساڳي ڳالهه 50 ۽ 60 واري ڏهاڪي ۾ آمريڪا پهرين ملهائي چڪو هو. بقول آمريڪا ته ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي اچڻ سرمائيداريءَ جي تاريخ ۾ هڪ فيصلائتي تبديلي هئي. بلڪل اهڙي بنيادي تبديلي جيڪا يورپ جي معيشت ۾ تڏهن آئي جڏهن

يورپ زراعت مان نڪري ننڍين ننڍين فيڪٽرين ۾ آيو ۽ اهي ننڍيون ۽ ساديون فيڪٽريون جديد ۽ وڏن ڪارخانن ۾ تبديل ٿي ويون. جهڙي طرح زرعي سماج صنعتي سماج ۾ تبديل ٿيو. بلڪل اهڙي طرح ڪمپيوٽر جي اچڻ سبب هاڻي پيداواري سماج (Productive Society) تاريخي تبديلي ڏسي رهيو آهي ۽ ڄاڻ واري سماج (Information Society) ٿيڻ ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. ان سبب جيڪو صنعتي دؤر هو اهو هاڻي تبديل ٿيو آهي صنعت ڪانپوءِ (Post Industrialism) واري دؤر ۾ مٿي بيان ڪيل جيڪي اصطلاح آهن 50 ۽ 60 جي ڏهاڪي ڪانپوءِ انهن کي فن ۽ ادب ۾ ڪهڙي به معنيٰ ڏني وئي هجي، مابعد جديديت جون اصل پاڙون "Post fordist" يا "Post: Industrial Society" وارن اصطلاحن سان جڙيل آهن.

هاڻي اچو ته ان تي ڳالهايون ته پوسٽ فارڊسٽ مان مراد ڇا آهي.؟ پوسٽ فارڊسٽ فيڪٽرين جي مرڪزيت جو اهو سرشتو آهي جنهن کي مختلف جڳهن تي يونٽن ۾ ورهايو وڃي. انهن يونٽن ۾ مختلف شين جا خاص اوزار ٺاهجن ۽ انهن کي ايترو ته پڪيڙجي ۽ لچڪدار بڻائجي جو مختلف شين جا پرزا مختلف جڳهن تي ٺاهي پوءِ انهن کي هڪ مرڪز وٽ گڏ ڪري ڪار ٺاهي ڇڏجي.

ان وڏي سرشتي کي گهڻ قومي ڪمپنين جي مدد سان پوري دنيا ۾ ڦهلايو وڃي ۽ اڻ ڳڻيا يونٽ ٺاهيا وڃن. نتيجي ۾ فيڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت آهستي آهستي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ طبقي ۾ تبديل ٿي ويندو. ان سان اهو به ٿيندو ته مزدور صرف پنهنجي علائقي نه بلڪه ملڪ جي ڪهڙي به حصي ۾ ڪم ڪري سگهي ٿو ايستائين جو هو ڪهڙي به ڪنڊ ۾ وڃي پنهنجي روزگار کي جاري رکي سگهي ٿو.

اهو هو پوسٽ فارڊزم. هاڻي اچون ٿا پوسٽ انڊسٽريلزم تي جنهن مان مراد آهي ڪوڙ ساريون مختلف شيون. انهن مختلف شين مان پهرين هي آهي. ته اسان پيداوار جي اهميت کان ڪپت واري اهميت طرف اچون. صنعتي پلانٽ ڪن سرمائيدارن جي فيصلن ۽ ترجيحن جي بنياد تي نه بلڪه ڪنهن شيءِ جي ڪيتري طلب آهي ۽ ڪهڙي هنڌ آهي ان بنياد تي لڳايا ويندا جن ۾ مڪمل روزگار ڏنو ويندو ۽ ان ڳالهه کي همٿايو ويندو ته ماڻهو وڏ کان وڏ پلانٽ جون ٺهيل شيون وٺن جنهن لاءِ نين شين لاءِ نيون

منديون ٿاهيون وينديون. ۽ مشهوري (Advertisement) جو سٺو بندوبست ڪيوويندو.

ٻي ڳالهه هي آهي ته پوسٽ انڊسٽريل دؤر ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي مرڪزي ڪردار تحت اها منصوبابندي ڪئي ويندي آهي ته سڄي ٺاهڻ ۽ ڪپائڻ واري سرشتي کي ڪيئن بهتر ڪجي ته جيئن چاڻ واري ٽيڪنالاجي پيداواري ٽيڪنالاجي جي جڳهه ولاري سگهي ۽ پنهنجو مرڪزي ڪردار ادا ڪري.

ٽين ڳالهه آهي صنعتي روزگار ۾ ٿيندڙ تبديلي جي شرح چوٿين ڪمپيوٽر ۽ روبوٽس جو استعمال جنهن سان پيداوار جو وڌڻ ممڪن بڻجندو آهي. ٽيڪنالاجي جي مستقل وڌڻ سان مستقبل ۾ گهٽ مزدور وڌ کان وڌ شيون پيدا ڪرڻ لائق بڻجندا (اهي گهٽ مزدور جن کي پوءِ وڌيڪ پگهار ڏبي ۽ مزدور طبقو مڊل ڪلاس بڻجي ويندو). پنجون هي ته اهو ذهن ۾ رکيو ويو ته جڏهن مختلف ڪمپنين جو تسلط قائم ٿي ويندو ۽ انهن جي سرمائي جي حصي (Share) مان جيڪو سرمايو ٺهندو اهو سرمائي جي نوعيت تبديل ڪري ڇڏيندو چاڪاڻ ته ان مان حاصل ٿيل نفعو صرف ڪجهه سرمائيدارن جو نه بلڪه ڪوڙ سارن ماڻهن جو هوندو جيڪي ان ڪاروبار ۾ حصيدار آهن. ائين ڪٽي چئجي ته سرمائي جو سوشلزم اچي ويندو. ان کان علاوه ان گهڻ رخي ڪمپنين جا فيصلا سرمائيدار نه بلڪه اهي مينيجر ڪندا جن کي نوڪري صرف ۽ صرف انهن جي قابليت جي بنياد تي ڏني ويندي ان بنياد تي نه ته اهي فلاڻي سرمائيدار جا پٽ آهن. ان سبب سرمائيدار طبقو قابليت ۽ هنر جي بنياد تي هڪ ڏاڪو مٿي ويندو. پوسٽ انڊسٽريل سماج ۾ مٿين ڳالهين جي بنياد تي اهو ٻڌايو ويو ته پوسٽ انڊسٽريل دؤر واري سرمائيداري ۾ سرمائيدار وٽ نه ته ساڳيو پيداواري نظام هوندو ۽ نه ئي ساڳيو پورهيت طبقو. مطلب ته سرمائيداري نظام پنهنجي شڪل صورت ۾ ائين هوندو ئي ڪونه جنهن جي باري ۾ مارڪس ايترو ڪجهه لکيو آهي نتيجي طورمارڪسزم جو فلسفو پاڻ ئي مدي خارج بڻجي ويندو.

مٿي جيڪو ڪوڙ سارو تجزيو ڏنو ويو ان ۾ اهي دانشور صرف لفظن جو فرق ڪري رهيا هئا. اهڙي سائنس ۾ ميڊلاجي (Mediology) جا مارشل مڪلوهن ”Marshal Mcluhan“ يا ايلون ٽوفلر ”Alvin Toffler“ ۽

ٻيا فيشني ثقافت جا نقاد جهڙوڪ لسلي فيلڊر "Leslie Fielder" سڀ کان وڌيڪ پرجوش پرچارڪ هئا. انهن جي لاءِ مابعد جديدي سماج هڪ اهڙو سماج هو جنهن ۾ ڪپت ۽ رابطي ڪرڻ جا طريقا ڪوڙ هجن ۽ اهڙي دنيا جنهن وٽ کائڻ ۾ ڪيڏڻ لاءِ جهجهي مقدار ۾ شيون موجود هجن. ان کان علاوه ٻه اڳوٽا ٽراٽسڪائي آئرونگ هووَ (Irwing Hove) ۽ ڊينيل بيل (Daniel Bell) به هئا. انهن مطابق ثقافتي اميراٽپ "Cultural Elitism" ۽ وچٿري سماجي جمهوري سياست ۾ ميلاپ ڪيو وڃي ته دنيا وٽ گهٽو ڪجهه موجود آهي انهن ڪپت ۽ عوام کي هڪ ثقافت ۾ آڻڻ تي به ماتم ڪيو ۽ جنهن مان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيڪو نتيجو ڪڍيو ان ۾ هنن سماج جي تصوير مايوس ڪن ڪڍي. آئرنگ هووَ جي لفظن مطابق ته سماج "اڌ پلائي لاءِ آهي ۽ اڌ فوج لاءِ"

اهي سڀ ڳالهيون ائين ئي ڪري ڊينئل بيل ان ۾ هڪ نئون موڙ آڻي ٿو. بيل جي جدت پسندي "Modernity" هڪ "بچت ڪندڙ سماج" آهي جنهن ۾ ويبرين جي پروٽيسٽنٽ اخلاقيات اڇي وڃي ٿي جنهن ۾ توهان ڪپائڻ کان پهرين ڪجهه بچائي رکو ٿا. پر هن لاءِ مابعد جديت جو سماج "خرچ ڪندڙ سماج" "Spending Society" آهي. اهڙو سماج 1930ع ۾ پهرين ڪريڊٽ سسٽم ذريعي جوڙيو ويو جنهن ۾ توهان قرض کڻي پنهنجي لاءِ گهر يا ڪار وٺي سگهو ٿا. هن لاءِ مابعد جديد سماج هڪ لاپرواهه طريقي سان پئسا ڪپائيندڙ نرگيست آهي جنهن جي بنياد "پيدا ڪرڻ" نه بلڪه "خرچ ڪرڻ" تي ٻيٺل آهي. ۽ شين کي ائين خرچ ڪرڻ سان ئي اهو سماج هلي ٿو. هن مطابق جيڪڏهن ماڻهو اهڙي سماج ۾ ڪپت نه ٿو ڪري ان سان "خرچ ڪندڙ سماج" پوئتي پئجي ويندو ۽ ان سماج ۾ شيون اڳواٽ نه وٺڻ مطلب ته اوهان اعليٰ پائي جي بورجوازي سماج جي قدرن کان بغاوت پيا ڪيو. اهو خيال ته اهڙي خوشحالي جيڪا ٽيڪنالاجي جي سبب آهي ان ۾ سماج ٽٽندا ۽ پوءِ وري جڙندا رهندا ۽ ائين اٽلانٽڪ جي ٻنهي پاسن کان ٿيندو.



اهڙي نتيجي تي پهچڻ ۾ به

فرق واضح آهن جيڪي آمريڪا جا ليڪ هئا انهن روشن خيالي (Enlightenment) جي قدرن جي خاتمي کي الميو قرار ڏنو جڏهن ته فرانس جي ليکڪن ان کي مڙهيل رسمي قدر سڏيو ۽ انهن عقلي قدرن مان جان آجي ڪرڻ کي پنهنجي نجات سمجهيو. مختصرن ته مابعد جديديت جي ايترن سارن مفڪرن موجب هاڻي ڪابه انقلابي يا تاريخي تبديلي ڪنهن به حالت ۾ ممڪن نه آهي. ڇاڪاڻ ته پورهيت عوام وٽ هاڻي ڪوبه انقلابي ڪردار ڪونه بچيو آهي. نظريي جو خاتمو "End of Ideology" اهڙي دؤر ۾ لکي دراصل مابعد جديت جي نظريي کي ڇمڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. ٺيڪ ساڳي طرح ان ڳالهه کي واپس آڻڻ لاءِ فوڪوياما پنهنجي ٿيسز تاريخ جو خاتمو (End of History) 40 سالن کانپوءِ ان وقت آندي جڏهن سوويت يونين ٽٽو. تاريخ جي خاتمي ۾ اها ڳالهه ڇئي وئي ته هاڻي آزاد سرمائيداري (Liberal Capitalizing) جو ڪوبه ممڪن نعم البدل ناهي رهيو ڇاڪاڻ ته جيڪا شيءِ اِن جو متبادل هئي ان کي شڪست ملي چڪي آهي. هاڻي اسان وٽ جيڪو بچيو آهي سو هي آهي ته آزاد سرمائيداري کي سڄي دنيا ۾ پهچايون. (مترجم جيڪڏهن توهان اهڙي آزاد سرمائيداري ٻئي هنڌ پهچائڻ ۾ مدد نه ڪندا. ڪا ڳالهه نه آهي. آزاد سرمائيداري پنهنجو پاڻ توهانجي ملڪ جي دروازي جو ڪڙو ڪڙڪائيندي).

اها ڳالهه غور طلب آهي ته مابعد جديديت جا اڪثر مفڪر اڳوڻا مارڪسٽ هئا يا اڄ تائين پاڻ کي مارڪسي سڏائن ٿا. آئرونگ هووَ ۽ ڊينيل بيل جي باري ۾ مون توهان کي اڳ ۾ ٻڌايو ته اهي شروع ۾ ٽراٽسڪائيٽ هئا.


هربرٽ مارڪيوزي

1960ع جي عرصي دوران پيو ليڪ جنهن جو ڏاڍو اثر هو اهو هو هربرٽ مارڪيوزي (Herbert Marcuse). هي فرينڪفرٽ اسڪول جو ميمبر هو جيڪو ٻئي مهاڀاري لڙائي دوران آمريڪا لڏي آيو ۽ هميشه لاءِ اتي رهي پيو. هن هڪ مشهور ڪتاب ۾ (One-dimensional man) کي ڪوڙو قرار

ڏنو. پر هن مارڪس ۽ فرائيڊ کي گڏائي لذت پسنديءَ واري زندگي جي تبليغ ڪئي. هن اهو به چيو ته پورهيت طبقو اصلاح پسند طبقو بڻجي رهيو آهي. ان ڪري هن ڪجهه نئي ٿيڻ جي اميد هڪ ته شاگردن مان رکي ۽ ٻيو لمپن پورهيتن مان جيڪي اندروني شهر رهندا هئا. مارڪيوزي اهو سڀ ڪجهه پاڻ 1960 دوران آمريڪا ۾ ڏٺو جڏهن آمريڪا ۾ ويٽنام جنگ مخالف احتجاج ٿيندا هئا ته انهن احتجاجن ۾ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي هوندي هئي جيڪي چيني آبادي ۾ رهندا هئا. بهرحال، اهڙن ليکڪن منجهان جيڪي ڪنهن طريقي سان پنهنجو تعلق مارڪسزم سان ڏسيندا هئا انهن جو اصل مقصد مارڪسزم جي خدمت ڪرڻ نه بلڪه آمريڪا جي کاٻي ڌر (New Left) ۾ ان ٿيسز کي ثابت ڪرڻ هوندو هو ته پورهيت طبقو انقلابي ناهي رهيو. هڪ اهڙي کاٻي ڌر جنهن جو ويساهه پورهيتن ۾ نه هجي. بس پوءِ مارڪيوسي سرمائيداري تي پنهنجي تنقيد کي طبقاتي نه بلڪه ويڳاڙي ذات، جنسي قيدبندي، ثقافتي انقلاب، اقليتن جا حق، شاگرد تحريڪ ۽ علائقائي بغاوتن ڏي منتقل ڪري ڇڏي ٿو. طبقي مان ثقافت طرف منتقلي 1960ع جي نوجوان تحريڪن ۾ عام جام وڌڻ لڳي ۽ ان ۾ گوري نسل جا وچولي طبقي جا نوجوان تعداد جي حساب سان وڌيڪ هئا. بس پوءِ اهي سرمائيداري کي غلط تقسيم ڪاري ۽ ويڳاڙي ذات تائين محدود ڪري ڏسڻ لڳا نه ڪي ان حساب سان ته اختلاف جي اصل جڙ پيداوار جا ذريعا آهن.

1960ع جي بغاوتن کي جيڪڏهن پوري طرح ڏسون ته ان جون به شڪليون سمجهه ۾ اچن ٿيون ۽ اهي مابعد جديديت جي سياست جي صورتن جو ڇڻ تعارف به ڏين ٿيون.

هڪ شڪل هي ته اتي جيڪا شاگرد تحريڪ شروع ٿي ان ۾ اڪثريت وچولي طبقي جي شاگردن جي هئي جڏهن ته پورهيت طبقو ان تحريڪ دوران خاموش ۽ غير متحرڪ رهيو. وچولي طبقي جي شاگردن جي ان اصلاح پسند سياست جي سگهاري ٿيڻ سبب مابعد جديديت جي مفڪرن ان ڳالهه کي ثبوت ڪري پيش ڪيو ته پورهيت طبقو هاڻي انقلابي نه رهيو آهي. تنهنڪري سماج جي انقلابي ڪايا پلٽ سماج جي ٻين پرتن ڏانهن منتقل ٿي وئي آهي. پورهيت طبقي خلاف ان قسم جي حقارت مابعد جديديت واري سياست جو لازمي حصو بڻجي وئي.

ان معاملي جي ٻي شڪل هيءَ هئي ته ويٽنام جنگ مخالفت کان سواءِ جنهن يقينن ماڻهن ۾ جنگ مخالف جذبا پيداڪيا، اتان جي شاگردن جو اصل مقصد ثقافتي هو مطلب ته سيڪس کان وٺي پاپ ميوزڪ تائين، نشي آور شين کان وٺي ڪپڙن پائڻ تائين، نسلي شناخت کان وٺي مذهبي فرق تائين جي آزادي سندن مطالبو هئي. انهن جي بغاوت بورجوازي سماج خلاف نه بلڪه بورجوازي فردي آزادي ڏيڻ لاءِ هئي جنهن ۾ فرد جيڪو چاهي پائي سگهي پيو جيڪو چاهي واپرائي سگهي پيو. نوجوانن جي ثقافت جا هي لاڙا توهان کي فرانس جي مابعد جديديت ۾ نظر ۾ ايندا جن کي "خواهشن جو فلسفو" (The Philosophy of Desire) چيو وڃي ٿو. مثال طور فوڪو ان کي "پنهنجي ذات جو خيال ڪرڻ" (Care of Self) چئي ٿو. ان فلسفي سان اهو ٿئي ٿو جو انسان پنهنجي اجتماعي سياسي عمل کي ڇڏي ڪري سڄو ڌيان ان تي ويهي سوچي ته هؤ پنهنجو پاڻ کي ڪيئن بهتر ڪري ٿو.

حصو ٻيو

هاڻي اسان ان تي ڳالهائينداسين ته فرانس ۾ ڪهڙي تاريخي تحريڪ هئي جنهن ذريعي 1968ع کانپوءِ مابعد جديديت پنهنجو ڏاڪو ڄمايو.؟



اسريل سرمائيداري ۾ آيل سماجي ۽ معاشي تبديلي فرانس ۾ دير سان پر ڏاڍي تيزي سان آئي. توهان ان ڳالهه کان واقف آهيو ته اوڻهين صدي جي آخر ۾ آمريڪا دنيا جو اهم ترين سرمائيدار ملڪ بڻجي اڀريو ۽ پهرين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ هي دنيا جي مالياتي طاقت طور اڳواٽي ڪرڻ لڳو. اهو ته هو آمريڪا پر فرانس ان جي ابتڙ ٻئي مهاڀاري لڙائي تائين گهڻي حد تائين زرعي سماج بڻيو رهيو. ٻيو فرق هي به هو ته فرانس ۾ ڪميونسٽ پارٽي (PCF) جي شڪل ۾ تمام وڏي پورهيت طبقي جي تحريڪ موجود هئي جيڪا ٻي مهاڀاري لڙائي کانپوءِ اچا وڏيڪ مضبوط پارٽي طور سامهون آئي ۽ ان وٽ 26

سيڪڙو ووٽ هوندا هئا. پوءِ ڇا ٿيو جو ايندڙ ٻن ڏهاڪن ۾ انهن ٻنهي حقيقتن ۾ تبديلي اچي وئي يعني فرانس نه ته زرعي سماج رهيو ۽ نه ئي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجو اثر قائم رکي سگهي. ۽ ٻيو ته جڏهن تبديلي پوري يورپ ۾ اچي وڃي ته فرانس ڪيئن بچندو.؟ اها تبديلي دراصل آمريڪا جي مارشل پلان تحت يورپ جي ملڪن کي پئسا ڏيڻ سبب شروع ٿي ۽ ٻيو ٽيڪنالاجي سبب پيداواري قوتن ۾ ايترو ته تيزيءَ سان اضافو ٿيو جيڪو يورپي سرمائيداري پهرين ڪڏهن به نه ڏٺو هو. انهن ساڳين ڏهاڪن دوران، جڏهن فرانس جي گهٽي آباديءَ کي بورجوازي رنگ ۾ رڱڻ جا بنياد وڌا پئي ويا ان وقت فرانس پنهنجي ٻن بيٺڪيتي جنگن ۾ شڪست کاڌي هئي. هڪ انڊو چائنه ۾ ۽ ٻيو الجيريا ۾ انهن جنگن ۾ سندس شڪست جو نتيجو اهو نڪتو ته ساڄي ڌر جي قومي جذبي کي حد کان وڌيڪ موٽ ملي. ان سان قومي شناخت جو سوال پڪڙيو ۽ جذبا به وڌڻ لڳا. کاٻي ڌر ڇا ڪيو جو انهن فرانس ۾ مارشل پلان جي مخالفت ڪئي ۽ اهي الجيريا تي وحشياڻي قبضي جا به مخالف هئا. جڏهن ساڄي ڌر کي مارشل پلان مان پئسا مليا ته انهن کاٻي ڌر جي ماڻهن خلاف پنهنجون ڪارروايون تيز ڪيون ۽ جنگ هارائڻ ڪانپوءِ جيڪي قوم ۽نسل پرستي جي لهر اڀري ان کاٻي ڌر کي پوئتي ڌڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

اها هئي فرانس ۾ طبقاتي جوڙ جڪ ۾ هڪ تاريخي تبديلي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته هاري جيڪي 1945ع ۾ فرانس جي اڪثريتي آبادي هئا پر 1968ع جي سڌريل ٽيڪنالاجي، ڪپت لاءِ نيون شيون، صنعتون، آمريڪا جي طرز تي شهرن جي بناوت، ڪارن جي خريداري ۽ مالڪي، ۽ اهڙي قسم جي ٻين شين جو ملڪيت ۾ اچڻ ۽ تمام جهجي انداز ۾ ثقافتي ۽ تعليمي ڪامپليڪس جي ٺهڻ فرانس جي زرعي زندگيءَ کي هڪ پيڙهيءَ ۾ ئي تبديل ڪري ڇڏيو. ان جو مثال هي آهي ته 1960ع ۽ 1968ع دوران ڪاليج جي شاگردن جو تعداد ٻن لکن کان 60 لکن تائين وڃي پهتو جنهن ۾ 40 سيڪڙو عورتون شامل هيون جن مان ڇئن مان ٽي حصا عورتون پئرس ۾رهنديون هيون. ان دؤر ۾ شاگرد تحريڪ دراصل ان خوشحالي جي تضادن سبب هئي. معاشيات اڃا وڌيڪ ترقي ڪري رهي هئي ۽ شاگردن کي بيروزگاري جو خوف نه هو. انهن جي تحريڪ چاهيو پئي ته فرسوده تعليمي نظام جي جاءِ تي

جديد تعليمي نظام اچي جنهن ۾ انهن کي پنهنجي اصل اهميت ۽ قيمت ڀڏائڻ جو موقعو ملي سگهي. تعليم ۾ اهي سڌارا جيڪي شاگردن جي بغاوتن بعد آيا حقيقت ۾ انهن فرانس جي يونيورسٽي نظام کي تبديل ڪري آمريڪي يونيورسٽي جي طرز تي تشڪيل ڏنو.

انهيءَ دؤر ۾ سرمائيداريءَ جي وڌندڙ ترقي ۽ پگهارن سبب پورهيت طبقي جي ڪجهه حلقن سياست کان ڪنارا ڪشي ڪري ڇڏي هئي. ان سبب ثقافتي فرانس ۾ پيٽي بورجوازي طبقو وڌيو ۽ اهو آسانيءَ سان آمريڪا جي ثقافت جي ور چڙهي ويو. ان کان پوءِ اهو ٿيو جو هڪ اهڙو ادبي ۽ عقلي ماحول جڙيو جنهن ۾ سرمائيداري کي هڪ سڌريل سماجي، ۽ جمهوري رياست طور ساراهيو ويو ۽ اها رياست انهن ماڻهن جي امنگن مطابق پائيداري ۽ وڌندڙ خوشحالي جي ضامن هئي جيڪي آساني سان ثقافت ۽ تعليم جي بلند ۽ اعليٰ صورتن تائين رسائي ڪري سگهندا هئا. ليوٽارڊ جيڪو فرانس جو مشهور مابعد جديديت جو پرچارڪ هو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ شين جي سهولت کي ٿورڙن لفظن ۾ هيئن بيان ڪيو ته ”کوٺ جو دور ختم ٿي چڪو آهي ۽ شين ۽ خدمتن جو دؤر اچي ويو آهي“ بس پوءِ ماڻهن لاءِ ڪلاسڪل مارڪسزم کان وڌيڪ سريئلزم پيارو ٿي ويو ۽ ثقافت انهن جو پسنديده مضمون ٿي ويو نه ڪي طبقاتي سماج. ان دؤر ۾ نئين ۽ عزت واري طبقي جا سياسي اڳواڻ پورهيت طبقي جي سُتي کان بيزار ٿي پيا. ايستائين جو مائوزم ۽ گويرا ازم سان صرف پري وارو واسطو رکيائون.

انهن سڀني شين کي سمجهندي ۽ آڏو رکندي جيڪڏهن اوهان ڏسندا ته 1960ع واري فرانس ۾ يونيورسٽي ۾ تبديلي پسند شاگرد اڳواڻ هوندا هئا انهن هر ان نظريي تي ڌيان پئي ڏنو جيڪو آمريڪا مان پئي آيو جن ۾ عمرانيات جا امير ماهر ۽ سفيد وچولي طبقي جا آمريڪن نوجوان شامل هئا. سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه ته انهن نظرين ۾ جيڪي ڳالهيون چيون پئي ويون اهي نوجوان پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هئا ۽ اهي سڀ هنن جي تجربن مان به گذريون. اهي نوجوان ويچارا ڪمپيوٽر ۽ ڪوڪا ڪولا جي زماني جي پيداوار هئا اهي ڳالهين کي ائين ئي سمجهي سگهن پيا.

اهو هو آمريڪا جي سرمائيداري جي قوت ۽ سرد جنگ جو دٻاءُ جو فرانس جي ذهين ۽ باشعور فردن هر قسم جي نظريي ۽ منڊيءَ لاءِ آمريڪا ڏانهن واجهائڻ شروع ڪيو. چاڪاڻ ته سامراجي اڳواڻ طور آمريڪا، ذهني، شعوري ۽ فني مرڪز جي سلطنت بڻجي ويو. ان ڪري فرانس جي ڏاهن جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ پچ ڊاهه ڏٺي ته انهن جو قبلو به آمريڪا بڻجي ويو. فرانس جا نوجوان فلمن ڻاهڻ ۾ آمريڪا جي ڪاپي ڪرڻ لڳا. جيڪي مشهور فلاسفر ۽ عمرانيات جا ماهر هئا انهن ڊينيل بيل کي پنهنجو ابو بڻايو ۽ هن جي خيالن کي پڪيڙيو. اهو هو اُهو ماحول جنهن مان فرانس جي مابعد جديدت ڦٽي جنهن جي پهرين طاقتور لهر آمريڪا وٽ هئي ۽ نوان ڪپڙا پائي فرانس اچي پهتي.



1968ع کان پوءِ ۽ ان دوران فرانس کي جيڪي لوڏا آيا انهن جي تاريخ وري لبرل دانشورن ۽ مابعد جديدت جي مفڪرن لکي. انهن ليڪن پنهنجو سارو ڌيان صرف شاگردن جي بغاوت تي ڏنو. حقيقت هي آهي ته 1968ع جو سال يورپ جي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏي هڙتال جو سال آهي ۽ پورهيت بغاوت به ان عام هڙتال جو اهم حصو هئي. ان تاريخي هڙتال جي نتيجي ۾، صدر ڊيگال نيٽو جي فوج کي گهرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪاپي ڏر جون به پارٽيون PCF ۽ CGT اهو ڄاڻن پيون ته آمريڪا اهو ڪڏهن به نه چاهيندو ته هڪ ته يورپ ۾ ۽ ٻيو وري فرانس ۾ انقلاب اچي. ان ڪري ڪوڙ سارن انقلابين کي خبر هئي ته انهن کي سخت قسم جي مداخلت کي منهن ڏيڻو پوندو ان ڪري انهن آهستي آهستي ۽ منظم انداز سان پورهيت عوام کي پوئتي ڌڪڻ شروع ڪيو. ۽ پوءِ جلدي اها تحريڪ مائوازم، جنسي انقلاب، آمريڪا جي عمرانيات ۽ مختلف ٻين نظرين جو چرٻو بڻجي وئي ۽ باهه فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ اتان جي پورهيت عوام منجهان ڪڍي وئي ته انهن انقلاب سان غداري ڪئي آهي. ڪون

بينڊٽ (Cohn-Bendit) جيڪو اهم شاگرد اڳواڻ هو ان هڪ سڌي ڳالهه ڪئي ته ”11 مئي تي ماڻهو پيا چاهن ته انهن جو رياست سان ڪو جهيڙو يا ٽڪراءُ ٿي“. اهڙي ٽڪراءُ نه ڪرڻ پنيان خيال هي هو ته پهرين Sorbonne جي حدن ۾ هڪ وڏي پارٽي هجي ته پوءِ رڪاوٽون پاڻ ئي ختم ٿي وينديون.

*

مابعد جديديت جي باري ۾ پهرين سوچ جيڪا مون کي حيران ڪري ٿي سا هي آهي ته هي فلسفو چين ۽ هندستان جهڙن ملڪن ۾ مشهور ٿيو. ڇاڪاڻ ته ان فلسفي ۾ جيڪي به خيال آهن اهي ته اسريل ۽ ترقي يافته سرمائيداري جي باري ۾ چيل آهن جيڪا سرمائيداري اسان کي يورپ جي ملڪن ۾ ملندي. هاڻي اهڙي فلسفي کي جڏهن توهان هندستان مان بيهي ڏسندا ته پتو پوندو ته مابعد جديديت جو فسلفو اهڙي سماج تي لاڳو ڪرڻ جيڪو جديديت جي حساب سان اوڻويهين صديءَ جي انگلينڊ، فرانس ۽ جرمنيءَ جهڙو به نه آهي ته پوءِ اهو يقينن اسان سان پوڳ هوندو. ظاهر آهي ته جيڪو فلسفو ڪارخانيداري ڪان پوءِ واري دؤر جو آهي ان کي اسان هندستان جهڙي زرعي سماج ۾ ڪيئن لاهينداسين؟

مابعد جديديت جو ٻيو اهم اصول هي آهي ته ان ۾ صنعتي مزدورن جو طبقو گهٽجي ويندو. ان ٻئي اهم اصول کي به توهان هندستان ۽ چين تي لاڳو نه ٿا ڪري سگهو ڇاڪاڻ ته ويجهڙائي ۾ چين ۾ ٿيل تڪڙي صنعتڪاري سبب ڪوڙ سارو مزدور طبقو گهٽ ٿيڻ جي ابتڙ وڌيو آهي. مزدورن جو اهڙو تعداد جيڪو توهان کي يورپ واري صنعتي انقلاب ۾ به ڪونه ملندو ۽ چين ۾ اهو ٽن ڏهاڪن ۾ وڌيو آهي. اوپر ڏڪڻ ۽ ايشيا جا ملڪ، ان کان علاوه هندستان، برازيل ۽ ارجنٽينا آبادي جي لحاظ کان ايترا ته مزدور پيدا ڪيا آهن جيڪي پوري تاريخ ۾ يورپ به پيدا نه ڪيا هوندا. پورهيتن جي تعداد ۾ اهڙي واڌ اڌ صديءَ کان جاري آهي. پر تنهن هوندي به مابعد جديدت جو فلسفو يونيورسٽين جي اعليٰ علمن ۾ رکيو ويو آهي.

جيستائين خوشحالي ۽ گهرن جي مالڪي جي سوال آهي جيڪو سرمائيداري اولهه ۾ ته ڏنو پر آمريڪا ۽ يورپ کان ٻاهر ڪوڙ سارا اهڙا ملڪ آهن جن اهڙي قسم جي خوشحالي ۽ عياشي

جو ڪڏهن تجربو به نه ڪيو آهي. ۽ پيو ته ان قسم جي خوشحالي جنهن ۾ پورهيت طبقو گهرن جو مالڪ بڻجي ٿو اها يورپ ۾ پڻ ختم ٿي رهي آهي.

جيڪڏهن ڪنهن سماج کي "خرچ ڪندڙ سماج" ۽ "امير سماج" بڻائڻ لاءِ قرض ڏيڻ ئي واحد رستو آهي ته پوءِ رياست يا بئنڪن طرفان ڏنل قرضن کي اسان پنهنجي اک ۾ رکندا پيا اچون.

اسان هتي ان اڻ ٿيڻي خيال ته آمريڪا مان سرمائيداري طبقو ختم ٿي ويندو ان کي نظر انداز ڪيون ٿا. پر اچو ته ان جي ضد ۾ بيئل پورهيت طبقي جي باري ۾ ڪجهه ڳالهايون. مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو ته اڌ صديءَ کان ٿين دنيا ۾ پورهيت طبقو گهٽي نه بلڪه وڌي رهيو آهي. ان کان علاوه جيڪڏهن آمريڪا ۾ پورهيت طبقو گهٽ ٿيو آهي ته ان جو مطلب هي آهي ته آمريڪا جي پيداواري معيشت به گهٽ ٿي آهي. ۽ اها گهٽتائي ثابت ڪري رهي آهي ته آمريڪا ۾ اصل خوشحالي نه بلڪه اها خوشحالي هاڻي آمريڪا جي بحثيت معاشي طاقت طور ڪمزور ٿيڻ جو سبب بڻي آهي. پر جرمني سان آمريڪا وارو اهو مسئلو نه آهي چاڪاڻ ته جرمني جي طاقتور معيشت ۾ پورهيت طبقو اڃا تائين ساڳو وزن رکي ٿو. ٻئي طريقي سان، جڏهن 1970ع ۾ اها ڳالهه عام جام هئي ته پورهيت طبقو ختم ٿي رهيو آهي، هيري بريورمين (Harry Braverman) پنهنجي بهترين ڪتاب (Labour and monopoly capital) ۾ اها ڳالهه واضح رکي هئي ته آمريڪا جي 90 سيڪڙو آبادي وٽ ڪابه اهڙي ملڪيت نه آهي جنهن جي مدد سان هو پنهنجي لاءِ وڏيڪ ملڪيت ٺاهي سگهن. اهي سڀ ماهوار پگهار تي يا ڏهاڙين تي ياڙيندڙ آهن. ان دؤر ۾ بحران سبب نوڪريون گهٽجي ويون هيون ۽ ڪوڙ سارو پورهيت طبقو ظاهر ٿي پيو هو.

ڪميونسٽن ڪڏهن به ائين نه مڃيو آهي ته صرف ڪارخانيدار پورهيت ئي آبادي جو گهڻو حصو ٿيندو ۽ صرف اهو ئي انقلابي تبديلي جو مرڪزي طبقو هوندو نه ئي ڪميونسٽن اها دعوا ڪئي آهي ته پورهيت طبقو صرف ۽ صرف فيڪٽرين ۾ آهي. ڪميونسٽن اهو سمجهيو آهي ته پورهيت طبقو ڪنهن به انقلابي تحريڪ جو مرڪز ضرور هوندو جيڪو لازماً پنهنجو پاڻ کي ٻين استحصال ٿيندڙ طبقن جهڙوڪ هاري، ڳوٺن جا مزدور ۽ ٻين مختلف ادارن ۾ ڪم ڪندڙ فرد به پورهيت عوام سان

جوڙيندو. اهي سڀ مظلوم پرت گڏجي انقلاب آڻيندا. مابعد جديديت وارن جو اهو خيال ته هاڻي ڪميونزم فرسوده بڻجي ويو آهي ڇاڪاڻ ته فيڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ مزدور طبقو اقليت بڻجي ويو آهي، هڪ اهڙي سوچ تي تنقيد آهي جيڪا سوچ ڪميونسٽن جي آهي ئي ڪونه!

تنهنڪري، اسان اهو چئي سگهون ٿا ته جيستائين مابعد جديديت وارن مفڪرن جو سماجي ۽ معاشي نظريي جي ڇيد ڪرڻ جو تعلق آهي ته اسان انهن جي اهڙي نظريي کي اولهه جي هڪ خاص دؤر جو عڪس سمجهون ٿا جڏهن آمريڪا وٽ خوشحالي ۽ پئسو هو. ويچارن جديديت جي مفڪرن کان اها غلطي ٿي وئي ته انهن اهڙي خوشحال دؤر کي دائمي سمجهي ورتو.۽ ٻيو ته هي مابعد جديت واري سوچ خود ان طبقي جو عڪس آهي جيڪو سرمائيداري جي سونهري دؤر (1973 to 1995) دوران پيدا ٿيو. وڏيڪ ته ان ساڳي طبقي کي بحرانن جي طاقتن ۾ به گهڻو ڪجهه ملندو رهيو خاص طور تي جڏهن 1973ع ڪانپوءِ انهن (recession) جو رواج وڌو ٻيو وڌيڪ اهو آهي ته ان نظريي کي جن مفڪرن وڌايو اهي ٽئين دنيا جا هئا پر انهن آمريڪا جي وڏن تعليمي ادارن ۾ سرمائيداريءَ جو علم پڙهيو. مابعد جديدت جو اهو نظريو جيڪو صرف ۽ صرف اولهه جي لاءِ آهي ان کي ڪائناتي ڪري پيش ڪيو ويو بلڪل ائين ته جهڙيون حالتون اولهه ۾ موجود هيون اهي ساڳيون حالتون سڄي دنيا ۾ موجود هجن.

آخر ۾ مابعد جديت جيڪا آمريڪا جي آهي ۽ جيڪا مابعد جديت فرانس جي آهي ان ۾ بنيادي فرق آهي. آمريڪا وارا مابعد جديديت جا ليڪ اڳوڻا ٽراٽسڪي ۽ اڳوڻا ڪميونسٽ هئا. پر توهان ڄاڻو ٿا ته آمريڪا ۾ ڪميونسٽ سوچ واري طاقتور تحريڪ نه رهي آهي. باقي آزاد خياليءَ جو فلسفو ته قتل ئي اتان جو آهي. تنهنڪري امريڪا جي مابعد جديديت جي مفڪرن کي پنهنجي آزاد خياليءَ جي ثقافت کي اڳتي وڌائيندي کا ڏکيائي پيش ڪونه آئي سوانهن سرمائيداري ۽ بورجوا طبقي جا راڳ الاپڻ شروع ڪيا. باقي فرانس جا مابعد جديديت وارا مختلف هئا ڇاڪاڻ ته فرانس ۾ طاقتور ڪميونسٽ تحريڪ رهي هئي ۽ اتي مارڪسزم جو نظريو مشهور هو. فرانس جي مابعد جديديت جي

ليڪن دعويٰ ڪئي ته 1968ع ۾ جيڪا نواڻ شروع ٿي آهي ان جا اڏيندڙ هُو پاڻ آهن. مابعد جديديات جي مفڪر ڪرسٽو (Karistva) مائوسٽ هئي. پر هو جلد ئي نيو لبرلزم طرف هلي وئي (شايد ان ڪري جو هو اصل ۾ فرانس جي نه هئي بلڪه روس سان تعلق رکندي هئي) لوٽارڊ به تعصبي ڪاٻي ڌر مان هو. هي ٽراٽسڪي گهٽ ڪزمبرگ وارن مان وڌيڪ هو مطلب ته هي ساڄي ڌر سان تعلق رکندو هو. فوڪَوُ جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ڪميونسٽ پارٽي فرانس سان تمام گهٽو ويجهو هو. ممڪن آهي ته هي انهن جو ڪارڪن هجي. دريدا (Derida) چيو ته هن جي ڊيڪنسٽرڪشن واري منفرد فلاسفي پيو ڪجهه نه بلڪه مارڪسزم جو ئي وڌاءُ آهي. هن مارڪس جي تعريف ۾ ڪتاب "مارڪس جي اهڙي تشريح جنهن سان مارڪسٽ متفق نه ٿيندا" لکيو. هاڻي چاڪاڻ ته فرانس جا ليڪ لبرلزم ڪان نفرت ڪندا هئا تنهنڪري انهن پنهنجا خيال انارڪزم مان ڪنيا ۽ پوءِ دعويٰ ڪرڻ لڳا ته انهن جو فلسفو مارڪسزم ڪان به وڌيڪ انقلابي آهي. عام طور تي هندستان يا پوري دنيا ۾ اهو خيال ته مارڪسزم هاڻي انقلابي نه رهيو آهي تنهنڪري سماجي تبديلي لاءِ نئين قسم جي سياست ڪرڻ گهرجي، فرانس جي مابعد جديديت جي مفڪرن جي ٿورن سان پکڙيو.

(4)

هاڻي اچو ته ڪجهه مخصوص خيالن طرف هلون جيڪي خاص طور پيدا ته فرانس ۾ ٿيا پر انهن جو تعلق آمريڪا ۾ ٿيندڙ سڌارن سان به آهي. مختصر ۽ جامع ٿيڻ لاءِ فرانس جي ٽن مشهور مابعد جديديت جي لکڪن ليوٽارڊ، فوڪَوُ ۽ ڊريدا تائين پاڻ کي محدود رکندس.


ليوٽارڊ

سڀ ڪان پهرين لوٽارڊ تي ڳالهايون ٿا. هي سڀني جو نمائندو آهي. ۽ پيو ته هن جون لکٽيون انهن سڀني اهم نظرين تي آهن جيڪي اڄ جي مابعد جديديت سان ملندڙ جلندڙ آهن ۽ مارڪسزم مخالف آهن. هي پنهنجي ڪتاب "The postmodern conditions" جي تعارف ۾ لکي ٿو ته مابعد

جديديت در حقيقت روشن خيالي (Enlightenment) جي ٽن بنيادي نظرين جي خلاف آهي. هڪ آهي هيگل واري جدليات، ٻئي آهي ديڪارٽ ۽ ڪانٽ وارو عقل (Reason) ۽ ٽيون آهي مارڪس جو اهو خيال ته سياسي معاشيات سڀني سماجي ادارن جي ريڙهه جي هڏي آهي. اڳتي هلي لوٽارڊ، ڪانت جي ان خيال ته هڪ ڏينهن انسانيت پنهنجي عقل ذريعي پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪندي يعني اُميديت (Optimism) ۽ پيو مارڪس جو اهو خيال ته پورهيت طبقو پنهنجي انقلابي عمل سان دنيا کي آزادي ڏياريندو انهن ٻنهي نظرين کي رد ڪري ٿو.

اڳتي هلي ڪتاب ۾ هي مابعد جديديت جي ذريعي روشن خيالي واري تحريڪ جي خيالن تي وري غور ڪرڻ تي زور ڀري ٿو ۽ ساڳي ڳالهه هي تاريخ واحد جو خاتمو "unitary end of history" ۽ ان جي فاعل "Subject" لاءِ به ڪري ٿو. "تاريخ واحد جي خاتمي" مان هيگل جي هي خيال تي تاريخ جو اصل ڪم ڪائناتي آزادي ڏيڻ آهي ۽ مارڪس جو هي خيال ته جڏهن انسان جي پراڻي تاريخ جو خاتمو ايندو ته حقيقي تاريخ شروع ٿيندي اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن سرمائيداري جي جاءِ سوشلزم يا ڪميونزم وٺندو. باقعي فاعل "Subject" مان هن جي مراد مارڪس جو اهو بنيادي خيال آهي ته طبقاتي جدوجهد تاريخ جي ارادي قوت آهي. ۽ پورهيت طبقو (تاريخ جو فاعل) انقلابي تبديلي لاءِ مرڪزي طبقو آهي. ساڳي طرح اڳتي هلي لوٽارڊ مارڪس جي ان خيال کي به رد ڪري ٿو ته ڪنهن به سرمائيداري سماج جي بيهڪ ۾ حاڪم طبقو صرف ئي صرف سرمائيدار طبقو هوندو آهي. ان بجاءِ لوٽارڊ ڪجهه هيئن سوچي ٿو.

"حڪومت ڪندڙ طبقو صرف فيصلا ڪندڙ هوندو آهي. هي فيصلا اڄ به ڪري ٿو ۽ ايندڙ مستقبل ۾ به ڪندو رهندو. ايتري تائين جو حاڪم طبقو هاڻي رواجي سياسي طبقو به ناهي رهيو پر اهو مختلف تهن ۾ ورهايل آهي جهڙوڪ گڏيل ڪمپنين جا اڳواڻ، وڏي ليول وارا عملدار، حڪومتي ادارن جا اڳواڻ، مزدور، سياسي ۽ مذهبي جماعتون شامل آهن.

قوت جا پاسا جن جي نمائندگي قومي رياست، پارٽيون، ادارا يا رواجي طرز جي سياست هاڻي پنهنجا اثر ختم ڪري رهيا آهن."

لوٽارڊ مٿين وصف آمريڪا جي "1950" واري سياسي

سماجيات مان ڪنئي آهي. ان ڪانپوءِ ساڳي وصف ۾ هي پنهنجو خيال به وجهي ٿو ته قومي رياستون ۽ سياسي تنظيمون پنهنجو جيڪو اثر وڃائي رهيون آهن ان جو سبب مابعد جديديت جي سياست آهي. ۽ اهو (مابعد جديديت جي سياست) هڪ اهڙو خيال آهي جيڪو ايندڙ سالن ۾ پوري دنيا ۾ پکڙجي ويندو. اڄ اسان جڏهن اين، جي، اوز دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيندي ڏٺيون آهن ۽ نام نهاد سماجي تحريڪون ۽ مختلف قسمن جون جيڪي شناخت واري سياست آهي لوٿارڊ جي ان خيال جي ئي عڪاسي آهي.

لوٿارڊ 1979ع ۾ پنهنجو مشهور ڪتاب، پنڪوٽ (Pinchet) ۽ مارگريٽ ٿيچر جي چلي ۽ برطانيه ۾ نيولبرل پاليسين (آزاد منڊي) شروع ٿيڻ ڪانپوءِ بلڪل ان وقت جڏهن ڊينگ (Deng) چين ۾ پنهنجا اصلاح شروع ڪرڻ وڃي رهيو هو ۽ ريگن (Regan) جي آمريڪا جي صدر ٿيڻ کان هڪ سال پهرين ۽ فرانس ۾ مٽرينڊ (Mitterand) جو فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي کان الڳ ٿي اليڪشن کٽڻ ڪانپوءِ ڇاپيو. فرانس مٽرينڊ ٽرينڊ آمريڪا جي ريگن جو ويجهو ساٿي هو. هيٺ ڏنل لفطن مان اوهان لوٿارڊ جو آزاد منڊين لاءِ پيدا ٿيندڙ جوش ۽ شوق ڏسي سگهو ٿو. ”دنيا جي منڊين جو وري کلڻ، طاقتور معاشي مقابلي ڏانهن واپسي، آمريڪا جي سرمائيداري جي هڪ هٽي جو پڇڻ، سوشلسٽ ملڪن جو گهٽ ٿيڻ، چين جي منڊيءَ جو دنيا لاءِ ممڪنه کلڻ، اهڙا ۽ ان جهڙا ڪوڙ سارا عمل 1970ع جي آخر ۾ رياستن کي تيار ڪري رهيا آهن ته اهي پنهنجو ڪردار نڀائڻ شروع ڪن اهو ڪردار جيڪو اهي 1930ع ۾ نڀائيندا هئا ۽ اهو آهي سرمائي جي منصوبا بندي ۽ ان جو استعمال.

پر ان کان به وڌيڪ واضح لفظ لوٿارڊ هيئن لکي ٿو.

”بي مهاباري لڙائي ڪانپوءِ وڌندڙ انساني ترڪيبون ۽ اسرندڙ ٽيڪنالاجي آزاد منڊي واري سرمائيداري جي نئين سر واپسي ڇئي سگهجي ٿي. آزادي منڊي اها واپسي پنهنجي دفاعي ٿيوري ڪنسينزم ”Keynesianism“ تحت ڪئي جيڪا 1930ع کان 1960ع تائين جاري رهي. اها هڪ اهڙي ڪامياب واپسي (Renewal) هئي جنهن سوشلزم ۽ ڪميونزم کي نعم البدل کي طور ختم ڪري شين ۽ خدمتن جي فردي تسڪين کي همٿايو.“ مٿئين ٽڪري ۾ ڪامياب واپسي (Renewal) جو لفظ اهم آهي. جديد لبرل سرمائيداري ڪينيشن قانون لاڳو ڪرڻ جي ڏهاڪن ڪانپوءِ دراصل سرمائيداريءَ جي

ڪامياب واپسي آهي. جنهن اشتراڪيت (Communism) جي نعم العبدل ڪي ختم ڪيو. تمام نئين فرانس جي فلسفي مابعد جديديت سان ليس لوٽارڊ لبرل مفڪر آهي جنهن نيو لبرل دؤر جو صبح ڏٺو ايتري تائين جو ريگن جي اچڻ کان اڳ هي ان علم ۾ اڳيان اڳيان هو. (5)

فوڪَوُ تي مان مختصر لکندس، هي ٿورو وڌيڪ فلسفي تاريخدان آهي ۽ عملي سياست کان پري رهيو آهي. لوٽارڊ وانگي فوڪَوُ به مارڪس جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي پر هي گهڻو لبرل مفڪر نه آهي. مارڪسزم ڏانهن هن جي مخالفت کي به مختصراً رکي سگهجي ٿو.



مشيل فوڪؤ

هي مارڪسزم سان مخالفت هيئين ڪري ٿو.

تاريخ جي ڪابه ڳالهه، سياسي معاشيات ۽ رياست جي صرف ۽ پن جي بنياد تي نٿي ڪري سگهجي. ان مان فوڪَوُ جو مطلب ڇا آهي؟

پهريون مطلب هي ته. طبقا ڪنهن به سماج جا بنيادي يونٽ نه هوندا آهن. سماج ۾ موجود ٻيون طاقتون ۽ معاشي طاقت ساڳي ڳالهه آهي. رياست ٻين سماجي ڪردارن وانگر بس هڪ ڪردار آهي. هڪ قسم جي رياست (جهڙوڪ سرمائيداري رياست) کي ختم ڪرڻ ۽ ان جي جاءِ تي ٻي رياست (جهڙوڪ پورهيت رياست) رکڻ ڪا الڳ يا مختلف ڳالهه نه آهي. بس هڪ طاقت کي هٽائي ان جي جاءِ تي ٻي طاقت کي رکڻو آهي. باقي رهيو سماج ته اهو ڪوڙ سارين طاقتن ۽ مونجهارن جو مجموعو آهي. مثلن، خاندان، جيل، اسڪول، ميڊيڪل ادارا، ٽيڪنالاجي وغيره وغيره. هاڻي اسان کي طاقت جي مختلف ادارن کي مختلف طريقن سان منهن ڏيڻ گهرجي نه ڪا طبقاتي جدوجهد هلائي انهن کي ڊاهجي.

اهڙا خيال اسان کي تنگ قسم جي سياست ڪرڻ جي اجازت ڏئي سگهن ٿا. فوڪَوُ جي ڪوڙ سارن سياسي خيالن مان هڪ اهم خيال هي آهي ته اسان مان ڪير به ڪنهنجي طاقت يا زبردستيءَ

جي بنياد تي نمائندگي نه ڪري. اسان بس ايترو ڪري سگھون ٿا ته پنهنجي سماج جي ماڻهن ۾ ايتري قوت وڌايون ته جيئن اهي پنهنجي نمائندگي پاڻ ڪري سگهن. بقول فوڪوَ توهان ڪي ائين ڪرڻ لاءِ ننڍڙي سطح تي سياست (Micro Politics) ڪرڻ جي ضرورت آهي جيڪا مخصوص وقت تائين پنهنجي علائقي لاءِ هجي. توهان انهن جي هر قسم جي ضرورت ۾ مدد ضرور ڪيو پر توهان ڪي يقين هئڻ گهرجي ته توهان انهن جي نمائندگي نه ڪري رهيا آهيو. نمائندگي جي اصل صورت هي آهي ته فرد پنهنجي نمائندگي پاڻ ڪرڻ جي لائق بڻجي وڃي.

فوڪوَ جي ننڍڙي سطح ۽ علاقائي مسئلن تي سياست ڪرڻ ۽ اها به ماڻهن ڪي بغير سياسي طور منظم ڪري انهن ڪي قوت ڏيڻ واري سياست مان مراد اهڙي سياست ڪي اڳتي آڻڻ آهي جيڪا اڄ ڪلهه ڪئي پئي وڃي. ان جو وڏو مثال اين، جي، اوز ۽ نام نهاد سماجي تحريڪون آهن. فوڪوَ جي ان خيال ته (الف) هر سماج ڪوڙ سارن طاقتن جي مرڪزن ۽ ڪوڙ سارن ادارن جو ٺهيل آهي تنهنڪري (ب) جنهن شيءَ جي ضرورت آهي اها منظم سياسي تنظيم نه بلڪه جيڪڏهن قوتن جي ادارن جي گهٽائي آهي ته انهن جي خلاف آواز به گهٽا اٿڻ گهرجن. مختلف قوتون بنجي پنهنجو آواز اٿارڻ ئي مابعد جديديت جي سياست آهي جيڪا اهڙي جديد دؤر ۾ شناخت واري سياست جي صورت ۾ اڀري آهي. ان قسم جي سياست جا پوءِ ڪيترائي خطرناڪ مطالبا چو نه هجن اهڙي قسم جي سياست آمريڪي ۽ برطانوي سياسي پنڊتن لاءِ قابل قبول آهي ڇاڪاڻ ته اهڙي سياست ۾ انهن جي سرمائيداراڻي طاقت محفوظ هوندي آهي. اهڙي سياست ۾ مختلف گروهه جيڪڏهن ٿوري طاقت گهرن ٿا ته اهو ڪو سرمائيدارن لاءِ وڏو مسئلو نه آهي، پر جيڪڏهن هڪ منظم سياسي تنظيم جڏهن انهن ڪان طاقت ڦريندي ته اهو قابل قبول ڪيئن ٿيندو؟ وڌيڪ ڏسجي ته شناخت واري سياست طبقاتي جدوجهد خلاف هڪ مؤثر هٿيار آهي. اهڙا معاشرا جتي مختلف قومن جا ماڻهو لڏي اچي رهن جهڙوڪ آمريڪا جتان جي آبادي مختلف قومن ۽ گروهن ۾ ورهايل آهي جن جي رهڻي ڪهڻي، مذهب ۽ ثقافت الڳ آهي اتي شناخت واري سياست اڀارڻ سرمائيداري لاءِ ضروري ٿي پوندو آهي. اها ڳالهه مائيڪ ديوس

"Mike Davis" پنهنجي ڪوڙ سارن پيپرن ۾ ڪئي آهي. خاص طور تي 1960ع جي آخر ۾ ان قسم جي نسلي سياست، رياست جي پاليسي بڻجي وئي. ان جو مثال آهي ته جڏهن آمريڪا ۽ ڪينڊا ۾ گهڻ ثقافتي "Multi culturesim" ۽ انگلينڊ ۾ نسلي تعلق "Race relations" جهڙا نعرا ۽ لفظ نڪتا. ياد رهي ته هي لفظ فرانس جي مابعد جديديت مان ڪنيا ويا هئا. آمريڪا ۽ برطانيه جي انگريزن جو اهو چالاڪ منصوبو ان ڪانپوءِ هندستان آندو ويو جنهن تي مهر مابعد جديديت جي علم جي هئي. ايستائين جو هندستان ڪي نسليت "Ethnicity" جو تحفو به فورڊ فائوڊيشن ۽ ان طرفان نوازيل مفڪرن، ادارن، سيمينارن ۽ لکڻين ڏنو نه ته 1970ع تائين هندستان جي ڪنهن به سماجي سائنٽسٽ ان لفظ کي مشڪل سان استعمال ڪيو هو.

(6)

هاڻي اچو ٿا ٽيئن مفڪر دريدا تي جنهن جو معاملو ڪافي منجهيل آهي. لوٽارڊ جي پيٺ ۾ هن پنهنجو تعلق مارڪسزم کان مڪمل طور ڪونه ڪٽيو ۽ فوڪوُ جي مقابلي ۾ هن اها ڳالهه واضح رکي ته هن جو تعلق مارڪسزم جي هڪ خاص پاسي سان بلڪل پڪو آهي. پر مسئلو تڏهن اڀري ٿو جڏهن هي ان يقيني پاسي (Certain spirit) کي پنهنجي رجحانن مطابق جانچڻ لڳي ٿو ۽ جهڙي قسم جي سياست ان پاسي مان ڳولي لهي ٿو هي همراهه پنهنجي نظريي (deconstruction) جي دعويٰ ڪري ٿو اهو چوندي ته (Deconstruction) دراصل مارڪسزم جي نئي شڪل آهي. دريدا جي اها ڳالهه يقيناً وڏو وڏاءُ آهي ڇاڪاڻ ته (Decontruction) جو مطلب آهي ته ادبي ۽ فلسفي لکڻين کي پڙهڻ ۽ انهن جو چيد ڪرڻ پر جڏهن اسان مارڪسزم کي پڙهنداسين ته خبر پوندي ته مارڪسزم صرف پڙهڻ جو نالو نه بلڪه اهو سرمائيداري پيداواري طريقن تي مختلف پاسن کان ڪيل تنقيد آهي. ۽ هڪ اهڙي


دريدا

سياسي سائنس به آهي جيڪا پڌائي ٿي ته سرمائيداري جي اهڙن پيداوري طريقن تي قابض ٿي انهن کي سوشلزم ۽ ڪميونزم جي پيداواري طريقن ۾ تبديل ڪيئن ڪجي. پنهنجي دعويٰ کي اڳتي وڌائيندي مان اهو چوندس ته جيڪڏهن دريدا کي مارڪسزم ۾ جدت ۽ اضافي ڪرڻ جو فڪر هو ته پوءِ ان جو ڪو سياسي دعويٰ هجڻ گهرجي چاڪاڻ ته مارڪسزم صرف پڙهڻ لاءِ نه بلڪه سياسي عمل ڪرڻ لاءِ به آهي.

هاڻي چئي سگهجي ٿو ته دريدا نيولبرلزم ۽ ڪميونزم تي تنقيدي آهي. هي فوڪوٌ جيان سياسي پارٽين ۽ ادارن جو مخالف آهي ۽ لوٿارڊ وانگر عقل ۽ طبقاتي جدوجهد جي به خلاف آهي. دريدا مارڪس تي مشهور ڪتاب ڇاپيو جنهن ۾ هن ڪميونسٽ انقلاب جي تاريخ ۽ تنظيمن کي رد ڪيو. هي نئين انٽرنيشنل (New International) جوڙڻ جي حد تائين به ويو ۽ پنهنجي نئين انٽرنيشنل جاخدوخال ڪجهه هيئن پڌايائين ”نئين انٽرنيشنل بغير عنوان، بغير نالي، بغير پارٽي، بغير ملڪ، بغير ڪنهن قومي اداري، بغير شهرين جي سهڪار جي هوندي. هي ڪا راز واري شي نه آهي تنهن هوندي به سپني لاءِ نه هوندي. هي هڪ اهڙو اتحاد هوندو جنهن ۾ ڪنهن اداري جي به ضرورت نه هوندي. ان جو مقصد پنهنجو پاڻ کي نئين حقيقي ۽ سچي طريقي سان هڪ ٻئي جو ساٿي ٿيڻو پوندو. هي اتحاد نه ڪنهن پارٽي جو هوندو نه ئي ڪنهن پورهيت بين الاقواميت جو... پر هي اتحاد بين الاقوامي قانون، ملڪ ۽ قومن جي نظرين وغيره تي تنقيدي هوندو. دريدا نئين بين الاقواميت جو لفظ ڇاڻي ٻجهي استعمال ڪيو آهي ته جيئن نئين بين القواميت ۾ تضاد اچي. ٻيو مامرو اهو آهي ته هي ٻين ۽ چوٿين انٽرنيشنل کي به رد ڪري ٿو ۽ پنهنجي بحث دوران هي بار بار مارڪس جو نالو وٺي ٿو ۽ مارڪس جي نالي وٺڻ مان مراد هر ان شيءَ کي رد ڪرڻ آهي جيڪا مارڪس پاڻ سيکاري ۽ پاڻ ان تي عمل به ڪيو. نظرياتي طور ته ڏسجي ته دريدا انارڪزم جي ويجهو بيٺل آهي ۽ عملي طور تي مارڪسزم مخالف آهي اهڙي مخالفت جيڪا اسان انٽرنيٽ تي ڏسندا آهيون يا علاقائي طور تي ننڍڙي سياست ڪندڙن جي واتان ٻڌندا آهيون يا وڏيون سماجي تحريڪون، انهن جون شاخون، يا ٻيا نيٽ ورڪ يا فرد جيڪي آءِ، ايم ايف، جي خلاف احتجاج ڪندا آهن. جيڪڏهن

توهان ورلڊ سوشل فورم (World Social forum) تي غور ڪندا ته اهو بلڪل دريدا جي نئين بين الاقواميت جي نظريي مطابق آهي. سپني نيٽ ورڪ جو هڪ نيٽ ورڪ، سياست جو هڪ اهڙو ميلو جيڪو بغير ڪنهن سياسي پروگرام جي آهي.

(7)

هاڻي نتيجو هي آهي ته مابعد جديديت ڪوڙ سارن پاسن ۾ ورهايل آهي. ان نظريي ۾ ڪو تسلسل نه آهي. پر پوءِ به هيٺان ڪجهه پاسا آهن جيڪي ان نظريي کي الڳ ڪري بيهارن ٿا.

مابعد جديديت جيڪو ڪجهه پڌائي ٿو اهو اولهه جي ترقي يافته ملڪن لاءِ آهي ۽ انهن جي سماجي حالتن جي عڪاسي آهي. اولهه جي دنيا تي مرڪوز هي نظريو پنهنجي معاشي تجزيي ۾ پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو. اهو وڌيڪ واضح ٿي ويندو جيڪڏهن اسان ان جي فلسفي واري پاسي تي نظر ثاني ڪيون پر اسان گنجائش جي حساب سان شروع ۾ چئي آيا آهيون ته اسان اهو ڪري نه سگهنداسين. ان جو بحرحال فلاسيفيڪل پاسو ديڪارٽ جي عقليت پسندي تي ٻڌل آهي ۽ جديد يورپ جي فلاسفي آهي. سياست جي حساب کان، مابعد جديديت جو مقصد مختلف طريقن سان پنهنجو پاڻ کي مارڪسزم ۽ ڪميونسٽ سياست کان پري ڪرڻ آهي. آمريڪا ۾ ان فلسفي جي مختلف هجڻ جو سبب آزاد خيالي ۽ انفراديت آهي جيڪا شروع کان آمريڪا ۾ موجود آهي. فرانس ۾ تمام ٿورا مابعد جديديت جا مفڪر خاص طور تي ڪرشوف ۽ لوٿارڊ آهن جيڪي آمريڪا جي نظريي طرف مائل آهن باقي اڪثريت اهڙن جي آهي جيڪي مختلف سطح تي ڪلاسيڪل انارڪزم جي دائرن ۾ ڦرندا رهن ٿا. اهو نه وسارڻ گهرجي ته مارڪس جي پنهنجي دؤر ۾ انارڪزم ئي مارڪسزم سان مد مقابل هو جيڪو 1930ع ۾ اسپين جي گهرو ويڙهه تائين جاري رهيو. تنهن ڪري اهو سمجهه ۾ اچڻ جي لائق آهي ته ڪوڙ سارا مارڪسي دانشور جڏهن ڪميونزم تان هٿ ڪڻي ويا ته انهن پنهنجو پاڻ کي انارڪزم ۾ اظهاريو. ان ڳالهه جو بهترين مثال نوم چومسڪي (اڄ جي دؤر جو بهترين ايناركسٽ) آمريڪا ۽ ٻئي دنيا لاءِ موجود آهي. مابعد جديديت مان جيڪي تمام اهم نتيجا اسان کي مليا آهن ته اهي هي آهن ته سياست ننڍن ننڍن ذرن ۾ ورهائجي وئي اهي. طبقاتي سياست جي جاءِ

ثقافت واري سياست ولاري آهي ۽ برابري (Equality) واري سياست تي شناخت واري سياست جو قبضو ٿي ويو آهي. جيڪو استحصال ٿيل ۽ لٽيل طبقو آهي ان جي ايڪي جي جاءِ ڪوڙ سارن ننڍن ننڍن ظلم مخالف آوازن ورتي آهي. نتيجو اهو نڪتو ته عموماً ڏٺو وڃي ته توهان کي مزاحمت هر هنڌ نظر ايندي ۽ حصو وٺي ڏسو ته توهان کي مزاحمت نظر ئي نه ايندي. اسان شروع ۾ توهان کي ٻڌايو ته مابعد جديديت فرانس ۾ اڀري ڪان اڳ مڪمل طور آمريڪي هئي آمريڪا جي ثقافتي طور سگهاري ٿيڻ سبب مابعد جديديت جي فلسفي کي هٿي ڏني ۽ دنيا ۾ پکڙجي وئي. رياست ۽ سرمائيدارن ان فلسفي کي وڌائڻ لاءِ پئسا ورهايا. پيو ان فلسفي جا رياست لاءِ فائدا گهڻا هئا. مثال طور رياست سماجي بهبود ۽ ڀلائي واري پاسي کان هٿ ڪڍي وئي ان فلسفي ۽ نيولبرلزم جي پاليسين ان کي همٿايو. انهن اين، جي، اوز کي پئسا ڏئي رياست جي ڪلهن تان عوام جي خدمت جو بار هٽائي ڇڏيو. ان سڀ جو نظرياتي تحفظ مابعد جديديت جي فلسفي ڪيو.

(هلنڊڙ)

- ”ماڻهو سياست ۾ هميشه دوکي ۽ خود فريبي جو شڪار ٿيندا آيا آهن ۽ هميشه ايئن ئي شڪار ٿيندا رهندا جيستائين اُهي سمورن سياسي، سماجي، مذهبي ۽ اخلاقي فقرن، اعلانن ۽ دعوائن پٺيان ڪارفرما طبقاتي مفادن کي نه ٿا سڃاڻي وٺن.“

(لينن)

- ”هڪ طبقاتي سماج ۾ هر ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن طبقي سان واسطو رکي ٿو ۽ اهڙي سماج ۾ موجود هر سوچ سمورن فرقن باوجود به هڪ يا ٻئي طبقي جي مفادن جو

شخصيت

ڪامريڊ حسن ناصر شهيد
پاڪستان اندر ڪميونسٽ تحريڪ جو قطب نما

(سندس **53** هين ورسي جي نسبت سان)

بخشل ٿلهو



سومر 12 ڊسمبر 1960 جو ڏينهن هو. لاهور جي مياڻي صاحب قبرستان ۾ ماڻهن جو چڱو خاصو انگ صبح کان جمع ٿيڻ شروع ٿي چڪو هو. ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ، سي آئي ڊي (تن ڏينهن ۾ اڄوڪي آئي ايس آئي انهي نالي سان ڪم ڪندي هئي) جا آفيسر ۽ سرڪاري ڊاڪٽر به اچي چڪا هئا. ماڻهن جي انبوهه ۾ هڪ بزرگ عمر جي عورت اڳيان اڳيان بيٺل هئي. قبر جي کوٽائي شروع ٿي ۽ جلد ئي هڪ تازي تابوت کي ٻاهر ڪڍيو ويو. تابوت کوليو ويو. اندران هڪ سڙيل ڳريل لاش ظاهر ٿيو. پوڙهي عورت لاش مٿان جهڪي. هن لاش جي وارن تي پنهنجون هٿ ڦيرڻ جي ڪوشش ڪئي. لاش جي ڏندن جو غور سان جائزو ورتو. لاش جي پيرن ۾ ٽِرن جا نيشان ڳولهڻ جي ڪوشش ڪانپوءِ، عورت سڌي ٿي بيٺي.”يه ميري بيٽي کي لاش نهين“ عورت دانهيو. ماڻهن منجهه ڦڙڦوٽ پئجي وئي. ” ظالمون ني بيٽي کو مارا تها، لاش تو دي ديتي“. عورت جو نانءَ بيگم علمبردار حسين هو. هو هندستان کان پنهنجي پٽ جو لاش وصول ڪرڻ آئي هئي ۽ ناڪام موٽي وئي. سندس پٽ جو نالو حسن ناصر هو.(1)

سيد حسن ناصر جي پيدائش 1928 ڌاري ٿي. سندس تعلق هڪ نهايت ئي امير خاندان سان هو. هو ڏکڻ حيدرآباد جي هڪ رٽائرڊ گهرو سيڪريٽري جو فرزند هو ۽ نواب محسن الملڪ جو پوٽو هو.ڪامريڊ حسن ناصر تڏهن هڪ ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽شاگرد سياست ۾ سرگرم هو. تن ڏينهن ۾ تلنگانا ۾ هلندڙ مسلح

هاري جدوجهد سان سندس سڌي ريت تعلق جڙيو ۽ هن تحريڪ جي حق ۾ شاگردن کي سرگرم ڪيو. پر جڏهن هندستاني فوج تحريڪ مٿان حملاآور ٿي ته ڪامريڊ حسن ناصر به بمبئي کان 1948ٿيندو ڏاري ڪراچي اچي نڪتو. شايد سندس ارادو انگلينڊ وڃي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو هو پر ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ٿي، ڪراچي جو ئي ٿي پيو. پورهيت عوام جي سورن ۽ تڪليفن کي هُن پنهنجو ڪيو ۽ مصيبتن ڀري زندگيءَ کي مٺو ڪيو. لطيف جي لفظن ۾ ته

سور جنين کي سريو، سري
تن صحت
مٺي مصيبت، آهي عاشقن
کي.

هن ملڪ اندر ڪميونسٽ تحريڪ جي تاريخ منجهه جيڪڏهن اهڙا ڪردار به آهن جن سون ڏسي سيڻ مٽائي، ته اهڙا مثال به آهن جن ٻي سيڻ سُٽي ۽ سون ڇڏيو. ڪامريڊ حسن ناصر شهيد به پنهنجي آدرشن لاءِ سک ۽ آسائش جي زندگي کي ترڪ ڪيو. هڪ طبقاتي سماج پنهنجي داخلي تضاد باوجود به هڪ ڪُل هوندو آهي. جنهن منجهه پورهيت طبقو عام حالتن ۾ حڪمران طبقن جي نظرين کان ۽ پورهيت تحريڪ جي اُڀار جي دور ۾ حڪمران طبقن جا ماڻهو به پورهيت فڪر کان متاثر ٿيندا آهن. پر انهي پرت جي ماڻهن جي متاثر ٿيڻ جا ڪيترائي دائرا هوندا آهن. متاثر ٿيڻ جو اونچو ۽ اعلي دائرو يا ڏاڪو ڊي ڪلاس ٿي، پورهيت تحريڪ سان عملي طور جڙڻ هوندو آهي. ڊي ڪلاس منجهان مراد هروڀرو پنهنجا حال خراب ڪرڻ ڪونهي. پر پورهيت فڪر ۽ سياست کي پنهنجي زندگي بڻائڻ ۽ پنهنجي رهائش، کاڌ خوراڪ پنهنجي سياءُ ۽ پنهنجي اٿڻ ويهڻ منجهه سادو ۽ عوامي هجڻ آهي. ڪامريڊ حسن ناصر واقعي هڪ اهڙو ڪردار هو جنهن پاڻ کي حقيقي طور تي ڊي ڪلاس ڪيو هو. لطيف جي لفظن "سائو منهن، سونهن گئي، سڪڻ اي شرط" جي مصداق، ڪامريڊ حسن ناصر ڪراچي جي مزدور بستيءَ ۾ رهائش پذير ٿيو. سندس رهائش هڪ ڪچي ۽ ٽٽل ڦٽل گهر ۾ هئي. هڪ تختي کي سرن جو سهارو ڏئي ميز بڻايو ويو هيو. ۽ هڪ لالٽين هئي جنهن جي مدد سان حسن ناصر مطالعو ۽ لک

پڙهه ڪندو هو. (2). هو نيم روپوشي جي حالت ۾ ٻن ٻن ڏينهن تائين پيو بک تي هلندي ڪم ڪندو هو ۽ پارٽيءَ کي سگهارو ڪيو. ڪامريڊ حسن ناصر شهيد جي هڪ مزدور ساٿي محمد علي جي بقول ته "حسن ناصر انهن چند آگرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن منجهان هو جنهن ڪراچي ۾ پارٽي جو ڍانچو مستقل محفوظ رکيو ۽ زمينون خريد ڪري بنگلا اڏڻ بجاءِ خود زيرِ زمين ٿي ويو. يعني پيدا ته ٿيو هو فرسٽ ڪلاس جيل وجڻ وارن منجهه، پر سندس ڪرتوت اُهي ڪونه هيا جيڪي فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪندڙ تحفظ پسند ڪميونسٽن جا هوندا آهن تنهن ڪري انهي تي ٿرڊ ڊگري به ڏاڍي زور شور سان ٿي." حسن ناصر جو هي مزدور ساٿي ٻڌائي ٿو ته ڪامريڊ حسن ٻين مزدورن منجهه اسٽڊي سرڪل به هلائيندو هو ۽ پارٽي جي جونئير ساٿين کي ٽريڊ يونين سياست جا اصول به سمجهائيندو هو. سندس چوڻ هو ته "ٽريڊ يونين جي ڪم ۾ مزدور وٽ هميشه اهڙي ريت وجو، جڻ ته تنظيم کي انهي جي سخت ضرورت آهي ۽ اُهو (مزودر) ميمبر ٿي توهان مٿان ۽ تنظيم مٿان وڏو احسان ڪندو. پر زور هميشه اهڙي مزدور تي ڏيو جيڪو سمجهڻ لڳي ته تنظيم جي ضرورت ڪيس خود آهي ۽ تنظيم کان بغير اُهو غرق ٿي ويندو. ڇاڪاڻ ته جنهن مزدور منجهه اُهو شعور هوندو اهو ئي ٽريڊ يونين جي سياست کان اڳتي وڌي سگهندو.(1،262)

پارٽي ۽ پورهيت تحريڪ لاءِ ڪامريڊ حسن ناصر جي پورهيي ۽ قربانين جي صحيح ڪٿ لاءِ ضروري آهي ته انهي دور جي سياسي حالتن جو مختصر جائزو ورتو وڃي.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ تاريخ جي سڀ کان وڏي لڏپلاڻ جا نئين ٺهندڙ رياست (پاڪستان) جي ترقي پسند تحريڪ تي ناڪاري اثر پيا. ڇاڪاڻ ته ڪميونسٽ سياست ڪندڙن جي اڪثريت غير مسلم هئي. پر تڏهوڪي اوڀر پاڪستان (هاڻوڪي بنگلاديش) جي حالت گهڻي بهتر هئي. انهي بهتري اتي پنهنجو اظهار بعد جي سگهاري قومي، جمهوري طبقاتي تحريڪ ۾ ڪيو. بهرحال ڪميونسٽ پارٽي انڊيا جي مدد سان ڪميونسٽ پارٽي پاڪستان جو وجود عمل ۾ آيو ۽ ڪامريڊ سجاد ظهير کي پارٽي جو پهريون سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو.حالتون تمام گهڻيون ڏکيون هيون. مذهبي نفرتون عروج تي هيون. پر پارٽي تمام گهڻي تيزي سان

نوان فرنٽ ٺاهيا ۽ برادر تنظيمن جي جوڙجڪ ڪئيءَ جلد ئي مسلم ليگ ڪانپوءِ ملڪ جي ٻي وڏي سياسي قوت ٿي اڀري. ڪامريڊ خالد آزاد ۽ شرف علي سان گڏ ڪامريڊ حسن ناصر کي سنڌ پارٽيءَ جي آرگنائيزنگ ڪاميٽي جو ميمبر بڻايو ويو.(3) ڪميونسٽ پارٽي جي وڌندڙ سگهه کي نئين رياست جي حڪمرانن پهرين ڏينهن کان پنهنجي اقتدار لاءِ خطرو ٿي ڄاتو. نئين غلامي جي پهرين سال ۾ ئي پورهيت تحريڪ جي سرواٽي جي الزام ۾ ڪامريڊ شرف علي، سوڀو گيانچنداڻي ۽ ڪامريڊ پوهو مل گرفتار ٿيا. جڏهن پارٽي جي ٽريڊ يونين اجرتن جي وڌاءُ جي حق ۾ ۽ مهانگائي خلاف تمام وڏا مظاهرا منظم ڪرڻ منجهه ڪامياب وئي ته حڪومت جواب ۾ سختي ڪندي مزدور اڳواڻ مرزا ابراهيم کي گرفتار ڪيو. موٽ ۾ سڄي ملڪ جي وڏي شهرن اندر مزدور هزارن جي تعداد ۾ ٻاهر نڪتا. 1948 جي اپريل مهيني ۾ ئي پارٽي ۽ يونين جي اڳواڻن ڪامريڊ سي آر اسلم ۽ فيض احمد فيض سميت ڪوڙ سارن اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو. سيپٽمبر مهيني ۾ پارٽي جي اهم اڳواڻن فيروزالدين منصور، ايرڪ سائيپيرين ۽ دادا امير حيدر کي به گرفتار ڪيو ويو. (4). هي اهي حالتون هيون جن ۾ ڪامريڊ حسن ناصر کي سنڌ اندر پارٽي جي جوڙجڪ جي ذميواري ڏنل هئي. رياست به تنظيم کي ٻاهران دٻائڻ سان گڏ اندران ڪمزور ڪرڻ جي باقاعده ڪوشش ڪرڻ لڳي هئي. هڪ همراه نالي عزيز احمد اهڙي وقت ۾ پارٽي اندر ميمبرشپ جي درخواست ڏني پرسندس مشڪوڪ ڪردار سبب حسن ناصر اها درخواست رد ڪري ڇڏي. عزيز احمد پارٽي جي سينٽرل ڪاميٽي ذريعي وري درخواست ڏني جيڪا ٻيون دفعو به ڪامريڊ رد ڪئي پر جڏهن 1951 ۾ پنڊي سازش ڪيس جي بهاني حڪومت ڪميونسٽ پارٽي مٿان ڪڙڪي پئي ۽ سموري قيادت کي ڪامريڊ حسن ناصر سميت جيل پيڙو ڪيو ويو ته ميدان خالي ٿيڻ سبب عزيز احمد پارٽيءَ جوميمبر بڻجي ويو(5). 1953 جي آخر ۾ حسن ناصر جيل منجهان آزاد ٿيو ته پهرين کان وڌيڪ کُلي طور ڪم ڪرڻ لڳو پر جتي ڪيس سوڀي ۽ عزيز سلام بخاري جهڙا رفيق ۽ ڪمٽيڊ دوست ميسر هيا اتي عزيز احمد جهڙا ماڻهو به پارٽي عهدن تي اڇي چڪا هئا جنهن جو پنهنجو گروپ به سرگرم ٿي چڪو هو. جنهن ۾ ٻيو اهم ماڻهو طفيل عباس هو جيڪو اورئنٽ

ائيرلائين يونين جو چڱو مڙس بڻجي ويو.

1954 ۾ پاڪستان جي حڪومت سامراجي معاهدن جهڙوڪ بغداد پيڪٽ ۽ سيٽو جو حصو بڻي ۽ پنهنجي نون آقائن (آمريڪي سامراج) جي خوشنودي لاءِ ڪميونسٽ پارٽي ۽ انهي جي عوامي فرنٽن (جهڙوڪ پاڪستان ٽريڊ يونين فيڊريشن، ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ، انجمنِ ترقي پسند مصنفين ۽ هاري فرنٽ) تي پابندي مڙهي. پارٽي جي وفاقي ڍانچي کي ڪاپاري ڌڪ رسيو. پارٽي جا فرنٽ آزاداڻي انداز ۾ هڪٻئي کان ڪٽيل صورت ۾ ڪم ڪندا رهيا.پارٽي جا اهم ماڻهو يا ته گرفتار ٿي ويا انڊر گرائونڊ ٿي ويا. پر عزيز احمد گرفتار نه ٿيو ۽ طفيل عباس به گرفتاريءَ کانپوءِ ڪن مهينن اندر آزاد ٿي ويو. ۽ حسن ناصر جي غير موجودگيءَ ۾ ڪراچي ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري بڻيو. 1955 ۾ ملڪ اندر ون يونٽ لاڳو ڪيو ويو ڪامريڊ حسن ناصر کي جلاوطن ڪيو ويوءِ هو هندستان پنهنجي خاندان وٽ ويو. بعد ۾ پارٽي جي ٻي اهم قيادت کي به ملڪ بدر ڪيو ويو. 1956 جي پڇاڙي ۾ سجاد ظهير انڊيا، محمد افضل انگلينڊ، ۽ اشفاق بيگ ماسڪو لاءِ اڏاڻا. پويان بچيل قيادت ۾ فيروز الدين منصور جهونو ٿي چڪو هو ۽ مرزا ابراهيم، اريڪ سائپرين، سبط حسن ۽ سي آر اسلم مختلف ڪارٽن جي ڪري محدود ٿي چڪا هئا. 1957 ۾ نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) جو وجود عمل ۾ آيو ۽ ڪميونسٽ پارٽي انهيءَ جو حصو بڻي. هندستان ۾ ڪامريڊ حسن ناصر تي پنهنجي عزيزن طرفان اهو دٻاءُ وڌندو ويو ته هو هاڻ هندستان ۾ رهي يا تعليم لاءِ انگلينڊ آمريڪا هليو وڃي. ايتريقدر جو ڪيس آنڌرا پرديش جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کان به چورايو ويو. سندس امڙ تي زور ڏنو ويو ته هو پنهنجي پُٽ کي روڪي. بيگم علمبردارجي دل اُن وقت لطيف جي انهن سٽن جهڙن خيالن کي ضرور دل ۾ آندو هوندو ته

وڃيئي وسري شال! جو تون سودو سڪيئن،
آڇا آئين ڪالهه، پڻ ٿو سفر سنبهين!

پر شايد سندس امڙ سمجهي ورتو هو ته جن پنهنجا پڳهه ڇوڙي، ٻيڙا ٻار ۾ وجهي ڇڏيا آهن، سي هلڻ هارا سامونڊي، روئڻ سان به نه رهندا، تنهن ڪري هُن به نه رڪڻ واري جي من تي

وڏيڪ بار نه پئي وجهڻ چاهيو.
ملڪ بدر ٿي ويندڙن منجهان گهٽي پاڳي ڪامريڊن وري موٽ ڪونه ڪاڍي. پرڪامريڊ حسن ناصر جلاوطني جا ٻه سال پورا ڪري واپس پهتو. بقول ڪامريڊ سوڀي جي ته " ان وقت آءُ ڪراچي ۾ نيئن سنڌ اخبار جي سلسلي ۾ رهائش پذير هيس. اوچتو هڪ ڏينهن هو (حسن ناصر) منهنجو پار پتو پڇندو اچي اخبار جي دفتر ۾ ظاهر ٿيو ۽ مونکان پڇڻ لڳو " آءُ پنهنجا جلاوطني جا ٻه سال پورا ڪري واپس پهتو آهيان. هاڻ منهنجي لاءِ ڪهڙوحڪم آهي؟" ۽ مون هن کي نعپ جي مرڪزي آفيس سنڀالڻ جو مشورو ڏنو. ان ڪانپوءِ اسان پوءِ تقريبا روز ملڻ لڳاسين.(6)" (ڪجهه ٻيا ذريعا حسن ناصر جي جلاوطني جو عرصو ٻه نه پر هڪ سال ٻڌائين ٿا). پاڪستان اندر پارٽي ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار هئي ۽ سرگرم ڪارڪنن ۾ مايوسي جو عنصر داخل ٿي چڪو هو. عزيز احمد وارو گروپ ٻه مٿي اسري اهم عهدن تائين پهچي چڪو هو. اهڙي صورتحال ۾ هڪ مزدور ساٿي جڏهن وچ اوپر جي ڪنهن ملڪ طرف نڪري وڃڻ چاهيو ته حسن ناصر ڪيس ڳولهي هٿ ڪري سمجهايو ته " آءُ به ويو هيس هندستان پر جلاوطني بعد موٽي آيو آهيان، نه ته خاندان جون جاگيرون مونکي روڪي سگهيون ۽ نه اُتان جي پارٽي، جنهن منهنجي خاندان وارن کي اها ڳالهه مڃرائي ته مونکي اُتي ئي رهڻ گهرجي. ڇو نه رُڪيس آءُ اُتي؟ اِنهيءَ لاءِ نه ته ڪو مونکي اُن ديس کان نفرت آهي جتي آءُ پيدا ٿيس، جنهن مٿيءَ جي اناج تي آءُ پليس. اُن جڳهه کان آءُ نفرت ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ پر اُتي منهنجو ڪم نه هيو. جن مزدورن ۾ رهي مون ڪم ڪيو، سوشلزم سکيو ۽ سيکاريو آهي، اُهي هِن ڌرتي تي آهن، ڪراچي ۾ آهن، هندستان ۾ نه آهن، آءُ انهي لاءِ هليو آيس ۽ هاڻي آءُ اِتي ئي رهندس. تون به اِتي ئي رهه. اسانجون قبرون هاڻ هِن ڌرتي تي ٺهنديون. چاڪاڻ ته مزدور جو وطن اُهو ئي آهي جتي سندس محنت ۽ سياست آهي باقي شيون غير اهم آهن.(7)" اهڙي ريت حسن ناصر نعپ جي پليٽ فارم تان سرگرم ٿي، سنڌ اندر تنظيم ۽ تحريڪ کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار نڀايو. انهيءَ ڪم دوران سنڌس ويجهڙائپ نعپ جي ٻين اهم اڳواڻن ، سائين جي ايم سيد ۽ محمود الحق عثماني سان ٿي. نعپ پاڪستان جي

سمورن ڪميونسٽن، قومپرستن ۽ جمهوريت پسندن جو اتحاد هو، جيڪو سامراج مخالف هو. سيٽو سينٽو جي خلاف هو، ملڪ ۾ جمهوريت جو حامي هو. صوبن جي بحالي ۽ قومي خوداختياري جي حق ۾ هو. مسلم ليگ جي حڪومت طرفان 1958 جي اعلانيل اليڪشن ۾ نعپ ۽ عوامي ليگ جي ڪٽڻ جا واضع امڪان هئا. پارليامينٽ ۾ اڳ هڪ ڪميونسٽ نظام الدين ميمبر رهي چڪو هو جنهن اقتدارِ اعلي ڪي مٿي ۾ سور وڌو هو. هاڻ جيڪڏهن ويهارو ڪن به اهڙا ماڻهو (ٻين قومپرستن کان علاوه) اچي ٿي ويا ته مامرو ڳرو ٿي ٿيو. نتيجي طور پاڪستان جو غير جمهوري عوام دشمن حڪمران طبقن ۽ سندن آقا آمريڪا جي مدد سان فوج کي گرين سگنل ڏنو ويو. 1958 ۾ ايوبي مارشل لا لڳي.. وري پارٽي ۽ ترقي پسند قوتن مٿان عذاب ڪڙڪيو. جنهن خلاف عوام وري منظم ٿي جنگ جوٽي . غالباً اهو ئي زمانو هو جڏهن ڪامريڊ حسن ناصر شهيد، مرحوم ڪامريڊ حسن مگسي وٽ روپوش ٿيو هو. ڪامريڊ حسن مگسي جي فرزند قربان مگسي جي بقول ته ” ڪامريڊ حسن ناصر کي بابا وٽ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي اهو چئي ڇڏي ويو هيو ته هي امانت آهي انهي جو خيال ڪجانءِ. بابا تڏهن تعلقي فيض گنج، ضلعي خيرپور جي وارياسي علائقن ۾ خانه بدوش ٿي رهندو هو ۽ ريدار هو. ڪامريڊ حسن بابا سان گڏ ٿي مهينا گهمندو رهيو ۽ وچ ۾ سخت بيمار به ٿي پيو هو جو بابا کيس تعلقي اسپتال ۾ ڪٽائي ويو هو. بابا ٻڌائيندو هو ته حسن ناصر ماڻهن سان رابطي ۽ حال احوال جو موقعو هٿان نه وڃائيندو هو. جتي ڪجهه ماڻهو ڏسندو هو انهن سان هن نظام ۽ جدوجهد بابت ذڪر ڪندو هو. سندس انهي غير ذمينداريءَ جي بابا ڪامريڊ حيدربخش وٽ شڪايت به ڪئي هئي. بهرحال روپوشي جي دور کان اڳ حسن ناصر جو گهڻو زور ٽريڊ يونين(مزدورن)، ڊي ايس ايف (شاگردن)، ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين (دانشورن) پر پهراڙين جي سخت زندگيءَ ۽ هارين سان گڏ رهڻ ڪانپوءِ هو هاري ڪاميٽي ڏانهن به پهرين کان وڌيڪ متوجه ٿيو. ڪراچي ۾ اچڻ ڪانپوءِ حسن ناصر ڪنهن قدر روپوش هوندي به سرگرميون جاري رکيون. 6 آگسٽ 1960 جو حسن ناصر کي وري گرفتار ڪيو ويو. گرفتاري ڪانپوءِ کيس لاهور جي لعل قلعي ۾ رکيو ويو ۽ مٿس سخت تشدد ڪيو ويو. انگريز سامراج پنهنجي بيٺڪيتي دور ۾

لاهور جو لعل قلعي کي جيڪو مغل دور جي تعميراتي فن جو، مظهر هو، کي هڪ تفتيشي آفيس، جيل خاني ۽ ٽارچر سيل ۾ تبديل ڪيو. جتي1857 واري آزادي جي تحريڪ جي سرگرم ڪارڪنن کي جمهوريت، پائيچاري ۽ انسانيت جاسبق پاڙهيا ويندا هيا. انگريز ويندي ويندي عوام تي حاڪميت جا گُر ۽ جوڙيل پنهنجا ادارا نون ساٿارين يعني پاڪستاني حڪمرانن کي ڏنا، جن ساڳين ادارن کي ساڳي روش سان، عوام دوست قوتن، ڪميونسٽن خلاف استعمال ڪيو.

ڪامريڊ حسن ناصر کي لاهور قلعي جي 13 نمبر ڪوٺي ۾ 13 نومبر جي ڏينهن اذيتون ڏئي ڏئي ماريو ويو. ان دور جي سندس هم عصر ساٿين منجهان جيڪڏهن ڪنهن همت نه ڪئي هجي ها ته اڄ حسن ناصر به سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪيئي قومپرست ڪارڪنن ۽ ڪامريڊ حشو ڪيولراماڻي جيان هڪ گم ٿيل ڪردار هجي ها. 19 نومبر جي تاريخ تي جڏهن ميجر اسحاق (جيڪو پاڻ اُن قلعي منجهان ڪجهه ڏينهن پهرين آزاد ٿيو هو. ميجر اسحاق، فيض احمد فيض ۽ سجاد ظهير سان گڏ 1951 واري پنڊي سازش ڪيس ۾ چار سال جيل ۾ رهيو. 60 ۽ 70 جي ڏهاڪي ۾ هو مزدور ڪسان پارٽي جو اڳواڻ رهيو ۽ هارين جي مسلح، هشت نگر واري تحريڪ جو روحِ روان به هيو. ضياءُ جي آمريتي دور ۾ ئي ڪامريڊ وري گرفتار ٿيو ۽ ڪيس اسيريءَ دوران فالج جو حملو ٿيو، هُن علاج جي حڪومتي آفر کي موٽايو ۽ 1982 ڌاران وفات ڪري ويو.) فيض احمد فيض سان مليو ته فيض کيس ٻڌايو ته " توکي خبر آهي ته قلعي ۾ اسانجو ڪهڙو ماڻهو بند آهي؟ جواب آيو "نه پر شايد حسن ناصر" فيض چيو "ها، مٿس سخت تشدد ڪيو پئي ويو، اسانجي هڪ ڪامريڊ جي پاڙي ۾ هڪ عورت قلعي ۾ پنهنجي مڙس لاءِ ماني کڻي ويندي هئي . تنهن ٻڌايو پئي ته قلعي ۾ هڪ قيدي تي تمام گهڻو تشدد ٿي ڪيو ويو پر پوءِ قلعي کي ٽي ڏينهن هر ٻاهرين ماڻهو لاءِ بند ڪيو ويو." ڪڏهن جي ڳالهه آهي؟ ميجر اسحاق پڇيو. ٽي چار ڏينهن جي ڳالهه آهي. فيض وارٽيو. ۽ پوءِ پاڪستان ۾ حسن ناصر جي عزيزن جي ڳولها جو ڪم شروع ٿيو ڇاڪاڻ ته قانوني طور هڪ عزيز ئي پنهنجي ماڻهوءَ جي خير عافيت جي جاچ لاءِ قيدي سان ملي ٿي سگهيو. پر حسن ناصر جو پنهنجي ڪامريڊن ڪانسواءِ ٻيو هتي ڪير هو. سو قانوني طور

حسن ناصر جي جان کي خطرو ڄاڻائي ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو. پنجاب پوليس ته شروع ۾ اڻڄاڻائي ظاهر ڪئي ۽ چيو ته حسن ناصر ڪراچي جو هو سو اتي سندس ڳولها ڪئي وڃي پر مامرو جيئن جيئن وڌندو ٿي ويو تئين آخرڪار پنجاب پوليس ۽ سي آئي ڊي نيٺ مجبور ٿي، 22 نومبر تي ڪورٽ کي ٻڌايو ته 13 تاريخ تي حسن ناصر پنهنجي اڳٺ سان پاڻ کي ڦاهي ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي. ٻي ڏينهن جي اخبارن منجهه اها خبر پوري ملڪ جي ترقي پسند تحريڪ تي وڄ وانگر ڪڙڪي. هڪ ته هاڻي حسن ناصر ناهي رهيو ٻيو وري مٿس خودڪشي وارو الزام. اهو الزام هڪ طرف ته رياستي ادارن طرفان لڳايو ٿي ويو پر ساڳي وقت پارٽي جي ڪجهه ماڻهن به شڪ جي فضا پيدا ڪئي. طفيل عباس به گرفتار هو ۽ 1962 تائين جيل ۾ رهيو. حسن ناصر جي حوالي سان انهن ماڻهن تي آگريون کڄيون ۽ بعد ۾ پارٽي انهن خلاف هڪ سرڪيولر به ڪڍيو. جڏهن ته انهن جو موقف اهو رهيو ته حسن ناصر روپوشي دوران غير ذمينداريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ گرفتار ٿيو. ياد رهي ته شهادت وقت حسن ناصر جي عمر 32 ورهيه هئي ۽ هو سنڌ پارٽي جو جوائنٽ سيڪريٽري هو. حسن ناصر ته نه رهيو پر مٿس خودڪشي واري الزام کي صاف ڪرڻ ضروري هو ڇاڪاڻ ته حسن ناصر جي ويجها ڪامريڊ اهو مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هيا ته حسن ناصر جهڙو بهادر ۽ ڪمٽيڊ ساٿي ڪو اهڙو ڪم به ڪري سگهي ٿو. نتيجي طور ڪيس جي نوعيت بدلائي وئي ۽ جلد از جلد حسن ناصر جي لاش کي ٻاهر ڪڍرائڻ ۽ وري پوسٽ مارٽم ڪرائڻ جي ڳُهر تي زور ڏنو ويو ته جيئن لاش جي ڳرڻ کان اڳ موت جو اصل ڪارڻ عوام تي ظاهر ٿي سگهي. ڪيس جي پيروي ڪندڙن تي رياستي دٻاءُ وڌندو ويو ۽ مختلف طريقن سان ڪيس کي ڊيگهه تي ڏني وئي ۽ هيڏانهن لاش جي ڳرڻ واري تشويش به وڌندي تي وئي. بهرحال هٽندي مارنيدي ڪورٽ 12 ڊسمبر تي سندس لاش ڪڍڻ جو حڪم ڏنو. پنهنجي پٽ جو لاش وصول ڪرڻ لاءِ سندس امڙ ڪجهه ڏينهن پهرين هندستان منجهان ڪهي آئي. جڏهن قاتلن جو وس ڪيس جي پيروي ڪندڙ ڪامريڊن تي نه هليو ته هنن حسن ناصر جي والده سان ملي ڪيس يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس پٽ خودڪشي ڪئي آهي ۽ هاڻي هي ڪافر ڪميونسٽ هڪ سيد زادي جي لاش کي ٻاهر ڪڍرائي انجي بي

حُرمتي ڪرڻ ٿا چاهين. پر ڪامريڊ جي امڙ وٽ بچائڻ لاءِ هاڻي ڇا هو.؟ ڪيس پنهنجي پُٽ جو جسم گهربل هو جنهن کي هو پنهنجي ديس ۾ پنهنجي رسمن سان پنهنجي اڳيان دفن ڪري سگهي. پر ڪيس اهو به نصيب نه ٿيو. ناول هزار چوراسي ۾ اهڙي ئي هڪ ڪامريڊ جي امڙ کي سندس پُٽ جو جسم ڏنو ويو هيو پر نالو نه. ڇاڪاڻ ته ڪامريڊ جي والد جو تعلق به حڪمران طبقن سان هو جنهن پنهنجي پٽ کي جيڪڏهن پنهنجو ٿي ڪيو ته سندس سماجي اسٽيٽس تي داغ ٿي پيو. تنهن ڪري سندس پٽ کي هندستاني حڪومت لاش نمبر (1084) جي نالي سان، سندس ماءُ کي ڏيکاري دفن ڪيو. سندس ماءُ بعد ۾ هزار چوراسي جي ماءُ سڏجڻ لڳي. پر بيگم علمبردار حسين کي سندس پُٽ جي لاش نه ڏيکاريو ويو پر سندس پٽ ڪو هاڻي ڪو نمبر به نه هيو. هن شهيد حسن ناصر جي ماءُ جي حيثيت ماڻي. هوءَ پاڪستاني ادارن جي ڪمينگيءَ جو شڪار ٿي هئي تنهن ڪري هُن ويندي ويندي ميجر اسحاق ۽ ٻين ڪامريڊن کي چيو ته مون هڪ پُٽ وڃايو آهي ۽ ٻيا وڃائڻ نه ٿي چاهي سو هو احتياط ڪن. سندس پُٽ مٿان قاتلن طرفان خودڪشيءَ جو الزام به ڪوڙو ثابت ٿيو . پاڪستاني ادارن پنهنجي بي حيائي جي رونمائي جو عمل جاري رکيو. ٻي ڏينهن جي اخبارن ۾ سرڪاري بيان اهي هيا ته '' اسانکي خبر هئي ته اها پوڙهي هتان پنهنجي پٽ جو لاش نه کڻي ويندي. ڪيس هندستاني ڪميونسٽن لاش وصول ڪرڻ کان جهليو هو. ڪامريڊ حسن ناصر طبقاتي جدوجهد ۽ مارڪسي تحريڪ کي منظم ڪرڻ جو ڪم نه صرف پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪندو رهيو پر پنهنجي موت ڪانپوءِ به ڪندو رهيو. ڪامريڊ حسن ناصر پاڪستان اندر پورهيت تحريڪ جو اهو عظيم شهيد ٿي ظاهر ٿيو جنهن ايندڙ سمورن نسلن کي اتساهيو ٿي. اهو اتساهه جيڪو ڪامريڊ شهيد نذير عباسي سميت ڪيترن ئي گمنام ڪردارن جو قطب نما بڻيو. . هڪ اهڙي ڪردار کي ترقي پسند تحريڪ جي عظيم شاعر هيئن پيٽا ڏني.

نگاہیں آج میری تاری نظر سے
کٹ کر
ٹکڑے ٹکڑے ہوئے آفاق پہ

خورشيد و قمر
اب کسی سمت اندھیرا نہ اجالا
نہ ہوگا
بجھ گئی دل کی طرح راہ وفا
میرے بعد
دوستو! قافلاء درد کا اب کیا
ہوگا
ابکوئی اور کرے پرورش گلشن
غم
دوستو ختم ہوئی دید و تر کی
شبنم
تھم گیا شور جنون ختم ہوئی
بارش سنگ
خاک راہ آج لئے ہے لب دلدار
کا رنگ
کوئی جانان میں کھلا میرے لہو
کا پرچم
دیکھئے دیتے ہیں کس س کو
صدا میرے بعد
کون ہوتا حریفہ مئہ مرد افغان
عشق
ہے مقرر لب ساقی پہ جلا
میرے بعد

(فيض احمد فيض 1961)

اڄ به پاڪستان ۾ سنڌ اندر طبقاتي ۾ قومي جبر پنهنجي عروج تي آهي. سامراج ۾ انجا ساٿاري ڏيهي پڇ لٽڪائو حڪمران پهرين کان وڌيڪ ننگا ٿي چڪا آهن. اڄ به سياسي ڪارڪنن جو

ڪوس جاري آهي. عالمي طور تي اڄ ڪو اشتراڪي روس يا چين ڪونهي. جنهنجي ٽيسز پارٽين منجهه بحث هيٺ هجي. پيو ته ڇُٽو پر پورهيت طبقي ۽ مظلوم قومن جي نمائندگي ڪندڙ پارٽيون به پهريون جهڙيون سگهاريون ڪونهن. لطيف جي سٽن ۾ ته

گهڙو ﭘڳو، منڌ مئي، وسيلا ويا
تنهان ﭘوءِ سٽا، سهٽي سڏ ميهار جا

سو اهڙين حالتن ۾ اڄ وري مظلوم پورهيت عوام ۽ محڪوم قومن جي سڏ ڪي ﭘڏڻ جي ضرورت آهي. اڄ وري پورهيت تحريڪ ڪي ڪامريڊ حسن ناصر ۽ ڪامريڊ نذير عباسي جهڙين ڪمٽيڊ ڪردارن جي ضرورت آهي. اڄ ڪامريڊ حسن ناصر جي 53 هين ورسي تي حسن ناصر سان حبيب جالب جي لفظن ۾ وچن جو ڏينهن آهي ته

قاتل کے گن گانے والا کا سوگ منائے کیوں؟
رہزن سے مل جانے والا رہنما کہلائے کیوں؟
سچ کا خون بہانے والا ہم لوگوں میں آئے کیوں؟
ہم ہیں حسن ناصر کے ساتھی، ٹھیک ہمارا رستا ہے
جو ہم دل والوں سے الجھے، جاہ طلب ہے جھوٹا ہے

جھونپڑیوں سے ہم اٹھے ہیں محلوں پہ چھا جائیں گے
زرداروں کا نام مٹا کر راج عوامی لائیں گے

مزدورں کا سرخ پھریرا ہم اونچا
لہرائیں گے
خون حسن ناصر کا بدلا لینگے اک
اک قاتل سے
دور نہیں کر سکتا کوئی، ہم کو
اپنی منزل سے۔

مددي ڪتاب ۽ مضمون

1. حسن ناصر کي شهادت   ميجر اسحاق محمد. ص نمبر 227
2. حسن ناصر؛ پاڪستاني عوام ڪي آواز.........عاصم علي شاهه
3. History of communist movement in Pakistan. By Iqbal laghari. P# 47
4. DO..............P# 53
5. DO..............P# 94
6. حسن ناصر... قلعه لاهور ڪا شهيد انقلابي.... سوڀو گيانچنداڻي
7. حسن ناصر کي شهادت   ميجر اسحاق محمد. ص نمبر 303

هندستاني معاشري ۾ عورت جو مقام

ڊاڪٽر مبارڪ علي/ دليپ ”دوشي“

حصو پهريون

قديم آثارن ۽ مذهبي لکڻين مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ٻين تهذيبن جيان هندستان ۾ به ابتدائي دؤر ۾ مادري نظام رائج



